ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) خميس پهرين آڪٽوبر 2026ع 18 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (47)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Thursday 30th September 2026
سال (18) خميس پهرين آڪٽوبر 2026ع 18 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (10)
Daily Ibrat Karachi

سنڌ طاس معاهدو: ڀارت کي پاڻي کي بطور هٿيار استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي: پاڪستان

پاڻي پاڪستان جي 24 ڪروڙ عوام جو بنيادي ۽ مجبل حق آهي. عالمي برادري کي ان معاملي جي حساسيت جو ادراڪ ڪرڻو پوندو. پنهنجي سڃاڻپ سنڌو درياهه جي پاڻين سان وابسته سمجهون ٿا: وزير اطلاعات

پاڪستان عالمي قانون موجب قومي مفادن جو دفاع جاري رکندو. سنڌ طاس معاهدي جي حيثيت ۾ هڪطرفي تبديلي جا وسيع تر اثر سڄي خطي ۾. سرحد پار پاڻين جي انتظام تي پنهنجي سگهن ٿا: عطاءُ الله تارڙ

سنڌ طاس معاهدي جي وجود ۾ اچڻ ۽ ٻن ڌرين ۾. صحيحن جي وقت شايد اهو تصور به نه ڪيو ويو هوندو ته ڪجهه ڏهاڪن ڪانپوءِ اهڙو وقت به ايندو جو ڀارت قانوني گهرجن کان اڳتي ۽ اخلاقي قدرن کان عاري ٿي ويندو

سنڌ طاس معاهدو شرطن ۽ ضابطن جو تعين ڪندڙ قانوني فريم ورڪ آهي. ٻنهي ڌرين تي قانوني طور لاڳو آهي. جڏهن معاهدي ۾ اهو شرط به موجود هجي ته ان کي هڪطرفي طور تي ملتوي يا ختم نٿو ڪري سگهجي

معاهدي کي نه ته هڪطرفي تبديل تي تبديل. ختم يا ملتوي ڪري سگهجي ٿو ۽ نه ئي ان کي معطل ڪري سگهجي. ڪنهن تڪرار جي صورت ۾. ٻه ٻئي ڌريون معاهدي جي شرطن ۽ ضابطن تي عمل ڪرڻ جون پابند آهن

آگسٽ 2025ع ۾ عالمي ثالثي عدالت پاڪستان جي موقف کي قانوني سگهه ڏني ته معاهدي جي حيثيت کي هڪطرفي طور تبديل ڪرڻ جي ڪوشش نه ٿي ڪري سگهجي. سنڌ طاس معاهدو خطي ۾ امن ۽ استحڪام جو ذريعو آهي

ڀارت پنهنجي غيرقانوني قدمن جي دفاع لاءِ مبينا سرحد پار دهشتگردي کي جواز جي طور تي پيش ڪري ٿو. دهشتگردي خلاف جنگ ۾ گذريل ڪيئي ڏهاڪن دوران پاڪستان کي 150 ارب ڊالر کان وڌيڪ جي معاشي نقصان کي منهن ڏيڻو پيو آهي: تقريب کي خطاب

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته سنڌ طاس معاهدو هڪطرفي طور تي معطل، ملتوي يا تبديل نه ٿو ڪري سگهجي پاڻي پاڪستان جي 24 ڪروڙ عوام جو بنيادي ۽ مجبل حق آهي ڀارت کي پاڻي کي بطور هٿيار استعمال ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. پاڪستان عالمي قانون موجب پنهنجي قومي مفادن جو دفاع
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ سنڌ طاس معاهدي بابت ڳالهاءِ ۾ شريڪ آهي

حڪومت بزرگ ملازمن کي پينشن جي ادائيگي لاءِ ڊيجيٽل تصديقي نظام ٺاهيو آهي: وزيراعظم

بزرگ شهرين جي احترام کي لفظن کان وڌي ڪري پاليسي سازي، اداراجاتي سڌارن ۽ موثر عملي قدمن ۾ آڻڻ جي لاءِ پرعزم آهي

وڌيڪ قدمن ۾ ايمپلائيز اولڊ ايج بينيفٽس انسٽيٽيوشن (اي او بي آءِ) جي دائري ۾ توسيع ۽ بزرگ مستحقين جي لاءِ خصوصي مالي مدد شامل آهي

نوجوان پنهنجي بزرگن جي عزت ۽ احترام ۽ نگهداشت جو خصوصي اهتمام ڪن. اها ئي اسان جي ديني تعليم ۽ ثقافتي تهذيب جي گهرج آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته حڪومت بزرگ شهرين جي احترام کي لفظن کان وڌي ڪري پاليسي سازي، اداراجاتي سڌارن ۽ موثر عملي قدمن ۾ آڻڻ جي لاءِ پرعزم آهي. صوبائي حڪومتون، سول سوسائٽي جون تنظيمون ۽ نجي شعبو فلاحي معاشرو جوڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي وفاقي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ڪچي وارن علائقن جي بحالي ۽ پائيدار ترقي لاءِ ڀرپور قدم کڻي رهي آهي: فريال ٽالپر

سنڌ اسيمبلي جي اسٽينڊنگ ڪميٽي اجلاس ۾ سکر ۽ لاڙڪاڻي جي ڪچي وارن علائقن جو جائزو ورتو ويو

تعليم، صحت، روڊن، پوليس ٿاڻن، پوسٽن ۽ تربيتي مرڪزن بابت واضح سفارشون جوڙيون وڃن: چيئرپرسن

علائقي جي عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ سميت بهتري لاءِ عملي قدم وڌيڪ تيز ڪيا ويندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي ۾ ڪچي وارن علائقن جي ترقي، بحالي ۽ عوامي مسئلن جي حل بابت اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن جي صدارت گهرو ڪاتي بابت قائمه ڪميٽي جي چيئرپرسن فريال
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گهرو ڪاتي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي گڏجاڻي فريال ٽالپر جي صدارت ۾ ٿي رهي آهي

سنڌ ريسڪيو 1122 جي شهيدن جي معاوضي لاءِ 3 ڪروڙ منظور، ملازمن جي پگهارن ۾ 7 سيڪڙو واڌ

صوبائي صلاحڪار ۽ چيئرمين گيانچند ايسراڻيءَ جي صدارت هيٺ سنڌ ايمرجنسي ڪائونسل جو ڇهون اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ ملازمن جي انشورنس ۽ پينشن جون تجويزون ڪابينا ڏانهن موڪلڻ جو فيصلو ڪيو ويو

شڪارپور ۽ مٽياري ۾ ريسڪيو سروسز فعال ڪرڻ، نيون سيٽلائيٽ اسٽيشنون قائم ڪرڻ تي غور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير جو بحالي ڪاتي بابت صلاحڪار ۽ چيئرمين گيانچند ايسراڻيءَ جي صدارت هيٺ سنڌ ايمرجنسي ڪائونسل جو ڇهون
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير شاهينه شير علي عملدارن سان ڳالهائي ڪري رهي آهي

پاڪستان جي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني رپئي جي قدر ۾ واڌ رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان جي انٽر
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

پاڪستان پاران اير ٽي آئر 25 جي بازيابي دوران ٽن پاڪستاني شهرين سميت 5 ٽيمني جانين جي زيان تي تعزيت جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان صوماليه
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ۽ اسرائيل جنگي ناڪامي کان پوءِ ايران کي اندروني طور ورهائڻ چاهين ٿا: صدر پزشڪيان

دشمن هاڻي ملڪ اندر اختلافن کي هوا ڏئي ان ۾ ويڇا پيدا ڪرڻ جي حڪمت عملي تي عمل ڪري رهيا آهن

قومي اتحاد ۽ يڪجهتي جي اهميت ڄاڻون ٿا، ملڪ کي ڪمزور ڪرڻ بدران سمورن شهرين جي شرڪت ۽ تعاون کي هٿي ڏيڻ گهرجي

تهران (اي پي پي) ايران جي صدر مسعود پزشڪيان چيو آهي ته آمريڪا ۽ اسرائيل جا فوجي ذريعا ايران کي جهڪائڻ ۾ ناڪامي کان پوءِ هاڻي ملڪ اندر اختلافن کي هوا ڏئي ان ۾ ويڇا پيدا ڪرڻ جي حڪمت
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

لاهور: هڪ پيرسن ريڙهي تي مختلف سامان کڻي اچي رهيو آهي

عورتن جي معاشي ترقي ۽ بااختيار بڻائڻ سنڌ حڪومت جي ترجيح آهي: شاهينه شير علي

صوبي ۾ عورتن لاءِ هنر جا وڌيڪ ڪورس شروع ڪري کين معاشي طور بااختيار بڻايو ويندو

عورتن جي فلاح لاءِ ڪم ڪندڙ ادارن ۽ اين جي اوز سان سهڪار وڌيڪ وڌائڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير شاهينه شير علي سان سيڪريٽري ناصر عباس ڳالهائي ڪئي ۽ سنڌ جي عورتن جي ترقي واري ڪاتي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. هن چيو ته سڄي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سنڌ پوليس جي 341 جونيئر ڪلارڪن کي سينيئر ڪلارڪ طور ترقي ڏني وئي

ڪاتي ۾ 445 ڪيسن جي ڇنڊڇاڻ کانپوءِ 341 ملازمن جي ترقيءَ جو عمل مڪمل ڪيو ويو

آءِ جي پاران ترقي ماڻيندڙ ملازمن کي مبارڪون، فرض نڀائڻ لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍهو جي منظوري سان سنڌ پوليس جي مختلف شعبن ۾
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 4 ڄڻا فوت

ڊرگ روڊ انڊر پاس وٽ ڊمپر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار نوجوان فوت، ٻه ٽينگر زخمي

اورنگي ٽائون ۾ واٽر ٽينڪر جي ٽڪر سبب نوجوان فوت، حب ڊيم روڊ تان اڻڄاتل شخص جو لاش مليو

گلبائي چوڪ وٽ گهر مان عورت جو لاش جو ڦاهو لڳل مليو، پوليس پاران مختلف واقعن جي جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ گهر مان ڦندو پاتل عورت جي لاش ملڻ سميت چار ڄڻا فوت ٿي ويا. تفصيل موجب ڊرگ روڊ انڊر پاس ويجهو ڊمپر ٽرڪ جي ٽڪر لڳڻ سبب
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ اڻڄاتل نوجوان ناري جو گولي لڳل لاش هٿ آيو، اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اسٽيل مل چورنگي جناح گيٽ ويجهو اڻڄاتل نوجوان ناري جو
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

آءِ ٽي ۽ مصنوعي ذهانت جي ترقي سان نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا: سعيد غني

سيلائي سان لاڳاپيل نوجوان فري لانسنگ ذريعي هر مهيني هزارين ڊالر ڪمائي رهيا آهن

پاڪستان جلد ئي آءِ ٽي ۽ مصنوعي ذهانت جي عالمي دوڙ ۾ مڪمل طور شامل ٿي ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته سيلائي ويليفيئر جون خدمتون نه رڳو پاڪستان ۾ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ٽائين پکڙيل آهن جنهن
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير سينيٽر اعظم نظير تارڙ جي ميمبرن سان ملي رهيو آهي

ڪراچي ۾ ريڊ بڪ ۾ شامل ٽي ٽي پي جو اهم دهشتگرد گرفتار، هٿيار هٿ

ايس آءِ يو ڪارروائي ڪندي ريڊ بڪ ۾ شامل نيڪ اختيار عرف گل بادشاهه کي سرگهو ڪيو

گرفتار دهشتگرد ڪي پي ۾ ڪمانڊر طور سرگرم رهيو، گرفتاري لاءِ 30 لک انعام مقرر هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ ايس آءِ يو پوليس پابندي مڙهيل تحريڪ طالبان پاڪستان (ٽي ٽي پي) جي صوفي محمد گروپ سان تعلق رکندڙ هڪ دهشتگرد کي گرفتار ڪري ورتو آهي — جنهن جو نالو ريڊ بڪ ۾ هاءِ ويليو ٽارگيٽ (اهم هدف) طور شامل هو ۽ ان جي قبضي مان هڪ هٿ
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس جي مبينا مقابلن ڪانپوءِ 8 زخمي ڌورن سميت 9 ڌوهاري گرفتار

جوهر آباد، اقبال مارڪيٽ، محمود آباد، گلشن معمار، سچل ۽ پاپوش نگر ۾ مقابلا ٿيا

گرفتار ڪيل ڌوهارين جي قبضي مان هٿيار ۽ ڦريو سامان هٿ، زخمي اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جوهر آباد، اقبال مارڪيٽ، محمود آباد، گلشن معمار سچل ۽ پاپوش نگر جي پوليس مبينا مقابلن ڪانپوءِ 8 زخمي ڌورن سميت 9 کي گرفتار ڪري ورتو جن مان 8 ڄڻا زخمي حالت ۾
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي صلاحڪار قاسم نويد قمر کي تقريب ۾ شيلڊ ڏني پئي وڃي

ڪراچي ماربل سٽي ۾ جديد اسٽون ريفائننگ ٽريننگ اسڪول قائم ڪيو ويندو: قاسم نويد

جديد مشينري سان گڏ انڊي جا ماهر استاد ۽ عملي کي اسٽون ريفائننگ جي تربيت فراهم ڪندا

ماربل جي جديد ريفائننگ سان برآمدات وڌائڻ ۽ روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۾ مدد ملندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سنڌ جي سيڙپڪاري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ بابت خاص معاون سيد قاسم نويد قمر چيو آهي ته ڪراچي ماربل سٽي ۾ اٽلي جي سهڪار سان جديد طرز جو اسٽون ريفائننگ
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ٻن ڌرين جي جهيڙي دوران فائرنگ، ٻه ڀائر مارجي ويا

گل بائي ٽول پمپ ويجهو فائرنگ سبب محمد ڪريم ۽ محمد عظيم قتل ٿيا

فائرنگ دوران گوليون لڳڻ سبب سندن ڀاءُ جاويد زخمي ٿي پيو، پوليس پاران جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ گل بائي ٽول پمپ ويجهو واقع بلوچ پاڙي واري علائقي ۾ جهڳڙي دوران فائرنگ جي واقعي ۾ ٻه ڀائر مارجي ويا ۽ هڪ شخص سخت زخمي ٿي پيو جيڪا عملدارن موجب
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گٽر نالي جي صفائي دوران ساهه ٻوسٽجڻ سبب هڪ ڄڻو فوت

نصرت ڀٽو ڪالوني ناصر نگر ۾ صفائي ڪندڙ عملي جو بالو ولد شمعون فوت ٿيو

فوتي جو لاش عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ شاهراهه نورجهان جي علائقي نصرت ڀٽو ڪالوني ناصر نگر گهٽي نمبر 4 جي ويجهو اگاري
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ڊيري فارمر طرفان کير جو اگهه 300 رپيا في ڪلو مقرر ڪرڻ جو اعلان

چوپائي مال جون دوائون، کاڌ خوراڪ، مزدوريءَ جي خرچن ۾ به وڌو اضافو ٿيو آهي: ترجمان

وڌندڙ مهانگائي باوجود ڪمشنر کير جو مناسب اگهه مقرر ڪرڻ لاءِ تيار ناهي: غلام شبير ڊار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ڊيري فارمر ايسوسيئيشن وڌندڙ مهانگائي سبب کير جو اگهه 300 رپيا في ڪلو مقرر ڪرڻ جو
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گاڏي مان گولي لڳل شخص جو لاش هٿ آيو، قتل جو شڪ

ڊرائيور واري سيٽ تان 40 سالن جي حسن کي ڇاتيءَ ۾ دل ويجهو گولي لڳل هئي

گاڏي مان هٿيار نه مليو، پوليس فنگر پرنٽس ۽ مقتول جو موبائيل فون تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي ڊيفنس فيز 8 ۾ هڪ گاڏي مان گولي لڳل لاش مليو آهي ايس ايس پي ساؤٿ موجب
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير عليم خان اين ايڇ اي جي گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو سان وڏي وزير سميت اهم اڳواڻن جون ملاقاتون، سياسي ۽ انتظامي معاملن تي غور

وڏي وزير سياسي ۽ انتظامي صورتحال ۽ صوبي ۾ جاري منصوبن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

جام اڪرام ڏاريجو پاران صنعت ۽ واپار ڪاتي جي ڪارڪردگي ۽ لاڳاپيل معاملن بابت آگاهي ڏني وئي

غوث بخش مهر ۽ بلوچستان جي صلاحڪار بابا غلام رسول عمراڻي سان پڻ مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

ڪراچي (رپورٽ: راهب گاهو) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان بلاول هائوس ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اڳوڻي وفاقي وزير غوث بخش خان مهر سنڌ جي صنعت ۽ واپار واري وزير جام اڪرام الله ڌاريجي ۽
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سنڌ فوڊ اٿارٽي ڪان يونيورسٽين جي ڪاڌي جي معيار جي چڪاس بابت رپورٽ طلب

پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جي اجلاس ۾ لمس يونيورسٽي جامشورو جي آڊٽ پيرائن جو جائزو ورتو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پي اي سي سنڌ فوڊ اٿارٽي کي سڄي سنڌ جي سرڪاري ۽ خانگي يونيورسٽين جي ڪينٽينن ۽ ميس
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

لياري ٽائون ۽ دي سٽيزنز وچ ۾ اسڪولن جي حوالگي بابت معاهدو ٿي ويو

انفراسٽرڪچر سميت تعليم ۽ صحت جي سهولتن ۾ پڻ انقلابي تبديليون آنديون وينديون وڃن: ميئر

عوام جي معيار زندگيءَ بهتر بڻائڻ کي اير سي جي ترجيحن ۾ شامل آهي: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

مير علي ۾ فورسز جي ڪارروائي، فتنہ الخوارج جا 3 دهشتگرد مارجي ويا

فورسز مير علي ۽ ان جي ڀرپاسي ۾ خارجي دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي تباهه ڪيو

خطي ۾ مڪمل امن جي بحالي تائين دهشتگرد عنصرن جو پيڇو جاري رهندو: سيڪيورٽي عملدار

ميرانشاهه (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز عزم استحڪام ويڙن تحت اتر وزيرستان جي علائقي مير علي ۾ ڪامياب
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

سوراب ۾ آپريشن، فتنہ الهندستان جو هڪ دهشتگرد مارجي ويو

ڪارروائي مال مدرسہ ۽ بتيگو ۾ دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي ڪئي وئي

مارجي ويل دهشتگرد جي قبضي مان هٿيار ۽ موٽر سائيڪل هٿ ڪئي وئي

ڪوئيٽا (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان ۾ آپريشن ردالفتنہ 3 تحت ڪارروائي ڪندي دهشتگردن جي ناپاڪ
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي يونيورسٽين ۾ ڪا به سياسي يا ذاتي مداخلت نه آهي: اسماعيل راهو

وائيس چانسلرن کي آزاداڻي ماحول ۾ ڪم ڪرڻ ۽ مقررين ميرٽ ۽ شفاف طريقيڪار تحت ٿيون

بينظير ڀٽو شهيد يونيورسٽي لياري جي وي سي جي استعيفيٰ جو قانون موجب جائزو ورتو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن واري وزير محمد اسماعيل راهو چيو آهي ته سنڌ حڪومت يا ڪنهن به سياسي شخصيت پاران صوبي جي يونيورسٽين ۾ ڪنهن به
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

دبئيءَ کان تل ابيب ويندڙ اڏام ۾ ڪو پائليٽ جو پائليٽ تي حملو جهاز ڪيرائڻ جي ڪوشش ناڪام

فلاءِ دبئي جي 170 کان وڌيڪ مسافرن واري اڏام ۾ ڪو پائليٽ پاران پائليٽ تي چاقو سان حملو ڪري زخمي ڪيو

جهاز اوچتو گول چڪر ڪائڻ بعد 30 سيڪنڊن کان به گهٽ وقت ۾ 14 هزار فوٽ هيٺ لهي آيو

پائليٽن جي هڪ ٻي ٽيم جهاز جو ڪنٽرول سنڀالي سعودي عرب جي تبوڪ هوائي اڏي تي محفوظ لينڊنگ ڪرائي

ڪو پائليٽ عمان جو شهري آهي، جنهن کي جهاز لهڻ کان پوءِ گرفتار ڪيو ويو، واقعي جا اصل سبب معلوم نه ٿيا

اسرائيلي اختيارين واقعي جي گڏيل جاچ جو اعلان. مسافرن کي متبادل جهاز ذريعي اسرائيل روانو ڪيو ويو

تل ابيب: اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو جهاز جي پائليٽ کي بچائيندڙ مسافر کي مبارڪون ڏيندي

يروشلم (رائٽرز) دبئيءَ کان تل ابيب ويندڙ اڏام جي ڪو پائليٽ، پائليٽ کي چاقوهڻ کان پوءِ جهاز ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر مسافرن ڪيس قابو ڪري ورتو ان دوران جهاز ۾ موجود ٻين پائليٽن جهاز کي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پرڏيهه ۾ شهيد ٿيل پاڪستانين جا مڙهه فوري طور تي وطن آندا وڃن: جماعت اسلامي

زخمي پاڪستانين سميت 10 شهرين کي ترت وطن واپس آڻي علاج جون سهولتون ڏنيون وڃن

پيٽروليم شين تي اضافي ٽيڪسن ۽ ڪراچي جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکنداسين: منعم خان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان چيو آهي ته حڪومت پاڪستان ٻاهرين ملڪ شهيد ٿيل پاڪستانين جا مڙهه فوري طور وطن واپس آڻڻ لاءِ انتظام ڪري، شهيد
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ايس سي او جي گڏيل وژن کي عملي تعاون ۽ ٺوس نتيجن ۾ تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي: نائب وزيراعظم

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار پاڪستان جي هڪ ڪليل، جامع ۽ تعميري صدارتي عزم جو ورجاءُ ڪيو

اسحاق ڊار پاڪستان جي صدارت جي موضوع "وژن کي عمل ۾ تبديل ڪرڻ، ڪنيڪٽيويٽي، جدت ۽ گڏيل خوشحالي" کي اجاگر ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو آهي ته ايس سي او جي گڏيل وژن کي عملي تعاون ۽ ٺوس نتيجن ۾ تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي اربع ڏينهن پرڏيهي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت پاران پٺتي پيل علائقن ۾ اسڪولن جي قيام جو منصوبو 26 ارب 81 ڪروڙ روپيا مختص

سنڌ، آزاد جموں ڪشمير، گلگت، بلتستان، بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا ۾ وڌيڪ اسڪول قائم ڪرڻ جو منصوبو تيار

منصوبي جو مقصد ملڪ جي پٺتي پيل ۽ گهٽ سهولت وارن علائقن جي مستحق شاگردن کي معياري رهائشي تعليم ڏيڻ آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي حڪومت ملڪ جي پٺتي پيل ۽ گهٽ سهولتن وارن علائقن جي باصلاحيت ٻارن کي معياري رهائشي تعليم جا هڪ جيترا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ، آزاد جموں ڪشمير گلگت
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اولان باتر: وفاقي وزير احسن اقبال ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي صدر ماساتو ڪندا سان ملندي

ڪراچي جناح ايئرپورٽ تي مسافرن لاءِ سهولتون يقيني بڻايون وڃن: محسن نقوي

وفاقي گهرو وزير اميگريشن ڪائونٽرن جو دورو ڪري مسافرن کان سهولتن ۽ انتظام بابت پڇا ڳاڇا ڪئي

نامڪمل يا غير تصديق ٿيل دستاويزن وارن مسافرن کي سفر جي اجازت نه ڏيڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ جو دورو ڪري اميگريشن ڪائونٽرن جو معائنو
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

صومالي قزاقن هٿان قتل ٿيل ڪاشف عمر جو لاش پاڪستان نه پهتو، وارث پريشان

حڪومت طرفان اڃا تائين خاندان سان ڪو به رابطو نه ناهي ڪيو ويو: پٽ اذهان عمر

ڪمپني موجب لاش موجود آهي، پاڪستان آڻڻ جي عمل ۾ به ڏينهن لڳندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صومالي قزاقن جي قبضي دوران قتل ٿيل پاڪستاني شهري ڪاشف عمر جي پٽ اذهان عمر چيو آهي ته
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

سينئر وزير صوبائي وزير اطلاعات ڪراچي پريس ڪلب پهتو، صحافين جا مسئلا حل ڪرڻ جي خاطري

پيپلز پارٽيءَ هميشه صحافت جي آزاديءَ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي: شرجيل ميمڻ

ملڪ ۾ جمهوريت جي مضبوطيءَ لاءِ صحافي ۽ سياسي جماعتون هڪ ئي گاڏيءَ جا ٻه ڦيٿا آهن

پاڪستان کي ترقيءَ جي راهه تي اڳتي وٺي وڃڻ لاءِ سڀني کي گڏجي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو

سياسي جدوجهد ۽ احتجاج سڀني جو جمهوري حق آهي، پر پيچ ڊاهه جي اجازت نٿي ڏني سگهجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ ڪراچي پريس ڪلب جي عهديدارن جي دعوت تي
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪلب ۾ صحافين سان ڳالهائيندي

فاطمه زهرا مراڪش جي پهرين ۽ عرب دنيا جي ٻي عورت وزيراعظم بڻجي وئي

مراڪش (مانيٽرنگ ڊيسڪ) مراڪش جي
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ايران جي زائرين کي نجف جو هوائي سفر ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي

بغداد (اي پي پي) آمريڪا ايران جي زائرين
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ملڪ جو معاشي انجڻ، صنعتي علائقن جو انفراسٽرڪچر بهتر بڻايو ويندو: وڏو وزير

صنعتڪارن کي سهولتون، برآمدن ۾ واڌ ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪريون پيا

اسان رڳو اعلانن جي سياست تي يقين نٿا رکون. اسان عملي نتيجا ڏيڻ تي يقين رکون ٿا

مراد علي شاهه پاران ڪاٽي جي نئين چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد، سهڪار وڌائڻ جو عزم

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اربع تي ڪورنگي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري (ڪاٽي) جي سالياني رات جي ماني 2026ع ۾ بطور خاص مهمان خطاب ڪندي صنعت جي حمايت، صنعتي زونز ۾ انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ برآمدات
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير سردار شاهه شاگردن ۾ ٽيبليٽ ورهائي رهيو آهي

سڄي ملڪ ۾ سون جي قيمت ۾ 4300 رپين جي واڌ، في تولو سون 4 لک 41 هزار 636 رپين جو ٿي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ تيزي، ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 369 پوائنٽس وڌي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

صوماليا ۾ ساموئڊي ڦورن جي قبضي مان آئل ٽينڪر آزاد ڪرائڻ دوران 3 پاڪستاني شهيد

مارجي ويل پاڪستانين ۾ رفيع الله خان، سيد ڪاشف عمر ۽ محمود احمد انصاري شامل: پرڏيهي وزارت جي تصديق

حملي جي 4 زخمين کي ويجهي اسپتال ۽ ٽينڪر جي بچيل عملي کي محفوظ طريقي سان بندر بيلا منتقل ڪيو ويو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پرڏيهي وزارت تصديق ڪئي آهي ته صوماليا جي ساموئڊي ڪناري ويجهو آئل ٽينڪر "آيرِ
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: هڪ پيرسن پوپ ڪارن ٿيلهين ۾ ڀري رهيو آهي

سنڌ ۾ هڪ لک اسڪول کان ٻاهر ٻارن کي تعليم سان ڳنڍڻ اهم اڳڀرائي آهي: سردار شاهه

ڇهن ضلعن ۾ نان فارمل ايجوڪيشن ذريعي اسڪول کان ٻاهر ٻارن کي تعليمي نظام ۾ آندو ويو

ڇوڪرين، پٺتي پيل طبقن جي ٻارن کي تعليم فراهم ڪرڻ تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) تعليم واري صوبائي
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

حملي ۾ زخمي ٿيل پريس ڪائونسل جي چيئرمين جي حالت سڌرندڙ

اختيارين اختر جدون تي ٿيل حملي جي جاچ ۾ مشغول، هر پاسي کان جاچ ٿيندي

اميد آهي ته ادارا بهتر جاچ ڪري اسان کي انصاف ڏيارينداء: گهرڀاتي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پريس ڪائونسل آف پاڪستان جو چيئرمين ارشد خان جدون جيڪو گذريل ڏينهن هڪ حملي ۾ زخمي
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: تعليم ڪاتي جو اڳوڻو آفيسر ۽ درگاهه مهدي شاهه جو گادي نشين نور علي شاهه وفات ڪري ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) تعليم ڪاتي جو
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

انڪم ٽيڪس جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۾ 15 آڪٽوبر تائين واڌ

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان فيڊرل
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

سکر ۽ لاڙڪاڻي جي ڪچي وارن علائقن ۾ امن امان جي صورتحال ۾ بهتري آئي آهي: ناصر شاهه

امن سان گڏ محرومين جي خاتمي، روڊن ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ ترقياتي منصوبن تي ڌيان ڏنو پيو وڃي

سياسي اختلاف ڳالهين ذريعي حل ٿيڻ گهرجن، پي ٽي آءِ کي پرامن سياسي سرگرمين کي يقيني بڻائڻ گهرجي

پيپلز پارٽي ڪنهن به صوبي ۾ گورنر راڄ يا ايمرجنسي جي حمايت نٿي ڪري: صوبائي وزير

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مڪاني حڪومت واري وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن جي ڪچي وارن علائقن ۾ امن امان جي صورتحال ۾ بهتري آئي آهي ڪچي وارن علائقن ۾ ڌوهن تي ضابطو آڻڻ لاءِ اڻ ڳڻيا قدم کنيا ويا آهن جڏهن ته ڌوهاري عنصرن پاران سرينڊر ڪرڻ سبب پڻ صورتحال ۾
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آسٽريا جو اعزازي هاءِ ڪمشنر ڊاڪٽر حسين اسلم گورنر سان ملي رهيو آهي

پ پ چيئرمين پاران ڪارڪن انور جان ميراڻي جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پارٽي جي ڏگهي عرصي کان بيمار ڪارڪن انور جان ميراڻي جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي بلاول ڀٽو زرداري مرحوم انور جان ميراڻي
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪندي فتنه الخوارج جي 3 دهشتگردن کي جهنم حوالي ڪري ڇڏيو سيڪيورٽي ذريعن مطابق فورسز مير علي ۽ ان جي پرپاسي ۾ خوارجين جي ٺڪاڻن کي تباهه ڪيو. ڪارروائي ڪانئيءَ مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ جديد هٿيار ۽ بارود هٿ ڪري ورتو سيڪيورٽي فورسز مير علي بازار ويجهو خارجي دهشتگردن طرفان راڪيٽن جي ٽرڪ ٽڪ ڪرڻ ۽ روڪڻ جي ڪوشش کي به وقت سر ڪارروائي ڪندي ناڪام بڻائي ڇڏيو سيڪيورٽي اختيارين عزم ظاهر ڪيو آهي ته خطي ۾ مڪمل امن جي بحالي تائين دهشتگرد عنصرن جو پيڇو جاري رهندو

بقايا 2 روزاني عبرت

ارادن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو آهي سيڪيورٽي ذريعي مطابق سوراب ضلعي جي علائقي مال مدرسه ويجهو سيڪيورٽي فورسز جي انٽيليجنس آپريشن جي نتيجي ۾ فتنه الهندستان جو هڪ دهشتگرد مارجي ويو آهي ذريعن مطابق ڪارروائي مال مدرسه ۽ بنيگو ۾ دهشتگردن جي موجودگي جي ڳجهي اطلاع تي ڪئي وئي. سيڪيورٽي فورسز ۽ شرپسندن وچ ۾ شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ دهشتگرد مارجي ويو جڏهن ته سندس ٻيو ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو مارجي ويل دهشتگرد جي قبضي مان هٿيار ۽ موٽر سائيڪل هٿ ڪئي وئي. سيڪيورٽي اختيارين جو چوڻ آهي ته بلوچستان ۾ پائيدار امن امان ۽ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروايون بلا رنڊڪ جي جاري رهنديون

بقايا 3 روزاني عبرت

قسم جي مداخلت نه ڪئي پئي وڃي. جڏهن ته سنڌ حڪومت جي اهڙي ڪا به پاليسي ناهي جنهن تحت يونيورسٽين جي معاملن ۾ مداخلت ڪئي وڃي بينظير ڀٽو شهيد يونيورسٽي لياري جي وائيس چانسلر جي استعيفيٰ واري معاملي تي جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ محمد اسماعيل راهو چيو ته سنڌ جي وڏي وزير پڻ سمورن وائيس چانسلرن کي آزاداڻي طور پنهنجون ذميواريون انجام ڏيڻ جي هدايت ڪري رکي آهي صوبائي وزير چيو ته سمورن وائيس چانسلرن جون مقرريون قابليت جي بنياد تي انتهائي شفاف طريقيڪار تحت ڪيون ويون وڃن هن چيو ته هن وقت سنڌ ۾ هڪ يونيورسٽي ڪانسواءِ سمورين سرڪاري يونيورسٽين ۾ مستقل وائيس چانسلر پنهنجون ذميواريون انجام ڏئي رهيا آهن محمد اسماعيل راهو چيو ته يونيورسٽين ۾ سنڊيڪيٽ ۽ سينيٽ سميت ٻيا قانوني ادارا پڻ موجود آهن جيڪي پنهنجي اختيارن جي دائري ۾ رهي ڪري پنهنجا فيصلا پاڻ ڪرڻ جا مجاز آهن هن چيو ته بينظير ڀٽو شهيد يونيورسٽي لياري جي وائيس چانسلر جي استعيفيٰ وصول ٿي چڪي آهي تنهن هوندي به ان حوالي سان هن وقت تائين ڪو حتمي فيصلو نه ڪيو ويو آهي صوبائي وزير يونيورسٽين ۽ تعليمي بورڊن محمد اسماعيل راهو چيو ته وائيس چانسلر جي استعيفيٰ جو جائزو وٺي ڪانئي قانون ۽ ضابطن موجب فيصلو ڪيو ويندو

بقايا 4 روزاني عبرت

جاري رکندي سنڌ طاس معاهدي جي حيثيت ۾ هڪطرفي تبديلي جا وسيع تر اثر سڄي دنيا ۾ سرحد پار پاڻين جي انتظام تي پئجي سگهن ٿا، عالمي برادري کي ان معاملي جي حساسيت جو ادراڪ ڪرڻو پوندو اهڙن خيالن جو اظهار هن اربع ڏينهن هتي انسٽيٽيوٽ آف اسٽريٽجڪ اسٽڊيز اسلام آباد (آءِ ايس ايس آءِ) ۾ "پاڻي جو بطور هٿيار استعمال: سنڌ طاس معاهدي جي معطلي جا تاريخي، قانوني ۽ اسٽريٽجڪ رخ" جي موضوع تي خصوصي رپورٽ جي مهورتي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو وفاقي وزير چيو ته اسان پنهنجي سڃاڻپ سنڌو درياءَ جي پاڻين سان واڳيل سمجهون ٿا، سنڌ طاس معاهدي جي وجود ۾ اچڻ ۽ ٻن ڌرين جي وچ ۾ صحيحڻ جي وقت شايد اهو تصور به نه ڪيو ويو هوندو ته ڪجهه ڏهاڪن ڪانپوءِ اهڙو وقت به ايندو جڏهن ڀارت قانوني گهرجن کان انڪار ۽ اخلاقي قدرن کان عاري ٿي ويندو هن چيو ته سنڌ طاس معاهدو شرطن ۽ ضابطن جو تعين ڪندڙ قانوني فريم ورڪ آهي ۽ صحيحڻ ڪانپوءِ ٻنهي ڌرين تي قانوني طور تي لاڳو آهي جڏهن معاهدي ۾ اهو شرط به موجود هجي ته ان کي هڪطرفي طور تي ملتوي، ختم يا تبديل نه ٿو ڪري سگهجي ته ڀارت جو ان سان پاڪستان جي موقف کي قانوني سگهه ۽ جواز ملي ٿو عطاءُ الله تارڙ چيو ته معاهدي کي نه ته هڪطرفي تبديلي، ختم يا ملتوي ڪري سگهجي ٿو ۽ نه ئي ان کي معطل ڪري سگهجي ٿو، ڪنهن تڪرار جي صورت ۾ به ٻنهي ڌرين معاهدي جي شرطن ۽ ضابطن تي عمل ڪرڻ جون پابند آهن هن چيو ته آگسٽ 2025ع ۾ عالمي ڌالثي عدالت پاڪستان جي ان موقف کي قانوني جواز ۽ سگهه ڏني ته معاهدي جي حيثيت کي هڪطرفي طور تي تبديل ڪرڻ جي ڪا ڪوشش نه ٿي ڪري سگهجي هن چيو ته پاڪستان حڪومت ان معاملي کي سفارتي انداز ۾ اڳتي وڌايو عالمي برادري سان رابطو ڪري پنهنجو قانوني ۽ سفارتي موقف پيش ڪيو ۽ هڪ اهڙي رياست جي طور تي پنهنجو ڪيس پيش ڪيو جيڪا ٻين جي حقن جو احترام ڪري ٿي وفاقي وزير چيو ته تازو ئي گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته سنڌ طاس معاهدو پاڪستان ۽ خطي جي عوام جي لاءِ زندگي جي شهه رڳ آهي ۽ ان حق کي غصب ڪرڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي جنگي قدم تصور ڪيو ويندو هن چيو ته سنڌ طاس معاهدي جي حوالي سان پاڪستان جو موقف بلڪل واضح آهي پرڏيهي آفيس ۽ اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت نه رڳو عالمي ادارن ۾ خطي جي ملڪن سان پڻ رابطي ۾ آهن چو ته سنڌ طاس معاهدو خطي ۾ امن ۽ استحڪام جو ذريعو آهي عطاءُ الله تارڙ چيو ته ڀارت پنهنجي غيرقانوني قدمن جي دفاع جي لاءِ مبينا سرحد پار دهشتگردي کي جواز جي طور تي پيش ڪري ٿو

بقايا 5 روزاني عبرت

حڪومت جي ڪوششن کي موثر بڻائڻ ۾ ڀرپور مدد ڪن اربع ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف بزرگن جي عالمي ڏينهن تي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته بزرگن جي عالمي ڏينهن تي آئون پاڪستان ۽ سڄي دنيا جي بزرگ شهرين جي لاءِ احترام جي جذبي جو اظهار ڪريان ٿو بزرگ شهرين جي سڄي زندگي جي خدمتن جو اسان جي قومي زندگي جي سماجي، معاشي ۽ اخلاقي تشخص جي جوڙجڪ ۾ اهم ڪردار آهي؛ اسان جا بزرگ انفرادي ۽ اجتماعي دانش، تجربي ۽ اعليٰ قدرن جا امين آهن جن نسلن جي تربيت ۽ رهنمائي ڪئي آهي. وزيراعظم چيو ته حڪومت بزرگ شهرين جي احترام کي لفظن کان وڌي ڪري پاليسي سازي، ادارجاتي سڌارن ۽ موثر عملي قدمن ۾ آڻڻ جي لاءِ پرعزم آهي انهي ڏس ۾ حڪومت بزرگ شهرين جي سماجي ۽ معاشي تحفظ کي مستحڪم ڪرڻ جي لاءِ ڪيترائي اهم قدم کنيا آهن. حڪومت بزرگ ملازمن کي پينشن جي ادائيگي وڌيڪ آسان بڻائڻ جي لاءِ ڊيجيٽل تصديقي عمل کي نظام جو حصو بڻايو آهي جنهن تحت بزرگ ملازمن کي لائيف سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ جي لاءِ آفيسن ۾ شخصي تصديق جي تڪليف کان بدران گهر ويٺي ڊيجيٽل تصديقي سهولت فراهم ڪئي وئي آهي هن چيو ته وڌيڪ قدمن ۾ ايمپلائيز اولڊ ايج بينيفٽس انسٽيٽيوشن (اي او بي آءِ) جي دائري ۾ توسيع ۽ بزرگ مستحقين جي لاءِ خصوصي مالي مدد شامل آهي جيڪا بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت ڏني پئي وڃي، حڪومت اهڙن فلاحي منصوبن جو دائرو وڌيڪ وسيع ڪرڻ جي لاءِ پرعزم آهي ته جيئن ڪو به بزرگ شهري بنيادي سماجي تحفظ جي نظام کان محروم نه رهي اهي قدم يقيني طور تي بزرگ شهرين جي احترام ۽ سهولت پهچائڻ جي حڪومتي ترجيح جي عڪاسي ڪن ٿا. وزيراعظم چيو ته وڏي عمر جي ماڻهن جي سهولت جي نظام کي بهتر ڪرڻ جي لاءِ حڪومت عالمي حڪمت عملي تي پڻ ڀرپور انداز ۾ عمل پيرا ٿيڻ جي لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي

بقايا 6 روزاني عبرت

ڪالير ڪئي اجلاس ۾ سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن جي ڪچي وارن علائقن ۾ جاري ترقياتي منصوبن، سماجي ۽ معاشي بهتري، بنيادي سهولتن جي فراهمي ۽ امن امان بابت قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن جي ڪچي وارن علائقن جي ترقي ۽ بحالي بابت ٻنهي ڊويزن جي ڪمشنرن تفصيلي

بريفنگ ڏني بريفنگ ۾ ڪچي وارن علائقن ۾ تعليم، صحت، موبائل ڊسپينسرين، روڊن ۽ ٻين بنيادي ڍانچن بابت کنيل قدمن ۽ ضرورتن کان آگاهه ڪيو ويو قائما ڪميٽي جي چيئرپرسن فريال ٽالپر چيو ته ڪچي وارن علائقن جي بحالي ۽ پائيدار ترقي لاءِ سنڌ حڪومت ڀرپور قدم کڻندي غير سروي ٿيل ڪچي وارن علائقن جي مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کنيا پيا وڃن فريال ٽالپر هدايت ڪئي ته ڪچي وارن علائقن ۾ تعليم، صحت، روڊن، پوليس ٿاڻن، پوليس پوسٽن ۽ تربيتي مرڪزن جي ضرورتن جو جامع جائزو وٺي واضح سفارشون تيار ڪيون وڃن هن چيو ته ڪچي وارن علائقن ۾ قائم ڪيل پوليس ڪيمپن کي شهيدن پوليس جي نالي ڪيو وڃي ته جيئن فرض جي ادائيگي دوران پنهنجون جانيون قربان ڪندڙ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي قربانين کي خراج عقيدت پيش ڪري سگهجي فريال ٽالپر چيو ته ڪچي وارن علائقن جي عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ سنڌ پراڻن مسئلن جي حل ۽ زندگيءَ جي معيار ۾ بهتري لاءِ عملي قدم يقيني بڻايا ويندا ڪچي وارن علائقن جي ترقي لاءِ مضبوط ۽ ڊگهي مدي واري حڪمت عملي تحت ترقياتي عمل کي تيز ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته عوامي مسئلن جي حل سان گڏ ڪچي وارن علائقن ۾ سماجي ۽ معاشي ترقيءَ جي عمل کي پڻ ترجيحي انداز ۾ اڳتي وڌايو ويندو جڏهن ته سمورا لاڳاپيل ادارا گڏيل رابطي ۽ مضبوط حڪمت عملي تحت پنهنجون ذميواريون ادا ڪن سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار چيو ته ڪچي وارن علائقن جي پائيدار ترقي ۽ عوامي مسئلن جو حل سنڌ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي ڪچي وارن علائقن ۾ ترقياتي عمل کي اڳتي وڌائڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن کي گڏيل قدم يقيني بڻائڻا پوندا هن چيو ته ڪچي وارن علائقن جي عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ سندن زندگيءَ جي معيار ۾ بهتري لاءِ عملي قدم وڌيڪ تيز ڪيا ويندا سنڌ جي گهرو وزير هدايت ڪئي ته اجوڪي اجلاس ۾ غور هيٺ آيل سمورن معاملن ۽ وصول ٿيل تجويزن جي روشني ۾ سفارشون جلد تيار ڪري جائزي ۽ وڌيڪ ضروري ڪارروائي لاءِ موڪليون وڃن ته جيئن ڪچي وارن علائقن جي بحالي، ترقي ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ اڳتي قابل عمل لائحه عمل تيار ڪري سگهجي. اجلاس ۾ سکر ۽ لاڙڪاڻي سان تعلق رکندڙ چونڊيل قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبرن پنهنجي پنهنجي علائقن جي مسئلن، ضرورتن ۽ ترقياتي ترجيحن بابت تجويزون پيش ڪيون اجلاس ۾ قومي اسيمبلي جا ميمبر علي جان مزاري، مير شبير علي بجاراڻي، محمد شهريار خان مهر، خالد احمد خان لنڊ، علي گوهر خان مهر ۽ چانڊ خان شورو، وزير پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ۽ آبپاشي ڪاتو سنڌ، صوبائي اسيمبلي جا ميمبر عبدالرئوف ڪوسو، غلام عابد خان، مير محبوب علي خان بجاراڻي، محمد عارف خان، آغا شهباز علي دراني، جام مهتاب حسين ڏهر، سردار نادر اڪمل خان لغاري، علي نواز خان مهر، سيد فرخ احمد شاهه ۽ سيد ناصر حسين شاهه، سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو، چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ، سيڪريٽري ورڪس اينڊ سروسز سيڪريٽري آبپاشي، سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي، سيڪريٽري صحت، سيڪريٽري لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز سيڪريٽري زراعت، سپلاءِ اينڊ پرائيس سيڪريٽري توانائي، سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ اينڊ ايڇ ٽي پي، سيڪريٽري بحالي، سيڪريٽري قانون، آءِ جي سنڌ، ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ، پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ، ڪمشنر لاڙڪاڻو ۽ سکر شرڪت ڪئي

بقايا 7 روزاني عبرت

بئريسٽر مرتضيٰ وهاب پاران لياري ۾ تعليم جي واڌاري لاءِ اهم ۽ انقلابي قدم کنيو ويو آهي لياري ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن ۽ دي سٽيزنز فائونڊيشن (TCF) وچ ۾ اسڪولن جي حوالگي بابت معاهدو طئي ٿي ويو آهي جنهن تحت لياري ٽائون جا ڇهه اسڪول ٽي سي ايف حوالي ڪيا ويا آهن ان موقعي تي ٽائون چيئرمين لياري خليل هوت، ايم پي اي يوسف بلوچ ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر ۽ معزز شخصيتون پڻ موجود هيون ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته لياري جي انفرااسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ سان گڏوگڏ تعليم ۽ صحت جي سهولتن ۾ پڻ انقلابي تبديليون آنديون پيون وڃن شهر جي مختلف علائقن ۾ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ عوام جي زندگيءَ جو معيار بهتر بڻائڻ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي ترجيحن ۾ شامل آهي هن چيو ته لياري جا ڇهه اسڪول ٽي سي ايف حوالي ڪرڻ پڻ ان سلسلي جي هڪ اهم ڪڙي آهي هن چيو ته ٽي سي ايف نه رڳو انهن اسڪولن جي نئين سر تعمير ۽ بهتر بڻائيندي، پر لياري جي مستحق ٻارن کي مفت تعليم پڻ فراهم ڪندي هن قدم سان علائقي جي ٻارن کي معياري تعليمي ماحول فراهم ٿيندو ۽ والدين تي تعليم جي خرچن جو بار پڻ گهٽ ٿيندو ميئر ڪراچي چيو ته تعليم ڪنهن به معاشري جي ترقي جو بنيادي ذريعو آهي ۽ لياري ۾ تعليم جي شعبي ۾ ڪيل هي قدم علائقي جي عوام لاءِ سنگ ميل ثابت ٿيندو ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته حڪومت، مڪاني ادارن ۽ خانگي فلاحي ادارن جي گڏيل سهڪار سان شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن لياري جي ٻارن کي معياري ۽ مفت تعليم جي فراهمي مستقبل جي نسلن لاءِ بهتر موقعا پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي هن چيو ته لياري جي عوام کي بنيادي سهولتن جي فراهمي سان گڏ تعليم ۽ صحت جي شعبن ۾ پڻ وڌيڪ قدم کنيا ويندا، جيئن علائقي جي مجموعي ترقي کي يقيني بڻائي سگهجي.

بقايا 8 روزاني عبرت

۽ ڪاڌي پيتي جي معيار جي جاچ ڪرڻ جو حڪم ڏيندي سنڌ فوڊ اٿارٽي کان يونيورسٽين جي ڪينٽينن ۽ ميس ۾ ڪاڌي پيتي جي معيار جي چڪاس بابت رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي اربع ڏينهن پي اي سي جو اجلاس چيئرمين نثار احمد کهڙو جي صدارت هيٺ ڪميٽي روم ۾ ٿيو جنهن ۾ ڪميٽي ميمبرن قاسم سراج سومرو، مخدوم فخرالزمان، لمس جامشورو جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اڪرام اڄڻ سميت لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ لمس يونيورسٽي جامشورو جي آڊٽ پيراڻن جو جائزو ورتو ويو چيئرمين پي اي سي نثار احمد کهڙو يونيورسٽي انتظاميا کان پڇاڻو ڪيو ته لمس يونيورسٽي ۾ ڪيترين هاسٽلون آهن وائيس چانسلر لمس ڊاڪٽر اڪرام اڄڻ ٻڌايو ته لمس ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين لاءِ 8 هاسٽلون آهن ۽ هر هاسٽل ۾ 250 شاگرد رهائش پذير آهن نثار احمد کهڙو پڇاڻو ڪيو ته يونيورسٽين ۾ ميس ۽ ڪينٽين ۾ ڪاڌي پيتي جو معيار ڪيئن چيڪ ڪيو ويندو آهي وائيس چانسلر ٻڌايو ته سنڌ فوڊ اٿارٽي پاران ڪينٽين ۾ ڪاڌي جي معيار جي چڪاس ڪئي ويندي آهي. چيئرمين پي اي سي چيو ته جيڪڏهن يونيورسٽي جي ڪينٽين ۽ ميس ۾ ڪاڌي پيتي جو معيار بهتر آهي ته فوڊ اٿارٽي جو سرٽيفڪيٽ پيش ڪيو وڃي پي اي سي سنڌ فوڊ اٿارٽي کي سڄي سنڌ جي سرڪاري ۽ خانگي يونيورسٽين جي ڪينٽينن ۽ ميس ۾ ڪاڌي پيتي جي معيار جي جاچ ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ٻن مهينن اندر رپورٽ طلب ڪري ورتي اجلاس ۾ لمس يونيورسٽي جي 69 بنگلن ۽ ڪوارٽرن تي غير مجاز ماڻهن جي قبضي بابت آڊٽ پاران اعتراض اٿاريو ويو ان تي وائيس چانسلر لمس ٻڌايو ته لمس جي 32 گهرن ۽ ڪوارٽرن ۾ لمس اسپتال جا مجاز ملازم ۽ اسٽاف رهائش پذير آهن جن کان ماهوار ڪرايو وصول ڪيو وڃي ٿو جڏهن ته 12 گهرن بابت رٽائرڊ ۽ ٻين ملازمن سنڌ هاءِ ڪورٽ مان اسٽي حاصل ڪيو آهي ۽ ان بابت گذريل ٽن سالن کان عدالت ۾ ڪيس هلندڙ آهي وائيس چانسلر وڌيڪ ٻڌايو ته ٻين گهرن ۽ ڪوارٽرن کي خالي ڪرائڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر ۽ ايس ايس پي کي خط لکي درخواست ڪئي وئي آهي پي اي سي لمس يونيورسٽي جي گهرن ۽ ڪوارٽرن تي قابض غير مجاز ماڻهن کان اهي گهر ۽ ڪوارٽر خالي ڪرائڻ لاءِ ڊپٽي ڪمشنر ۽ ايس ايس پي جامشورو کي حڪم ڏئي ڇڏيو

بقايا 9 روزاني عبرت

بلوچستان جي وڏي وزير جي محنت ۽ افرادي قوت بابت صلاحڪار بابا غلام رسول عمراڻي ملاقاتون ڪيون سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات دوران سنڌ جي سياسي ۽ انتظامي صورتحال بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ۽ صوبي ۾ جاري انتظامي معاملن بابت آگاهه ڪيو ان موقعي تي

اڱوڻي وفاقي وزير غوث بخش خان مهر پڻ بلاول هائوس ۾ بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪئي جنهن دوران سنڌ جي موجوده سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي سنڌ جي صنعت ۽ واپار واري وزير جام اڪرام الله ڌاريجي پڻ بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪري پنهنجي کاتي جي ڪارڪردگي بابت بريفنگ ڏني ۽ کاتي سان لاڳاپيل معاملن کان آگاهه ڪيو ٻئي طرف بلوچستان جي وڏي وزير جي محنت ۽ افرادي قوت بابت صلاحڪار بابا غلام رسول عمراڻي پڻ بلاول ڀٽو زرداري سان ملاقات ڪئي جنهن دوران هن پنهنجي کاتي جي ڪارڪردگي ۽ لاڳاپيل معاملن بابت بريفنگ ڏني بلاول هائوس ۾ ٿيل انهن ملاقاتن دوران سنڌ جي سياسي ۽ انتظامي صورتحال، صوبائي معاملن ۽ مختلف سرڪاري کاتن جي ڪارڪردگي سميت لاڳاپيل معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

بقايا 10 روزاني عبرت

اجلاس سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروسز 1122 جي هيڊڪوارٽرن ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ ريسڪيو 1122 جي ڪارڪردگي، مالي ۽ انتظامي معاملن، ملازمن جي فلاح، پگهارن ۽ الائونس، نئين ريسڪيو اسٽيشنن ۽ اداري جي بهتريءَ ۾ واڌاري سان تعلق رکندڙ اهم معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ڊي جي ريسڪيو 1122 بريگيڊيئر (ر) واجد صبغت الله مهر اجلاس کي ريسڪيو 1122 جي مجموعي ڪارڪردگي، هنگامي صورتحال ۾ رسپانس، ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽرن، ريسڪيو آپريشن، تربيتي سرگرمين ۽ اداري جي ضرورتن تي بريفنگ ڏني اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ريسڪيو 1122 جي قائم ٿيڻ کان وٺي هينئر تائين 13 لک 30 هزار کان وڌيڪ طبي هنگامي خدمتون فراهم ڪيون ويون آهن روڊن تي 1822، پاڻيءَ ۾ 720، باهه لڳڻ جي 5264 ۽ عمارتون ڊهڻ جي 169 واقعن ۾ ريسڪيو آپريشن ڪيا ويا، جڏهن ته 5238 جانيون بچايون ويون روزاني مجموعي طور تي تقريبن 10 هزار کان وڌيڪ ڪالون موصول ٿي رهيون آهن ريسڪيو 1122 وٽ 149 گاڏيون ۽ 1723 اهلڪار موجود آهن اجلاس ۾ سنڌ ايمرجنسي ڪائونسل گذريل اجلاس جي ڪارروائيءَ جي تصديق ڪندي ريسڪيو 1122 جي ڪارڪردگي ڪميونٽي تربيت، فائير سيفٽي آڊٽس عورتن خلاف تشدد مخالف لاءِ جي بي وي (GBV) ڊيسڪ ۽ اينٽي ريبيز مهم سميت مختلف خدمتن جو جائزو ورتو ويو ريسڪيو 1122 جي ملازمن لاءِ گروپ هيلٿ انشورنس، پينشن ۽ ڪميوٽيشن اسڪيم جي تجويزن تي وڌيڪ ڪارروائيءَ لاءِ معاملو ڪابينا ڏانهن موڪلڻ ۽ لاڳاپيل قاعدن ۽ قانوني معاملن تي فنانس ۽ قانون جي کاتن سان مشاورت جو فيصلو ڪيو ويو سنڌ ايمرجنسي ڪائونسل ڊائريڪٽر جنرل ريسڪيو 1122 کي حاصل 15 سيڪڙو ري-اپروپريئيشن اختيار برقرار رکيو جڏهن ته مالي سال 2026-27 لاءِ ريسڪيو 1122 جي بجيٽ جي استعمال جون تفصيل پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي اجلاس ۾ ريسڪيو 1122 جي ملازمن لاءِ سنڌ حڪومت جي بجيٽ مطابق پگهارن ۾ 7 سيڪڙو واڌ جي منظوري ڏني وئي جڏهن ته اپهاڪ ريليف الائونس جي منظوريءَ لاءِ ناڻي واري کاتي سان رابطو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو اجلاس ۾ ريسڪيو 1122 جو مختلف سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن سان مفاهمتي معاهدن (MoUs) ۽ مجوزه شراڪتدارن جو به جائزو ورتو ويو سنڌ ايمرجنسي ڪائونسل ڪنٽريڪٽ ملازمن جي ملازمت ۾ هڪ سال جي واڌ جي منظوري ڏني جڏهن ته فيصلو ڪيو ويو ته گهٽ ڪارڪردگيءَ وارن ملازمن کي وارننگ سان گڏ هڪ سال جي واڌ ۽ ناڪام تربيتي ماڊيولز مڪمل ڪندڙ اهلڪارن کي ريفريشر ٽريننگ ڪرڻ ڏني ويندي ڪائونسل شهيدن جي معاوضي لاءِ 3 ڪروڙ روپين جي منظوري ڏني، جڏهن ته نئين ضلعي اسٽيشنن کي فعال ڪرڻ نظرثاني ٿيل پگهارن اسڪوبا ۽ واٽر ريسڪيو اوزارن گاڏين جي شيڊز ۽ سائن بورڊن گاڏين جي رجسٽريشن ۽ پيٽروليم شين سميت ٻين ضرورتن لاءِ اضافي فنڊن جي سفارش ڪئي وئي نئين سيٽلائيٽ اسٽيشنن جي قائم ڪرڻ جو معاملو حتمي منظوريءَ لاءِ صوبائي ڪابينا ڏانهن موڪلڻ جو فيصلو ڪيو ويو اجلاس ۾ سنڌ ايمرجنسي ڪائونسل آئي ٽي ۽ ڪميونيڪيشن اسپيشلسٽ جي عارضي تعيناتيءَ جي معاملي تي ڪنسلٽنٽس ڪميٽيءَ کي قاعدن موجب ڀرتي ۽ فيصلو ڪرڻ جو اختيار ڏنو جڏهن ته شڪارپور ۽ سٺياريءَ ۾ ريسڪيو سروسز کي فعال ڪرڻ 35 فائير ريسڪيو گيٽن جي وچ ۽ ڪن هيوي ڊيوٽي گاڏين کي ريسڪيو 1122 جي حوالي ڪرڻ جو معاملو به غور هيٺ آيو. سنڌ جي وڏي وزير جو بحالي کاتي بابت صلاحڪار ۽ چيئرمين گيانچند ايسراڻيءَ ريسڪيو 1122 جي عوامي خدمتن کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ هنگامي صورتحال ۾ وقت سر رسپانس، جديد اوزارن جي فراهمي اهلڪارن جي فلاح ۽ بهبود ۽ اداري جي استعداد ڪار وڌائڻ لاءِ منظور ٿيل فيصلن تي موثر عملدرآمد يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي اجلاس ۾ بحالي کاتي واري سيڪريٽري رفيق مصطفيٰ شيخ ڊي جي ريسڪيو 1122 سنڌ بريگيڊيئر (ر) واجد صبغت الله مهر چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي هيلٿ سروسز لطف منگريو ايس ايس پي ايس ايس عامر نيازي، ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر ايس ايم بي زيڊ/ايس ايم بي بي آءِ ٽي ڪراچي پروفيسر صابر ميمڻ ڊائريڪٽر آپريشنز ريسڪيو 1122 ڊاڪٽر عابد جلال شيخ ڊائريڪٽر ايڊمن ريسڪيو 1122 سردار شاهه ڊي جي پي ڊي ايم اي سلمان شاهه سميت گهرو کاتي، صحت، ناڻي بلديات ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي

بقايا 11 روزاني عبرت

بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني رپئي جي قدر ۾ واڌ رڪارڊ ٿي آهي اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان مطابق اربع ڏينهن انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي ڀيٽ ۾ پاڪستاني رپئي جي قيمت ۾ 01 پئسي جي واڌ رڪارڊ ٿي آهي جنهن ڪانپوءِ نئين قيمت 277 رپيا 11 پئسا ٿي وئي آهي انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ سعودي ريال جو اگهه 73 رپيا 79 پئسا، جڏهن ته بحرين جي دينار جو اگهه 735 رپيا 01 پئسا رهيو ساڳي طرح عمان جي ريال جو انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ اگهه 719 رپيا 68 پئسا رهيو ڪويت جي دينار جو اگهه 900 رپيا 60 پئسا ۽ قطر جي ريال جي قيمت 76 رپيا 02 پئسا رڪارڊ ڪئي وئي ٻئي پاسي اوپن مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي خريد واري قيمت 277 رپيا ۽ وڪرو 278 رپيا 20 پئسا رڪارڊ ڪئي وئي

بقايا 12 روزاني عبرت

جي سمنڊ ڪناري ويجهو هاءِ جيڪ ڪيل سامونڊي جهاز ايم ٽي آنر 25 جي بازيابي جي آپريشن دوران عملي جي 5 ميمبرن جي افسوسناڪ موت تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. فوت ٿيندڙن ۾ ٽي پاڪستاني شهري رفيع الله خان سيد ڪاشف عمر ۽ محمود احمد انصاري به شامل آهن پرڏيهي وزارت جي ترجمان جي آفيس پاران جاري بيان ۾ چيو ويو آهي ته پاڪستان حڪومت ۽ عوام سوڳوار خاندانن سان دلي تعزيت جو اظهار ڪري ٿي، اسان ان ڏکوئيندڙ وقت ۾ انهن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون ۽ دعا ڪريون ٿا ته الله تعاليٰ سوڳوار خاندانن کي صبر استقامت ۽ حوصلو عطا فرمائي ۽ فوت ٿيندڙن جي مغفرت فرمائي. چار ٻيا عملي ميمبر پڻ زخمي ٿيا آهن جن ۾ ٽي پاڪستاني شهري شامل آهن زخمين کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي انهن کي طبي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي ايم ٽي آنر 25 جي زنده بچي ويندڙ عملي کي حفاظت سان بندربيلا جي سمنڊ ڪناري پهچايو ويو آهي جيبوتي ۾ پاڪستاني سفارتخاني جي ٽيم پاڪستاني شهرين جي مدد جي لاءِ بندربيلا روانه ٿي رهي آهي پاڪستان حڪومت پنهنجي مشن ۽ لاڳاپيل عملدارن جي ذريعي صومالي عملدارن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين سان مسلسل رابطي ۾ آهي ۽ زخمين کي مناسب طبي سهولتن جي فراهمي، فوت ٿيندڙن جي ميتين جي پاڪستان منتقلي ۾ سهولت ۽ زنده بچي ويندڙ پاڪستاني عملي جي حفاظت سان وطن واپسي کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي پئي وڃي

بقايا 13 روزاني عبرت

عملي تي عمل ڪري رهيا آهن پرڏيهي ميڊيا ايران جي سرڪاري خبررساں ايجنسي جو حوالو ڏيندي ٻڌايو ته وڏن شهرن ۽ صوبائي گادي وارن هنڌن جي سينئرز سان ملاقات دوران صدر پزشڪيان چيو آهي ته ايران جي عوام کي جنگ ذريعي هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ ۾ ناڪامي کان پوءِ دشمن پنهنجو پورو ڌيان اندروني طور اختلاف پيدا

ڪرڻ ۽ انهن کي هوا ڏيڻ تي ڌيان ڏئي رهيو آهي هن قومي اتحاد ۽ يڪجهتي جي اهميت تي زور ڀريندي چيو ته ملڪ کي ڪمزور ڪرڻ بدران سمورن شهرين جي شرڪت ۽ تعاون کي هٿي ڏيڻ گهرجي

بقايا 14 روزاني عبرت

صوبي ۾ عورتن جي فلاح سيف هائوسن شڪايتي مرڪز سميت مختلف منصوبا تيزي سان جاري آهن جڏهن ته کاتي بابت فوري ۽ تفصيلي ڄاڻ لاءِ ڊيٽا ڊيش بورڊ جي مڪملي جي آخري مرحلي ۾ آهي صوبائي وزير شاهينه شير علي کاتي جي گڏيل سرگرمين تي اطمينان جو اظهار ڪندي هدايتون ڏنيون ته عورتن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ جاري قدمن کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي ۽ عورتن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪم ڪندڙ فلاحي ادارن اين جي اوز سان پڻ سهڪار کي وڌيڪ وڌايو وڃي هن عورتن لاءِ هنر جي مختلف ڪورسن کي وڌيڪ وڌائڻ جي هدايت ڪئي صوبائي وزير شاهينه شير علي چيو ته عورتن جي معاشي ترقي ۽ بااختيار ڪردار سنڌ حڪومت جي اولين ترجيح آهي

بقايا 15 روزاني عبرت

پنهنجون ذميواريون سرانجام ڏيندڙ 341 جونيئر ڪلارڪن (BPS-11) کي سينيئر ڪلارڪ (BPS-14) جي عهدي تي ترقي ڏني وئي آهي ڪاتيدار ترقيءَ جو عمل ايڊيشنل آءِ جي اسٽيبلشمينٽ اقبال دارا جي نگرانيءَ هيٺ مقرر ڪيل قاعدن ۽ ضابطن ۽ سروس رولز موجب مڪمل ڪيو ويو ان سلسلي ۾ مجموعي طور 445 ڪيسن جو جائزو ورتو ويو جنهن ڪانپوءِ مقرر ڪيل معيار تي پورو لهندڙ 341 جونيئر ڪلارڪن کي ايندڙ عهدي تي ترقي ڏني وئي ڪاتيدار ترقيءَ جي عمل دوران ميرٽ، مقرر ڪيل سروس رولز ۽ کاتي جي طريقيڪار کي نظر ۾ رکيو ويو آهي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ترقي ماڻيندڙ سمورن سينيئر ڪلارڪن کي مبارڪباد ڏيندي انهن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو آهي آءِ جي سنڌ اميد ظاهر ڪئي ته ترقي ماڻيندڙ منسٽريل اسٽاف پنهنجون نيون ذميواريون محنت، ايمانداري، پيشورائي صلاحيت ۽ ذميواريءَ جي احساس سان سرانجام ڏيندو ۽ سنڌ پوليس جي انتظامي معاملن جي موثر انجام ڏيارڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو

بقايا 16 روزاني عبرت

موٽر سائيڪل سوار نوجوان فوت ۽ 15 سالن جو ڇوڪرو زخمي ٿي پيو ريسڪيو عملدارن موجب فوت ٿيل ۽ زخمي نوجوان ٻئي ديني مدرسي جا شاگرد هئا. فوت ٿيل نوجوان جي سڃاڻپ صادق حسين شاهه طور ڪئي وئي آهي جڏهن ته زخمي ڇوڪري جي سڃاڻپ هادي طور ٿي آهي عملدارن ٻڌايو ته حادثو سنڌ سولڊ ويسٽ مينيجمينٽ جي ڊمپر ٽرڪ سان ٽڪر ٿيڻ سبب پيش آيو فوت ٿيل ۽ زخمي نوجوان کي اسپتال منتقل ڪيو ويو اورنگي ٽائون نمبر 1 قذافي چوڪ جي ويجهو واٽر ٽينڪر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار 25 سالن جو نوجوان محمد عمر ولد سعيد فوت ٿي ويو آهي حب ڊيم روڊ تي سولر پلانٽ جي ويجهو روڊ ڪناري تان نامعلوم شخص جو لاش مليو گلبائي چوڪ محمد احمد مسجد جي ويجهو گهر مان ڦندو ٻڌل 45 سالن جي عورت ناز بيگم زال محمد اقبال جو لاش مليو عورت جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 17 روزاني عبرت

لاش هٿ آيس اطلاع ملڻ تي بن قاسم پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ناري جي لاش کي ضروري ڪارروائي بعد پوسٽ مارٽم لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيس ان سلسلي ۾ ايس ايڇ او بن قاسم فيصل رفيق رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته هٿ آيل لاش جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي جڏهن ته سندس عمر 15 کان 17 سال ٻڌائي وڃي پئي جنهن جي مٿي ۾ گولي لڳل آهي. لاش کي ضابطي جي قانوني ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي جڏهن ته ناري جي سڃاڻپ ۽ فائرنگ جي واقعي جا سبب معلوم ڪيا پيا وڃن

بقايا 18 روزاني عبرت

سبب سيلانيءَ کي سڄي دنيا ۾ نمايان شهرت حاصل ٿي آهي هن سيلاني ويلفيئر جي خاص ڳالهه اها آهي ته هو جنهن ۾ ڪم ۾ هٿ وجهن ٿا، ان کي بهترين طريقي سان انجام ڏين ٿا ۽ کين الله تعاليٰ جي مدد پڻ حاصل رهي ٿي اهڙن خيالن جو اظهار هن گذريل ڏينهن سيلاني زيتون اشرف آءِ ٽي پارڪ جي دوري دوران آءِ ٽي جي تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن کي خطاب ڪندي ڪيو صوبائي وزير سعيد غني جي سيلاني زيتون اشرف آءِ ٽي پارڪ آمد تي سيلاني ايجوڪيشن بورڊ جي سربراهه افضل چامڙيه ۽ چيف آپريٽنگ آفيسر (سي او او) محمد غزال سندس آجيان ڪئي ان موقعي تي صوبائي وزير کي زيتون اشرف آءِ ٽي پارڪ ۾ موجود مختلف سهولتن بابت بريفنگ ڏني وئي افضل چامڙيه بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته سيلاني آءِ ٽي جي شعبي ۾ انقلابي قدم کنيا آهن جڏهن ته سيلاني سان لاڳاپيل نوجوان فري لانسنگ ذريعي هر مهيني هزارين ڊالر ڪمائي رهيا آهن ۽ ملڪ جي معيشت کي سهارو فراهم ڪري رهيا آهن ان موقعي تي صوبائي وزير سعيد غني سيلاني ويلفيئر جي ڪوششن کي ساراهيندي چيو ته هو سيلاني جي خدمتن کان چڱي ريت واقف آهي هن چيو ته اسان جو ايمان آهي ته جيڪڏهن ڪو انسان انسانيت جي بهتري لاءِ ڪم ڪندو ته الله تعاليٰ اهڙي نموني سندس مدد ڪندو آهي جو انسان حيران رهجي ويندو آهي سعيد غني چيو ته دنيا تيزي سان اڳتي وڌي رهي آهي ۽ ان ترقي جو هڪ اهم سبب آءِ ٽي ۽ مصنوعي ذهانت جو شعبو آهي سيلاني اڳ ئي آءِ ٽي جي شعبي ۾ ڪم شروع ڪري نوجوانن جو رخ صحيح سمت ۽ مستقبل ڏانهن موڙي ڇڏيو آهي هن اميد ظاهر ڪئي ته پاڪستان جلد ئي آءِ ٽي ۽ مصنوعي ذهانت جي عالمي دوڙ ۾ مڪمل طور شامل ٿي ويندو ۽ نوجوانن لاءِ ترقي ۽ روزگار جا وڌيڪ موقعا پيدا ٿيندا. دوري جي آخر ۾ سيلاني ويلفيئر طرفان صوبائي وزير سعيد غني کي شيلڊ پڻ پيش ڪئي وئي

بقايا 19 روزاني عبرت

گرينيڊ پڻ هٿ ڪيو آهي ترجمان موجب انٽيليجنس ذريعن کان مليل اطلاع تي عمل ڪندي، ايس آءِ يو پوليس ڊاڪس ٿاڻي جي حدن ۾ هڪ ڇاپو هنيو آپريشن دوران هنن نيڪ اختيار عرف گل بادشاهه بختيار—جيڪو پابندي مڙهيل ٽي ٽي پي صوفي محمد گروپ جو انتهائي گهربل دهشتگرد هو—کي گرفتار ڪيو ۽ هڪ هٿ گرينيڊ پڻ پنهنجي تحويل ۾ ورتو ترجمان ٻڌايو ته گرفتار دهشتگرد جو تعلق ٽي ٽي پي صوفي محمد گروپ (جنهن جو مرڪز دير ۾ آهي) سان هو ۽ هو خيبر پختونخواهه (ڪي پي) ۾ علائقائي ڪمانڊر طور سرگرم رهيو هو. خيبر پختونخواهه حڪومت سندس گرفتاري تي 30 لک رپين جي انعام جو اعلان پڻ ڪري رکيو هو ايس آءِ يو پوليس پاران گرفتار ڪيل دهشتگرد جو نالو خيبر پختونخواهه جي ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (CTD) پاران شايع ڪيل "ريڊ بڪ" جي نئين ايڊيشن ۾ موجود آهي ترجمان موجب گرفتار دهشتگرد رياست مخالف سرگرمين، دهشتگردي، گاڏين جي چوري ۽ ڀتي لاءِ اغوا جهڙن سنگين ڏوهن ۾ ملوث آهي ۽ تربيت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ڀيرا افغانستان جو سفر ڪري چڪو آهي هن انڪشاف ڪيو ته گرفتار دهشتگرد خلاف اوچ ٿاڻي (لوئر دير) ۽ خيبر پختونخواهه جي ٻين علائقن ۾ 19 سنگين ڪيس داخل ٿيل هئا ۽ هو انهن جي سلسلي ۾ گهربل هو. ترجمان وڌيڪ چيو ته ايس آءِ يو پوليس گرفتار دهشتگرد خلاف ايڪسپلوزيو ايڪٽ (Explosives Act) جي قلم 4/5 ۽ دهشتگردي جي روڪٿام واري ايڪٽ (ATA) جي قلم 7 تحت ڪيس نمبر 334/2026 داخل ڪري ورتو آهي ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 20 روزاني عبرت

هئا پوليس موجب گرفتار جوابدارن وٽان هٿيار موبائيل فون روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪلون هٿ ڪيون ويون تفصيل موجب جوهر آباد پوليس اڱاري ۽ اربع جي وچ واري رات فيڊرل بي ايريا بلاڪ 15 ۾ ابراهيم علي ڀائي گورنمينٽ اسڪول ويجهو مبينا مقابلي ڪانپوءِ جوهر آباد پوليس هڪ ڦورو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو زخمي جوابدار کي ڇيپا ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ڪراچي پوليس جي ترجمان ٻڌايو ته گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ بلال پٽ شير خان طور ٿي، جڏهن ته ان جو ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جوابدار جي قبضي مان گولين لڳل پسٽل، موبائيل فون ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي اقبال مارڪيٽ پوليس اڱاري ۽ اربع جي وچ واري

رات اورنگي ٽائون سيڪٽر 11 ۾ خليل مارڪيٽ ويجهو مبينا مقابلي ڪانپوءِ ٻن ڦورن کي گرفتار ڪيس جن مان هڪ زخمي هو زخمي جوابدار کي ڇيپا ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ترجمان موجب زخمي جوابدار جي سڃاڻپ زبير احمد پٽ سليم احمد طور ٿي گرفتار جوابدارن وٽان گولين لڳل پسٽول، موبائيل فون روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي محمود آباد پوليس اڱاري ۽ اربع جي وچ واري رات محمود آباد ڪي پي-2 ۾ ڪچري جي ڍير ويجهو مبينا مقابلي ڪانپوءِ ٻن ڦورن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ٻنهي زخمي جوابدارن کي طبي امداد لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ڪراچي پوليس جي ترجمان موجب گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ اسد پٽ اڪرم ۽ محمد آصف پٽ نظام الدين طور ٿي انهن جي قبضي مان ٻن گولين سميت پسٽول، موبائيل فون، روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي گلشن معمار پوليس اڱاري ۽ اربع جي وچ واري رات سيڪٽر 18 عمر بروهي ڳوٺ ۾ مبينا مقابلي ڪانپوءِ ٻن ڦورن کي گرفتار ڪيو جن مان هڪ زخمي هو زخمي جوابدار کي ڇيپا ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ترجمان موجب زخمي جوابدار جي سڃاڻپ 19 سالن جي رحمت الله پٽ رمضان طور ٿي جڏهن ته گرفتار ٻئي جوابدار پنهنجي سڃاڻپ ذيشان پٽ رحيم صديقي طور ڪرائي جوابدارن وٽان گولين (ايمونيشن) سميت ٻه پسٽل، موبائيل فون روڪ رقم ۽ هڪ موٽر سائيڪل هٿ ڪئي وئي سچل پوليس اڱاري ۽ اربع جي وچ واري رات غازي ڳوٺ چانديو چوڪ ويجهو مبينا مقابلي ڪانپوءِ هڪ ڦوروءَ کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو زخمي جوابدار کي ڇيپا ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو ڪراچي پوليس جي ترجمان موجب گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ 25 سالن جي عبدالرحمان پٽ عبدالرشيد طور ٿي جڏهن ته ان جو هڪ ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو جوابدار وٽان گولين سميت هڪ پسٽل موبائيل فون ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي پاپوش نگر پوليس اڱاري ۽ اربع جي وچ واري رات پاپوش نگر قبرستان ويجهو قطب شاهه مزار وٽ مبينا مقابلي ڪانپوءِ هڪ ڦوروءَ کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو زخمي جوابدار کي طبي امداد لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ڪراچي پوليس جي ترجمان موجب، گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ 32 سالن جي فيض الله پٽ ميوه دين طور ٿي جوابدار جي قبضي مان گولين سميت هڪ پسٽل، موبائيل فون ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي

بقايا 21 روزاني عبرت

ٽريننگ اسڪول قائم ڪيو ويندو جتي تربيت لاءِ اٽلي جا استاد ۽ عملي سان گڏ جديد مشينري پڻ فراهم ڪئي ويندي هن چيو ته اسٽون ريفائننگ ٽريننگ اسڪول جي قيام واري منصوبي تي لڳ ڀڳ 20 ملين ڊالر لاڳت اچڻ جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي منصوبي کي حتمي شڪل ڏيڻ لاءِ اٽلي جي ٽيم 21 نومبر تي سنڌ جي دوري لاءِ ڪراچي پهچندي سيد قاسم نويد قمر ٻڌايو ته ماربل سٽي ۾ جديد طرز جو اٽالين ٽريننگ اسڪول قائم ڪرڻ لاءِ هن پنهنجي تازو اٽلي جي دوري دوران ماربل صنعت سان لاڳاپيل اٽالين صنعتڪارن جي تنظيم سان ملاقات ڪري منصوبي جي شروعات لاءِ کين راضي ڪيو هن چيو ته اسٽون، خاص طور تي ماربل جي ريفائننگ ۾ اٽلي جي مشينري ۽ مهارت کي سڄي دنيا ۾ تسليم ڪيو وڃي ٿو هن چيو ته اٽالين صنعتڪارن جي انجمن ڪنفندسٽريا مارموماڪيني جي صدر فلاويو ماريبلي ۽ ٻين ميمبرن سان تفصيلي ملاقات دوران اسٽون ٽريننگ اسڪول جي قيام بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي، جنهن تي اٽالين صنعتڪارن طرفان هاڪاري جواب ڏنو ويو اٽالين ٽيم جي دوري ڪانپوءِ منصوبي تي تيزي سان ڪم شروع ٿيڻ جو امڪان آهي سيد قاسم نويد قمر چيو ته ٽريننگ اسڪول جي قيام سان خام پٿر کي جديد طريقي سان ريفائن ڪري وڌيڪ قيمتي بڻائي پرڏيهي ناڻو حاصل ڪري سگهجي ٿو جڏهن ته جديد مشينري هلائڻ وارن ماهر ڪاريگرن جي تياري ۽ روزگار جي موقعن ۾ پڻ اضافو ٿيندو

بقايا 22 روزاني عبرت

فائرنگ ڪانئيءَ فوت ٿيلن ۽ زخمي شخص کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو فوت ٿيلن جي سڃاڻپ محمد ڪريم پٽ عبدالقيوم ۽ محمد عظيم پٽ عبدالقيوم طور ڪئي وئي آهي جڏهن ته زخمي شخص جي سڃاڻپ جاويد پٽ عظيم طور ٿي آهي پوليس ٻڌايو ته فوت ٿيل ڀائر هئا عظيم ٽن ٻارن جو پيءُ هو جڏهن ته ڪريم غير شادي شده هو ابتدائي معلومات مان ظاهر ٿئي ٿو ته فائرنگ ڪندڙ مقتولن جو مائٽ آهي ۽ واقعي ۾ ملوث سمورا ماڻهو لياري جي ڏڪري پاڙي جا رهواسي ٻڌايا پيا وڃن پوليس وڌيڪ ٻڌايو ته آصف نالي هڪ شخص جيڪو چوڪيدار طور ڪم ڪندو آهي اهو به مقتولن جي گهر جي سامهون رهندو هو فائرنگ جو اصل سبب اڃا تائين معلوم نه ٿي سگهيو آهي ۽ واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي پوليس واقعي واري هنڌان ثبوت گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن ۽ ملزمن جي ڳولا ڪري رهي آهي قانوني ڪارروائي به شروع ڪئي پئي وڃي جڏهن ته واقعي جي ٻين پهلوئن جو به جائزو ورتو پيو وڃي

بقايا 23 روزاني عبرت

۽ اربع جي وچ واري رات واقعو پيش آيو جتي نالي ۾ ڪم ڪرڻ دوران صفائي ڪندڙ ساهه ٻوسٽجڻ سبب فوت ٿي ويو فوت ٿيل صفائي ڪندڙ کي ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندس سڃاڻپ 28 سالن جي بالو ولد شمعون طور ڪئي وئي لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

بقايا 24 روزاني عبرت

اعلان ڪري ڇڏيو آهي ايسوسيئيشن جي ترجمان غلام شبير ڊار چيو آهي ته جيڪڏهن ڪمشنر ڪراچي کير جو مناسب سرڪاري اگهه مقرر نه ڪيو ته ڪراچي ۾ کير جو اگهه 300 رپيا في ڪلو مقرر ڪيو ويندو ڪراچي ڊيري فارمر ايسوسيئيشن جي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته ڪمشنر ڪراچي کير جو مناسب اگهه مقرر ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. جڏهن ته ڊيري فارمرز کي پٺ سان لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي وڌندڙ مهانگائي سبب کير جي صنعت تباهي طرف وڃي رهي آهي ۽ فارمرز سخت معاشي ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن ايسوسيئيشن جي اڳواڻن موجب پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ سبب فارمرز جي چيلهه ڀڄي پئي آهي جڏهن ته مال جي خوراڪ جو اگهه 800 رپيا في مڻ مان وڌي 1700 رپيا في مڻ ٿي ويو آهي ان کان علاوه چوپائي مال جون دوائون، ڳاٽو خوراڪ، مزدوري، پاڻي، ڪرايو ۽ ٽرانسپورٽ سميت ٻين خرچن ۾ به وڏو اضافو ٿيو آهي جنهن سبب ڊيري فارمرز لاءِ ڪاروبار هلائڻ ڏکيو ٿي ويو آهي ڪراچي ڊيري فارمر ايسوسيئيشن جي اڳواڻن چيو ته پيداواري لاڳت وڌڻ سبب فارمرز کي ڪا خاص بچت نٿي ٿئي ۽ مهانگائي کير جي صنعت کي سخت متاثر ڪيو آهي سندن چوڻ موجب خرچن ۾ مسلسل واڌ باوجود ڪمشنر ڪراچي کير جو مناسب سرڪاري اگهه مقرر ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، جنهن ڪري فارمرز جو معاشي قتل ٿي رهيو آهي ايسوسيئيشن جي اڳواڻن مطالبو ڪيو ته ڪمشنر ڪراچي کير جي پيداوار تي ٿيندڙ خرچن کي نظر ۾ رکندي فوري طور مناسب سرڪاري اگهه مقرر ڪري، ٻي صورت ۾ ڪراچي ۾ کير جو اگهه 300 رپيا في ڪلو مقرر ڪيو ويندو ايسوسيئيشن جي ترجمان غلام شبير ڊار اهڙو اعلان ڪيو آهي

بقايا 25 روزاني عبرت

مقتول شخص لاش جي سڃاڻپ 35 کان 40 سالن جي حسن جي نالي سان ٿي آهي ايس ايس پي سائوٿ ٻڌايو ته لاش ڊرائيور واري سيٽ تان مليو فوت ٿيل شخص گاڏي پاڻ هلائي رهيو هو ڪيس ڇاتيءَ تي، دل جي ويجهو گولي لڳي هئي مهزور علي موجب گاڏي مان ڪو به هٿيار نه مليو جيتوڻيڪ گولي گاڏي جي اندر کان ئي هلائي وئي هئي شڪ آهي ته مقتول سان گڏ موجود شخص ئي کيس گولي هڻي قتل ڪيو ايس ايس پي سائوٿ ٻڌايو ته جوابدار گاڏي جو دروازو کولي ٻاهر نڪتو ۽ پوءِ دروازو بند ڪري ڇڏيو پوليس گاڏي جي دروازي تان آڱرين جا نشان فنگر پرنٽس گڏ ڪري رهي آهي ۽ فوت ٿيل شخص جو موبائيل فون پڻ هٿ اچي ويو آهي مهزور علي واقعو قتل آهي ۽ چيو ته پوليس وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي فوت ٿيل شخص، جنهن جي سڃاڻپ حسن طور ٿي آهي، ناظم آباد جو رهواسي هو ۽ ريئل اسٽيٽ جي شعبي ۾ ڪم ڪندو هو پوليس سندس موبائيل فون ذريعي سندس خاندان سان رابطو قائم ڪري ورتو آهي

بقايا 26 روزاني عبرت

سعودي عرب ۾ محفوظ نموني لاهي ورتو اسرائيلي اختيارين اربع ڏينهن واقعي بابت ٻڌايو اسرائيلي وزيراعظم بينجمن نيتن ياهو هن واقعي کي "انتهائي سنگين حفاظتي معاملو" قرار ڏيندي چيو ته گڏيل عرب امارتن کان اسرائيل ويندڙ فلاءِ دبئي جي اڏام ايف زيڊ 1073 جي ڪو پائليٽ کان سعودي اختيارين پڇا ڳاڇا ڪندا ان جهاز ۾ 170 کان وڌيڪ اسرائيلي مسافر سوار هئا. هوائي ڪمپنيءَ پنهنجي بيان ۾ چيو ته واقعي جا اصل سبب اڃا تائين معلوم نه ٿي سگهيا آهن ۽ معاملي بابت وقت کان اڳ ڪا به راءِ قائم ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي ٻنهي پائليٽن وچ ۾ جهيڙي جو سبب پڻ واضح نه ٿي سگهيو آهي. نيتن ياهو ٻڌايو ته اسرائيلي اختيارين موجب ڪو پائليٽ عمان جو شهري آهي، جنهن کي جهاز لهڻ کان پوءِ گرفتار ڪيو ويو اسرائيل جي ٽرانسپورٽ واري وزارت چيو ته واقعي جي گڏيل جاچ دفاعي ادارن جي سهڪار سان ڪئي ويندي. نيتن ياهو پنهنجي آفيس پاران جاري ڪيل وڊيو بيان ۾ چيو ته سمورا مسافر محفوظ آهن ۽ ڪنهن به خطري کان ٻاهر نڪري آيا آهن هن اسرائيل ويندڙ اسرائيلي توڙي غير اسرائيلي هوائي ڪمپنين جي جهازن لاءِ حفاظتي انتظام وڌيڪ سخت ڪرڻ جو حڪم پڻ ڏنو آهن ڪلاڪن تائين سعودي عرب جي تبوڪ هوائي اڏي تي رهڻ کان پوءِ مسافرن کي فلاءِ دبئي جي متبادل جهاز ذريعي اسرائيل روانو ڪيو ويو نيتن ياهو هڪ مسافر جي حوالي سان ٻڌايو ته جڏهن جهاز اوچتو گول چڪر ڪاٽڻ لڳو ۽ تيزيءَ سان هيٺ لهڻ شروع ڪيو ته مسافرن ۽ عملي جي هڪ ميمبر ڪاڪپٽ جهاز جي پائليٽن واري ڪمري ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي اتي هنن ڪو پائليٽ کي جهاز جي نظام کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪندي ڏٺو نيتن ياهو چيو ته مسافرن ڪيترين ئي انساني زندگين کي بچايو ۽ هڪ وڏي تباهي ٿيڻ کان روڪيو نيتن ياهو جي ترجمان رائٽرز کي ٻڌايو ته زخمي پائليٽ رت ۾ ٻڏل حالت ۾ فرش تي پيل هو ۽ هن پائليٽن واري ڪمري جي دروازي جو تالو کولي ڇڏيو هو جهاز ۾ پائليٽن جي ٻي ٽيم پڻ موجود هئي جنهن کي پهرين ٽيم جي جاءِ وٺڻي هئي انهيءَ ٻي ٽيم جهاز کي محفوظ نموني سعودي عرب ۾ لاٿو جهاز جي اڏام بابت انگن اکرن موجب اربع جي صبح پهرين هنگامي اطلاع موڪلڻ کان اڳ جهاز 30 سيڪنڊن کان به گهٽ وقت ۾ اوچتو لڳ ڀڳ 14 هزار فوٽ هيٺ لهي آيو اڏامن جي نگراني ڪندڙ ويب سائيٽ فلائيٽ ريڊار 24 پڻ جهاز جي اوچتي هيٺاهين اڏام بابت ڄاڻ ڏني. هڪ شهري ياسمين ابوڪاسس ٻڌايو ته سندس ڌيءَ مريم پڻ انهيءَ اڏام ۾ سوار هئي ڌيءَ کيس ٻڌايو ته جهاز ۾ رڙيون ٻڌڻ ۾ آيون ۽ هڪ شخص جنهن جي هٿ ۾ چاقو هو هڪ پائليٽ کي زبردستي فرش تي ڪيرائي ڇڏيو ان کان پوءِ جهاز ۾ هر طرف رت پکڙيل هو اسرائيلي ميڊيا جهاز جي اندر ورتل هڪ تصوير پڻ شايع ڪئي جنهن ۾ هڪ مسافر جي قميص رت ۾ ڀڄل نظر اچي رهي هئي بهرحال رائٽرز ان تصوير جي سچائيءَ جي فوري طور تصديق نه ڪري سگهي فلاءِ دبئيءَ ۽ تل ابيب وچ ۾ روزانو اچ وڃ واريون اڏامون هلائي ٿي جي رستو اسرائيلي شهرين ۾ گهڻو مشهور آهي عام طور تي انهن اڏامن جو رستو سعودي عرب ۽ اردن جي هوائي حدن تان گذرندو آهي اسرائيل ۽ گڏيل عرب امارتن وچ ۾ لهڻ جو هي پهريون واقعو ناهي اسرائيلي ميڊيا موجب، سيپٽمبر 2025ع ۾ دبئيءَ کان تل ابيب ويندڙ فلاءِ دبئي جي هڪ اڏام کي طبي هنگامي صورتحال سبب رياض ۾ لهڻو پيو هو اسرائيلي ميڊيا تي وڏي پيماني تي هلندڙ هڪ وڊيو ۾، جيڪو مبينا طور تي جهاز ۾ سوار هڪ اسرائيلي مسافر جو هو ٻڌايو ويو ته چاقو هڻڻ واري واقعي ۾ هڪ پائليٽ سخت زخمي ۽ ٻيو معمولي زخمي ٿيو هو سعودي عرب جي تبوڪ هوائي اڏي جي انتظاميا پڻ ٻڌايو ته زخمي ٿيڻ کان پوءِ ٻنهي پائليٽن کي اسپتال داخل ڪيو ويو هوائي اڏي جي انتظاميا ۽ مبينا اسرائيلي مسافر ٻنهي مان ڪنهن به حملي ڪندڙ جي سڃاڻپ ظاهر نه ڪئي گڏيل عرب امارتن اڃا تائين فلاءِ دبئي جي هن واقعي بابت ڪو بيان جاري نه ڪيو آهي دبئيءَ جي ملڪيت واري هوائي ڪمپنيءَ رڳو ايترو چيو آهي ته اڏام دوران هڪ واقعو پيش آيو جنهن سبب جهاز جو رخ تبديل ڪيو ان کي سعودي عرب جي تبوڪ هوائي اڏي تي لاٿو ويو ڪمپنيءَ موجب، جهاز محفوظ نموني لٿو ۽ سمورا مسافر محفوظ آهن جڏهن ته سڀني مسافرن جي موجودگيءَ جي پڻ تصديق ڪئي وئي آهي

بقايا 27 روزاني عبرت

پاڪستانين جا مڙهه ٻن کان ٽن ڏينهن اندر پاڪستان آندا وڃن، جڏهن ته زخمي پاڪستانين سميت ٻين 10 پاڪستانين کي به ترت وطن واپس آڻي زخمين کي علاج جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن جن حالتن ۾ پاڪستاني شهري رهي رهيا آهن انهن جون زندگيون وڌيڪ داءِ تي نه لڳڻ گهرجن، پنهنجن شهرين کي تحفظ فراهم ڪرڻ حڪومت ۽ رياست جي بنيادي ذميواري آهي پريس ڪانفرنس ڪندي منعم ظفر خان چيو ته ڪراچي جي شاگردن کي هر تعليمي امتحان ۾ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ميٽرڪ هجي يا انٽر جو امتحان ڪراچي جا شاگرد مسئلن جو شڪار ٿين ٿا، جڏهن ته ميڊيڪل ڪاليجن جي داخلا ٽيسٽ ۾ به ڪراچي جي شاگردن کي خوار ڪيو وڃي ٿو حڪومتون پاڪستان جي مستقبل سان کيڏي رهيون آهن ۽ حڪمران ملڪ جي مستقبل کي داءِ تي لڳائي رهيا آهن هن چيو ته 20 سيپٽمبر تي ميڊيڪل ڪاليجن جي داخلا ٽيسٽ ٿي، جنهن ۾ سڄي ملڪ مان هڪ لک 35 هزار کان وڌيڪ شاگردن شرڪت ڪئي، جڏهن ته 2022ع ۾ ساڳي ٽيسٽ ۾ ٻن لکن کان وڌيڪ شاگرد شامل ٿيا هئا هن دعويٰ ڪئي ته 2022ع جي مقابلي ۾ ميڊيڪل داخلا ٽيسٽ ۾ شاگردن جو انگ لڳ ڀڳ 31 سيڪڙو گهٽ ٿيو آهي وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون تعليم جي شعبي ۾ نوجوانن جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ ناڪام رهيون آهن منعم ظفر خان چيو ته ميڊيڪل داخلا ٽيسٽ جي رجسٽريشن فيس 13 هزار رپيا وصول ڪئي وئي ۽ ملڪ جي شاگردن کان فيس جي مد ۾ ڪروڙين ۽ اربين رپيا وصول ڪيا ويا، پر ان جي باوجود ڪراچي جي شاگردن سان داخلا ٽيسٽ ۾ امتيازي سلوڪ ڪيو ويو منعم ظفر خان چيو ته حڪومت ڪراچي جي عوام کي مشڪلاتن ۾ رکڻ چاهي ٿي آهي پيٽروليم شين تي ليوي ۽ ٽيڪسن ۾ واڌ خلاف جماعت اسلامي جي مهم جاري آهي. گذريل هفتي ڪراچي جي 25 مختلف هنڌن تي احتجاجي ڪئمپ قائم ڪيا ويا، جڏهن ته پيٽروليم شين تي اضافي ٽيڪس خلاف لکين شهرين سان رابطو ڪيو پيو وڃي ٽيڪسن خلاف صحيح مهم ذريعي عوام جي وڏي انگ جي حمايت حاصل ڪئي پئي وڃي هن چيو ته جماعت اسلامي ڪراچي جي حقن لاءِ هر محاذ تي بيٺل رهندي، ڪراچي جي حق لاءِ هر دروازي تي دستڪ ڏينداسين ۽ ڪراچي جي عوام جي حقن تان ڪنهن به صورت ۾ دستبردار نه ٿينداسين

بقايا 28 روزاني عبرت

آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب پرڏيهي وزارت اسلام آباد ۾ ايس سي او ميمبر ملڪن جي نيشنل ڪوآرڊينيٽرز سان گڏوگڏ ايس سي او سيڪريٽريٽ ۽ ايس سي او آر اي ٽي ايس جي سينيئر نمائندن خطاب ڪيو پاڪستان جي صدارت ۾ نيشنل ڪوآرڊينيٽرز ڪائونسل جي پهرين اجلاس ۾ نيشنل ڪوآرڊينيٽرز جي آجيان ڪندي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار پاڪستان جي هڪ کليل جامع ۽ تعميري صدارتي عزم جو ورجاءُ ڪيو جيڪو گڏيل اعتماد، گڏيل مفاد، برابري، مشاورت ۽ گڏيل ترقي جي "شنگهائي اسپرٽ" تي ٻڌل آهي هن پاڪستان جي صدارت جي موضوع "وژن کي عمل ۾ تبديل ڪرڻ ڪنيڪٽيويٽي، جدت ۽ گڏيل خوشحالي" کي اجاگر ڪيو ۽ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ايس سي او جي گڏيل وژن کي عملي تعاون ۽ ٺوس نتيجن ۾ تبديل ڪيو وڃي هن 2027ع ۾ اسلام آباد ۾ ايس سي او ڪائونسل آف هيڊز آف اسٽيٽ جي ميزباني جي تيارين جو پڻ ذڪر ڪيو ۽ ڪامياب صدارت کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ ميمبر ملڪن جي وچ ۾ ويجهي رابطي جي ضرورت تي زور ڏنو

بقايا 29 روزاني عبرت

بلتستان ، بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا ۾ وڌيڪ اسڪول قائم ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو آهي جنهن تي مجموعي طور تي 26 ارب 81 ڪروڙ رپيا لاڳت ايندي سرڪاري شعبي جي ترقياتي منصوبن ۾ حڪومت، آزاد جمون ڪشمير ، گلگت بلتستان،

بلوچستان، خيبر پختونخوا ۽ سنڌ ۾ وڌيڪ دانش اسڪولن جي قيام جو منصوبو تيار ڪيو ويو آهي جنهن تي 26 ارب 81 ڪروڙ رپيا لاڳت ايندي منصوبي جو مقصد ملڪ جي پٺتي پيل ۽ گهٽ سهولت وارن علائقن جي مستحق شاگردن کي معياري رهائشي تعليم محفوظ ماحول ۽ جديد تعليمي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي ته جيئن باصلاحيت ٻارن کي ان جي جاگرافيائي طور يا خانداني مدد سبب تعليمي موقعي کان محروم نه ٿيڻ گهرجي دانش اسڪولن ذريعي مستحق ٻارن کي معياري تعليم سان گڏ اعليٰ تعليم تائين پهچڻ لاءِ بهتر ۽ مضبوط تعليمي بنياد فراهم ڪرڻ تي ڌيان ڏنو ويندو ان قدم سان ڏورانهن ۽ گهٽ ترقي يافته علائقن جي نوجوانن کي پنهنجون صلاحيتون اجاگر ڪرڻ ۽ مستقبل ۾ ملڪي ترقي ۾ بهتر ڪردار ادا ڪرڻ جا موقعا ملندا.

بقايا 30 روزاني عبرت

ڪيو ۽ پرڏيهه ويندڙ مسافرن جي اميگريشن واري عمل جو تفصيلي جائزو ورتو ان موقعي تي وفاقي گهرو وزير اميگريشن ڪائونٽرن تي مسافرن کي فراهم ٿيندڙ سهولتن ۽ انتظامن جو جائزو ورتو محسن نقوي پرڏيهه ويندڙ مسافرن سان ملاقات ڪئي ۽ انهن کان اميگريشن جي طريقيڪار، انتظار جي وقت ۽ دستياب سهولتن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي وفاقي گهرو وزير ڪجهه مسافرن جا سفري دستاويز پڻ چيڪ ڪيا ۽ ايف آءِ اي اختيارين کان انهن جي تصديق ڪرائي وفاقي گهرو وزير اميگريشن ٽيم جي انتظامن تي اطمينان ۽ خوشي جو اظهار ڪندي چيو ته اميگريشن ڪائونٽرن تي اضافي عملي جي مقرري سان مسافرن جون ڊگهيون قطارون ختم ٿي ويون آهن هن چيو ته ايئرپورٽ تي مسافرن کي اميگريشن جي عمل دوران هر ممڪن سهولت فراهم ڪئي وڃي ۽ انهن کي غير ضروري پريشاني کي منهن نه ڏيڻو پوي محسن نقوي جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ جي اميگريشن جي ڊپٽي ڊائريڪٽر شهزاد اڪبر جي ڪارڪردگي کي خاص طور ساراهيو ۽ اميگريشن عملي جي انتظامن تي اطمينان جو اظهار ڪيو وفاقي گهرو وزير هدايت ڪئي ته مسافرن جي سهولت کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي ۽ اميگريشن جي عمل کي تيز ۽ منظم رکيو وڃي هن واضح ڪيو ته نامڪمل يا غير تصديق ٿيل سفري دستاويزن وارن مسافرن کي ڪنهن به صورت ۾ سفر جي اجازت نه ڏني وڃي محسن نقوي چيو ته سفري دستاويزن جي مڪمل جاچ ۽ تصديق سان گڏ مسافرن کي سهولتون فراهم ڪرڻ اميگريشن عملي جي اهم ذميواري آهي تنهن ڪري سهولت ۽ ضابطن تي عمل ٻنهي کي گڏ يقيني بڻايو وڃي

بقايا 31 روزاني عبرت

سندس والد جي لاش ڪڏهن پاڪستان آندو ويندو ان بابت کين ڪجهه نه ٻڌايو ويو آهي ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي اذهان عمر چيو ته سندس والد سان آخري ڳالهه ٻولهه 12 آگسٽ تي سندس سالگره جي موقعي تي ٿي هئي. اذهان عمر چيو ته سندس والد چوندا هئا ته قزاق کين ماري ڇڏيندا، آخرڪار ائين ئي ٿيو ۽ انهن سندس والد کي قتل ڪري ڇڏيو هن چيو ته حڪومت طرفان اڃا تائين هڪ به فون ڪال ناهي آئي ۽ نه ئي ڪنهن سرڪاري اداري طرفان خاندان سان رابطو ڪيو ويو آهي اذهان عمر وڌيڪ ٻڌايو ته جنهن ڪمپني سان سندس والد ويا هئا، ان طرفان کين ٻڌايو ويو آهي ته سندس والد جو لاش اتي ئي موجود آهي ۽ لاش پاڪستان آڻڻ لاءِ ٻن ڏينهن جو مرحلو آهي پر هن وقت تائين کين اهو نه ٻڌايو ويو آهي ته لاش آخر ڪڏهن پاڪستان آندو ويندو

بقايا 32 روزاني عبرت

ڪراچي پريس ڪلب پهچڻ تي صدر فاضل جميلي، سيڪريٽري جنرل اسلم خان سينئر صحافي مظهر عباس ۽ ٻين عهديدارن سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جو استقبال ڪيو سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪلب جي عهديدارن سان ملاقات ڪئي صحافين جا مسئلا ٻڌا ۽ انهن جي حل ڪرڻ جو يقين ڏياريو. بعد ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ڪراچي پريس ڪلب پاران سندس اعزاز ۾ ڏنل منجهند جي ماني (ظهراڻي) ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته هو ڪراچي پريس ڪلب جو ٿورائتو آهي جنهن اطلاعات کاتي جي آفيسرن ۽ کيس منجهند جي مانيءَ جي دعوت ڏني ڪراچي پريس ڪلب ۾ مختلف اهم معاملن ۽ صحافين سان لاڳاپيل مسئلن تي تفصيل سان ڳالهه ٻولهه ٿي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ هميشه صحافت جي آزاديءَ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ صحافين جي ڀلائيءَ لاءِ نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون آهن خاص طور تي آصف علي زرداريءَ صحافين جي ڀلائيءَ ۽ صحافت جي آزاديءَ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. صحافين جي فلاح لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جون خدمتون صرف دعوائن تائين محدود ناهن ملڪ ۾ جمهوريت جي مضبوطيءَ لاءِ صحافي ۽ سياسي جماعتون هڪ ئي گاڏيءَ جا ٻه ڦيٿا آهن صحافت جي سياسي جماعتن جو ڪردار جمهوريت جي مضبوطيءَ لاءِ انتهائي اهم آهي صحافي ۽ سياسي جماعتون جمهوريت جي گاڏيءَ جا ٻه ڦيٿا آهن ٻئي گڏ هلندا ته جمهوريت مضبوط ٿيندي هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ هميشه صحافين جي حقن ۽ صحافت جي آزاديءَ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو دور هجي يا محترم آصف علي زرداريءَ جو پيپلز پارٽيءَ هميشه صحافي برادريءَ جو ساٿ ڏنو آهي پيپلز پارٽيءَ هر دور ۾ صحافين جي مسئلن جي حل ۽ انهن جي حقن لاءِ آواز بلند ڪيو آهي ۽ ڏکين حالتن ۾ به صحافين جو ساٿ ناهي ڇڏيو پيپلز پارٽيءَ جمهوريت جي خاطر هر قسم جي ڏکين حالتن ۽ آزمائشن جو مقابلو ڪيو آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ ويزن تحت نومبر ۾ ٿرپارڪر ۽ سکر ۾ پروگرام منعقد ڪرڻ جي تجويز آهي سنڌ ويزن پروگرام لاءِ 15 کان 17 نومبر جون تاريخون في الحال عارضي طور تجويز ڪيون ويون آهن بهرحال موجوده حالتن ۽ ٻين مصروفيتن کي مدنظر رکندي پروگرام جي تاريخ اڳتي به وڌي سگهي ٿي سکر ۾ سنڌ ويزن تحت هڪ تقريب ۽ پريس ڪلب پروگرام منعقد ڪيو ويندو سنڌ ويزن پروگرام ۾ پوري پاڪستان مان صحافين کي مدعو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ۽ پوري پاڪستان جي صحافي برادريءَ کي ان پروگرام ۾ شرڪت جي دعوت ڏني ويندي. سنڌ ويزن پروگرام ذريعي ملڪ ڀر جي صحافين کي سکر ۾ گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هن چيو ته 21 لک گهرن جي تعمير جي منصوبي کي عالمي سطح تي به ساراهيو پيو وڃي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت اسان جا منصوبا عالمي رينڪنگ ۾ ٽاپ ٽين ۾ شامل ٿيا آهن پاڪستان جو نالو عالمي سطح تي بلند ڪندڙ منصوبن ۾ سنڌ حڪومت جو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي سنڌ حڪومت جي مختلف منصوبن گنيز ورلڊ آف ريڪارڊ ۾ به جڳهه ٺاهي آهي اسان ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته سنڌ ۾ عالمي معيار جا وڌيڪ منصوبا ايونٽس متعارف ڪرايا وڃن سکر ۾ هڪ اسٽيٽ آف دي آرٽ اسٽيڊيم تعمير ڪرڻ جو منصوبو به غور هيٺ آهي جنهن ۾ نالي واري خانگي شعبي ۽ اسپانسرز کي به شامل ڪيو ويندو سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته موجوده حڪومت ملڪي ترقيءَ لاءِ حڪومت کان حڪومت ۽ ٻين سطحن تي تعاون کي هٿي ڏئي رهي آهي اسان چاهيون ٿا ته جديد ٽيڪنالوجي ۽ اسٽيٽ آف دي آرٽ ڪمپنين ذريعي پاڪستان ۾ پرڏيهي سيڙپڪاري اچي پرڏيهي سيڙپڪاري کي پاڪستان ۾ آڻڻ ۽ ان کي وڌيڪ اڳتي وڌائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن، پاڪستان کي ترقيءَ جي راهه تي اڳتي وٺي وڃڻ لاءِ سڀني کي ملي ڪري پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو پاڪستان آهي ته سڀ ڪجهه آهي. ان ڪري هر شهريءَ کي ملڪ جي ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ملڪ کي اڳتي وٺي وڃڻ لاءِ منفي سوچ کي ختم ڪري مثبت سوچ کي فروغ ڏيڻو پوندو پاڪستان کي درپيش چئلينجن جو مقابلو اتحاد ۽ يڪجهتيءَ سان ڪرڻو پوندو

بقايا 33 روزاني عبرت

شاهه محمد ڇهين فاطم زهرا المنصوري کي ملڪ جي پهرين عورت وزيراعظم مقرر ڪري ڇڏيو پرڏيهي ميڊيا موجب، فاطم زهرا المنصوري جي جماعت گذريل هفتي ٿيل پارلياماني چونڊن ۾ 395 مان 97 سيٽون کٽي سڀ کان وڌيڪ سيٽون حاصل ڪيون پر واضح اڪثريت نه ملڻ سبب حڪومت ٺاهڻ لاءِ ٻين جماعتن سان اتحاد ڪرڻو پوندو شاهي محل موجب، 50 ورهين جي فاطم زهرا المنصوري ان کان اڳ

هائوسنگ واري وزير ۽ مراڪش شهر جي ميئر رهي چڪي آهي ان ڪانسواءِ هوءَ 2009ع ۾ به مراڪش جي ميئر چونڊجي ملڪ جي پهرين عورت ميئر بڻي هئي فاطم زهرا المنصوري مراڪش جي پهرين ۽ عرب دنيا جي ٻي عورت وزيراعظم آهي واضح رهي ته مراڪش ۾ نيم آئيني بادشاهت وارو نظام قائم آهي جتي بادشاهه کي اهم معاملن ۾ وسيع اختيار حاصل آهن

بقايا 34 روزاني عبرت

کي نجف جو هوائي سفر ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق عراق جي حڪومت جي هڪ عهديدار ۽ هوائي اڏي جي هڪ ذريعي جي حوالي سان ٻڌايو ته آمريڪا عراق جي ايئرلائينز تي پابندين ۾ مشروط طور ڇوٽ ڏئي ڇڏي آهي جنهن تحت هو مسلمانن جي مقدس شهر نجف ۽ ايران وچ ۾ ايراني زائرين کي آڻڻ لاءِ اڏامون هلائي سگهندا عراقي عهديدار چيو ته عراقي ايئر لائينز کي نجف ۽ ايران وچ ۾ اڏامون هلائڻ لاءِ مشروط ڇوٽ حاصل هوندي

بقايا 35 روزاني عبرت

کي هٿي ڏيڻ ۽ ڪاروبار لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ پنهنجي حڪومت جي عزم کي ٻيهر ورجايو ان تقريب ۾ ڪاٽي جي سرپرست اعليٰ ايس ايم تنوير صدر محمد اڪرام راجپوت، نائب سرپرست اعليٰ زبير چاپا، سينيئر نائب صدر زاهد حميد، نائب صدر سيد محمد طلحه علي نوان چونڊيل صدر شيخ عمر ريحان سينيئر نائب صدر سيد فرخ علي قنڌاري نائب صدر ناصر شيخ، نامور صنعتڪارن ڪاروباري اڳواڻن اڳوڻن عهديدارن ۽ صنعتي برادري جي ميمبرن شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي وڏي وزير چيو ته پاڪستان جو اقتصادي انجڻ قومي معيشت ۾ ڪراچي جي مرڪزي ڪردار کي اجاگر ڪندي مراد شاهه چيو ته هي شهر پاڪستان جو اقتصادي انجڻ آهي جيڪو صنعتن بندرگاهن، واپار برآمدات ۽ سيڙپڪاري جي موقعن جو گهر آهي هن چيو ڪراچي جون صنعتون لکين ماڻهن جي روزگار جو وسيلو آهن. هڪ فئڪٽري رڳو هڪ عمارت ناهي هي سوين خاندانن جي آمدني جو ذريعو آهي. هر صنعت جي چوڌاري سپلائرز، ٽرانسپورٽرز، پورهيت، ٽيڪنيشن ۽ بيشمار ننڍا ڪاروبار گهمندا آهن هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته هڪ مضبوط معيشت لاءِ هڪ مضبوط صنعتي شعبو لازمي آهي هن چيو جيڪڏهن ڪراچي مضبوط آهي ته سنڌ مضبوط ٿيندي ۽ جيڪڏهن سنڌ مضبوط آهي ته پاڪستان مضبوط ٿيندو

بقايا 36 روزاني عبرت

سون جي قيمت 4300 رپين جي واڌ سان في تولو سون 4 لک 31 هزار 636 رپين جو ٿي ويو آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز ايسوسيئيشن موجب اربع ڏينهن سون جي في تولو قيمت ۾ 4 هزار 300 رپين جي واڌ ڪانپوءِ في تولو سون 4 لک 41 هزار 6 سؤ 36 روپين جو ٿي ويو آهي 24 قيراط سون جي 10 گرام جي قيمت به 3686 رپين جي واڌ ڪانپوءِ 3 لک 74 هزار 945 رپين مان وڌي 3 لک 78 هزار 631 رپيا ٿي وئي 10 گرام 22 قيراط سون جي قيمت 3 لک 43 هزار 712 رپين مان وڌي 3 لک 47 هزار 091 رپيا ٿي وئي

بقايا 37 روزاني عبرت

ايڪسچينج ۾ اربع ڏينهن تيزي جو رجحان رهيو ۽ ڪي ايس اي 100 انڊيڪس 368.92 پوائنٽس جي اضافي ڪانپوءِ 169969.32 پوائنٽس تي بند ٿيو ڪاروباري سرگرمين دوران مجموعي طور تي 569 ڪمپنين جي شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي جنهن مان 253 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ اضافو 195 ڪمپنين جي شيئرز جي قيمتن ۾ گهٽتائي، جڏهن ته 121 ڪمپنين جي شيئرز جون قيمتون استحڪام ۾ رهيون مجموعي طور تي 591.23 ملين شيئرز جي ڏيتي ليتي ٿي

بقايا 38 روزاني عبرت

ٽي آنر 25" کي هٿياربند ڦورن کان آزاد ڪرائڻ واري آپريشن دوران 3 پاڪستاني شهري مارجي ٿي ويا. پرڏيهي وزارت موجب، مارجي ويل پاڪستانين ۾ رفيع الله خان، سيد ڪاشف عمر ۽ محمود احمد انصاري شامل آهن جڏهن ته عملي جا 4 ٻيا ماڻهو به زخمي ٿيا، جن ۾ 3 پاڪستاني شهري پڻ شامل آهن وزارت موجب، زخمين کي ويجهي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 39 روزاني عبرت

وزير سيد سردار علي شاهه چيو آهي ته سنڌ ۾ نان فارمل ايجوڪيشن جي قدمن تحت تقريبن هڪ لک اسڪول کان ٻاهر ٻارن کي تعليمي نظام سان جوڙڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿي آهي نان فارمل ايجوڪيشن پروگرام اپريل 2025ع ۾ شروع ڪيو ويو هو جنهن ذريعي انهن ٻارن تائين تعليم پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي جيڪي مختلف سببن جي ڪري روايتي اسڪولن تائين پهچ حاصل ناهن ڪري سگهندا اهڙن خيالن جو اظهار تعليم واري صوبائي وزير اربع ڏينهن ڪراچي جي اسڪائوٽس آڊيٽوريم ۾ نان فارمل ايجوڪيشن فيسيليٽيٽرس ۾ 1,000 ڊجيٽل ٽيبليٽس ورهائڻ جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو

بقايا 40 روزاني عبرت

ٿي ويو هو ان جي صحت هاڻي بهتر ٿيندڙ آهي جڏهن ته اختيارين معاملي جي سڀني پاسن جي جاچ ڪري رهيون آهن سندس گهرڀاتين موجب ارشد خان جدون تي پريس ڪائونسل سان لاڳاپيل هڪ عهديدار ۽ سندس ڀائرن حملو ڪيو هو جڏهن ته ان معاملي جي شڪايت پڻ درج ڪرائي وئي آهي. هوڏانهن متاثر عملدارن جي گهرڀاتين جو اهو پڻ چوڻ آهي ته کين اميد آهي ته ادارا معاملي جي بهتر جاچ ڪري کين انصاف فراهم ڪندا

بقايا 41 روزاني عبرت

بورڊ آف روينيو انڪم ٽيڪس جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ جيڪا ڪالهه 30 سيپٽمبر تائين هئي ان کي مختلف واپاري تنظيمن ۽ ٽيڪس بار ايسوسيئيشن جي مطالبي تي 15 آڪٽوبر تائين وڌايو آهي هاڻي واپاري ۽ مختلف ٽيڪس ڏيندڙ پنهنجا ٽيڪس گوشوارا 15 آڪٽوبر تائين جمع ڪرائي سگهن ٿا

بقايا 42 روزاني عبرت

اڳوڻو آفيسر ۽ درگاهه سيد مهدي شاهه جو گادي نشين سيد نور علي شاهه وفات ڪري ويو اسٽيل مل تعليم کاتي جو اڳوڻو آفيسر ۽ سيد بچل شاهه ڳوٺ جي درگاهه سيد مهدي شاهه جو گادي نشين سيد نور علي شاهه وفات ڪري ويو آهي جنهن جي تدفين سندس اباڻي قبرستان ۾ ڪئي وئي مرحوم سيد نور علي شاهه ڪافي عرصو اسٽيل مل ۾ تعليم کاتي ۾ آفيسر طور خدمتون سر انجام ڏنيون رٽائرڊ ٿيڻ ۽ پنهنجي والد بزرگوار جي وفات بعد هو خانداني درگاهه جي گادي جو سربراهه مقرر ٿيو هو نور علي شاهه جون دين ۽ تعليم جي واڌاري لاءِ ڪيل خدمتون ساراهه جوڳيون آهن وارثن ۽ عقيدتمندن جو چوڻ آهي ته سندس خدمتن سان پيدا ٿيندڙ خال کي ڀرڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو سوڳوارن ۾ سندس ڀائر سيد فضل حسين شاهه سيد باقر شاهه ۽ مريد شامل آهن جن سان تعزيتن جو سلسلو جاري آهي

بقايا 43 روزاني عبرت

بهتري آئي آهي ڪچي وارن علائقن ۾ امن جي قيام سان گڏ پائيدار ترقي ۽ مقامي آباديءَ کي بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ ترقياتي منصوبن تي پڻ خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي. پ پ پ وومين ونگ جي صدر ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر فريال ٽالپر جي صدارت هيٺ امن امان بابت اجلاس ڪانئيءَ ميڊيا سان ڳالهائيندي سيد ناصر حسين شاهه چيو ته سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن جي ڪچي وارن علائقن جي مجموعي صورتحال، امن امان ۽ اتي جاري ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ڪچي واري علائقي سان تعلق رکندڙ قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جا ميمبر پڻ موجود هئا، جن پنهنجي پنهنجي علائقن ۾ جاري ترقياتي ڪمن ۽ عوام کي درپيش مسئلن بابت بريفنگ ڏني هن چيو ته ڪچي وارن علائقن ۾ جيڪي ڪم ڪيا ويا آهن انهن جا مثبت نتيجا سامهون اچي رهيا آهن ڏوهاري ماڻهن خلاف ڪارروايون ۽ ٻين قدمن جي نتيجي ۾ ڏوهن ۾ گهٽتائي آڻڻ ۾ مدد ملي آهي

بقايا 44 روزاني عبرت

جي سوڳوار خاندان سان دلي همدردي ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو ته مرحوم پارٽي جو اثاثو هو جڏهن ته پارٽي لاءِ سندس خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري مرحوم انور جان سيرائي لاءِ جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام ۽ سندس وارثن ۽ سوڳوار خاندان لاءِ صبر جميل جي دعا پڻ ڪئي

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

سنڌ ۾ انساني جان جي بي قدري: ذميوار ڪير آهي؟
صفحو 4

ڊاڪٽر رميش ڪمار
پهرين آڪٽوبر، چين جو سبق ڏيندڙ ڏينهن..!
صفحو 4

ايشيائي ترقياتي بئنڪ، ٽيڪس ۽ معاشي چئلينج
مياں عمران احمد
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن — پهرين آڪٽوبر
صفحو 4

گاڙهو ۾ ساموندي مافيا ماهيگيرن لاءِ عذاب بڻيل،سمنڊ منشيات اسمگلنگ جو مرڪز ٿي ويو

ڪراچي کان ڪيٽي بندر تائين هن وقت عربي سمنڊ تي هڪ منظم مافيائن جو قبضو ٿي ويو

منشيات ساموندي رستي سان ڪنهن بادشاهه سلامت جي تشريف فرمائي جيان سمنڊ مان گذاري وڃي ٿي

منشيات ڪيٽي بندر،ساڪرو،گاڙهو،ڪارڙو،ميرن پٽائي،ٻهارا،ڊونڊي،انبرا،جهرو، جوهو،جنگيسر،سجاول،خليفو، گرنار دانڊاري،سانولپور، پهچائي وڃي ٿي

منشيات اتان کان بآساني شهرن ڏانهن منتقل ٿي وڃي ٿي،غيرقانوني ڪاروبار ۾ علائقن جا بااثر حصيدار آهن ۽ پوليس به خاموش بڻيل آهي

گاڙهو (رپورٽ:فيض سنڌي) ساموندي مافيا عام ماهيگيرن لاءِ عذاب بڻيل،سمنڊ هن وقت منشيات اسمگلنگ جو مرڪز ٿي ويو خبر موجب ڪراچي کان ڪيٽي بندر تائين هن وقت عربي سمنڊ تي هڪ منظم مافيائن جو قبضو آهي جن جي منشيات ساموندي رستي سان ڪنهن بادشاهه سلامت جي تشريف فرمائي جيان سمنڊ مان گذري ڪيٽي بندر ساڪرو گاڙهو جوهو جي مختلف ٽڙن جهڙوڪ ڪارڙو ميرن پٽائي ٻهارا ڊونڊي انبرا جهرو جوهو جنگيسر سجاول خليفو گرنار دانڊاري سانولپور وغيره وغيره تي پهچي ٿي ۽ اتان کان با آساني شهرن ڏانهن منتقل ٿي وڃي ٿي هن جي غيرقانوني ڪاروبار ۾ علائقن جا بااثر نه صرف حصيدار آهن پر پوليس به خاموش بڻيل آهي

گاڙهو ۾ ساموندي مافيا پاران اسمگلنگ منشيات ڪٽن ۾ ڀيل آهي

ٽنڊوالهيار کان حيدرآباد تائين هلندڙ پيپلز بس ۾ رش سبب عورتون ۽ بزرگ مشڪلاتن جو شڪار

رش هجڻ جي ڪري عورتن کي مردن جي وچ ۾ ايڊجسٽ ڪري ويهارڻو وڃي ٿو ۽ بزرگن کي بيهي ڪري سفر ڪرڻو پوي ٿو

ٽنڊوالهيار کان حيدرآباد وينڊڙ پيپلز بس ۾ عوام جي رش وڌي وڃڻ ڪري سفر دوران تمام گهڻيون پريشانيون ٿي رهيون آهن:امام الدين شيخ

ڇنڇر ۽ آچر تي بسون گهٽ ڪيون وڃن ٿيون جنهنڪري پڻ عوام پريشان ٿئي ٿي پيپلز بسن جي تعداد ۾ اضافو ڪيو وڃي

ٽنڊوالهيار (ٽ ز) ٽنڊوالهيار کان حيدرآباد تائين هلندڙ پيپلز بس ۾ روڊندڙ سوارين جي ڪري عورتن ۽ بزرگن کي پريشاني جو منهن ڏسڻو پوي ٿو ۽ رش هجڻ جي ڪري عورتن کي مردن جي وچ ۾ ايڊجسٽ ڪري ويهارڻو وڃي ٿو ۽ بزرگن کي بيهي ڪري سفر ڪرڻو پوي ٿو حڪومت کي گهرجي ته عوامي سهولتن لاءِ پيپلز بسون وڌايون وڃن اهڙي خيالن جو اظهار پاڪستان نظام مصطفيٰ سوشل ويلفيئر ايسوسي ايشن جي چيئرمين امام الدين شيخ ٽنڊوالهيار پريس ڪلب ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته ٽنڊوالهيار کان حيدرآباد وينڊڙ پيپلز بس ۾ عوام جي رش وڌي وڃڻ ڪري سفر دوران تمام گهڻيون پريشانيون ٿي رهيون آهن ان کان علاوه ڇنڇر ۽ آچر تي بسون گهٽ ڪيون وڃن ٿيون جنهنڪري پڻ عوام پريشان ٿئي ٿي

امتياز کهر کي پاڪستان ورڪرز فيڊريشن جو سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر مقرر ڪرڻ تي تقريب

ٽري ميرواهه(ن ع)پاڪستان ورڪرز فيڊريشن پاران امتياز کهر کي سنڌ جو سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر مقرر ڪرڻ تي ايريگيشن آفيس ٽري ميرواهه ۾ سنڌس مان ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ورڪرز فيڊريشن جي اڳواڻن عهديدارن ۽ ملازمن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ حضور بخش اسلامي،دلاور لغاري،جاويد لغاري،اطهر سهتو مظهر علي ۽ ٻين شرڪت ڪئي تقريب دوران پاڪستان ورڪرز فيڊريشن جي اڳواڻن پاران امتياز علي کهر کي سنڌ جو سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر مقرر ٿيڻ تي هار پارائي مبارڪباد پيش ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي امتياز علي کهر چيو ته پاڪستان ورڪرز فيڊريشن پاران مون سان اعتماد ڪندي سنڌ جو سوشل ميڊيا ڪوآرڊينيٽر مقرر ڪرڻ سنڌس لاءِ وڏو اعزاز آهي پنهنجون ذميواريون پوري ايمانداري ۽ محنت سان نڀائيندس مزدورن جي مسئلن کي سوشل ميڊيا جي مختلف پليٽ فارمن ذريعي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪندس

رسول آباد قومي شاهراهه تي ٽرالر جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر،نوجوان فوت

ڳوٺ سمون چنو جو رهواسي نوجوان سهيل احمد چنو ٽلڏي تي فوت ٿي ويو

ٽڪر ۾ هڪ زخمي،ٻن ڪلاڪن تائين ٽريفڪ معطل رهي،ڪيس داخل نه ٿيو

ٽرالر ڊرائيور خلاف قانون موجب ڪيس داخل ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي:وارثن ايس ايڇ او

هنگورجا(ن ع)هنگورجا کان ڪوٽڙي ڪبير ويندڙ قومي شاهراهه هڪ ڀيرو ٻيهر خوني روڊ بڻجي ويو رسول آباد اسٽاپ سامهون تيز رفتار ٽرالر موٽرسائيڪل کي زوردار ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ ڳوٺ سمون چنو جو رهواسي نوجوان سهيل احمد چنو ٽلڏي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته اسحاق چنو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو حادثي ڪانپوءِ فوتي نوجوان جي وارثن ۽ چنا برادري جي ماڻهن قومي شاهراهه تي لاش رکي احتجاجي ڌرڻو هنيو جنهن سبب شاهراهه تي ٻن ڪلاڪن تائين ٽريفڪ معطل رهي ۽ ٻنهي پاسن کان سوين گاڏين جون ڊگهيون قطارون لڳي ويون اطلاع ملڻ تي موٽروي پوليس جو ڊي ايس پي حسنين عباس ۽ راڻي پور پوليس جو ايس ايڇ او امير علي چانگ ڌرڻي واري هنڌ پهتا ۽ احتجاج ڪندڙن سان ڳالهيون ڪيون پوليس عملدارن پاران مظاهرين کي يقين ڏياريو ويو ته حادثي ۾ ملوث ٽرالر ڊرائيور خلاف قانون موجب ڪيس داخل ڪري انصاف فراهم ڪيو ويندو جنهن بعد وارثن ۽ مظاهرين احتجاج ختم ڪري قومي شاهراهه ڪولرائي ڇڏي،هوڏانهن آخري اطلاعن تائين حادثي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري هئي

هنگورجا قومي شاهراهه تي روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل جي وارثن جو لاش رکي ڌرڻو هنيو پيو وڃي

ٽنڊوالهيار ويجهو ڪلوئي برادري ۾ جهيڙو،ٻه عورتون زخمي

ڳوٺ مصري شاهه ۾ زميني تڪرار تان ڪلوئي برادري ۾ جهيڙو ٿي پيو

گولي لڳڻ سبب گل زادي ۽ ڪهاڙي لڳڻ سبب جندو زخمي ٿي پيئي

ٽنڊوالهيار(ٽ ز)ٽنڊوالهيار ويجهو بڪيرا شريف ٿاڻي جي حد ڳوٺ مصري شاهه ۾ زميني تڪرار تان ڪلوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران ٽنگ ۾ گولي لڳڻ سبب 50 سالا مسمات گل زادي جڏهن ته مٿي ۾ ڪهاڙي لڳڻ سبب 23 سالا جندو ڪلوئي سخت زخمي ٿي پيئي جنهن کي علائقي واسين پنهنجي مدد پاڻ تحت زخمين کي سول اسپتال ٽنڊوالهيار آندو ويو جتان ابتدائي طبي امداد ڏيڻ کانپوءِ ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ٻنهي کي حيدرآباد ريفر ڪيو ويو پوليس موجب ڪلوئي برادري جي ٻنهي ڌرين ۾ پراڻو زميني تڪرار هلندڙ هو اڄ به زمين واري معاملي تان جهيڙو ٿيو جنهن ۾ ٻه عورتون زخمي ٿي پيون آهن جن کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

ايم پي اي بئريسٽر اسفنديار ڪرل شڪريو ادا ڪرڻ لاءِ ووٽرن وٽ نڪري پيو

ٽائون ڪاميٽي اڳوا جي ائين ٿي وارڊن جا دورا ڪري ووٽرن جو شڪريو ادا ڪيو

ٽڪ ۾ جيترا به مسئلا آهن انهن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪندس:اسفنديار ڪرل

راضيديرو(ن ع)ٽڪ پي ايس 30 جي اڳوڻي ايم پي اي مرحوم نعيم احمد ڪرل جي رحلت کان پوءِ خالي ٿيل سيٽ تي چونڊجي آيل ايم پي اي بئريسٽر اسفنديار ڪرل سنڌ اسيمبلي ۾ قسم کڻڻ بعد پنهنجي ٽڪ جي ووٽرن وٽ شڪريو ادا ڪرڻ لاءِ نڪري پيو ۽ دورن جو سلسلو جاري رکندي ٽائون ڪاميٽي اڳوا جي ائين ٿي وارڊن جا طوفاني دورا ڪري ڏنا ٽائون ڪاميٽي اڳوا جي سمورن وارڊن جي مختلف ماڻهن ڳوٺائن پارٽي ورڪرن،جيالن ڪارڪنن وٽ پهچي ڪري انهن جا ٿورا مڃيا ان دوران جن جن ووٽرن ۽ ڳوٺن ۾ پهتو جن ۾ راضيديرو،ڳوٺ مهتاني،ڳوٺ الهورايو،سهليم اڳوا،ڳوٺ ميان جان محمد عباسي،ڳوٺ علي بخش جويو ڳوٺ بصر خان شنباڻي،ڳوٺ محمد جمن شيخ،ڳوٺ صوبدار لاشاري،ڳوٺ پنگالو لاشاري سميت ٻين ڳوٺن ۾ پهچي ڪري فوت ٿيلن جون عذرخواهيون به ڪيون ۽ انهن جا ٿورا مڃيا ان صورت ۾ جن ووٽ ڏئي سنڌ اسيمبلي ۾ پهچايو ان کان علاوه انهن ووٽرن جي ٻيڪ مردن کي ايم پي اي اسفند يار خان ڪرل مان بخشيندي شالون پارايون جيڪا هڪ نئين روايت جو بنياد وڌو،ان دوران مهر علي سيال،ٽائون ڪاميٽي اڳوا جو وائيس چيئرمين معشوق ملاح سهيل احمد سيال ،حسنين شاهه سراج پنهنور،سيف نذيرانڙ ،ذيشان شاهه بيا موجود هئا ان دوران استاد محبت لاشاري، ايم پي اي کي آجياڻو ڏنو ۽ ڳوٺ سان گڏ علائقائي مسئلن بابت مجموعي طورتي آگاهه ڪيو ايم پي اي بئريسٽر اسفند يار ڪرل پنهنجن ڪارڪنن ۽ ورڪرن کي يقين ڏياريو ته مان پنهنجي ٽڪ جي ووٽرن کي اڪيلو نه ڇڏيندس جيترا به مسئلا آهن انهن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪندس مان سموري حالتن کان واقف ٿي چڪو آهيان اوهان مايوس نه ٿيو،مون کي احساس آهي اوهان کي گهبرائڻ نه گهرجي ان اهو به چيو ته موجوده بلدياتي نظام به ڪو ٺوڪ ناهي ٻاريو ان سسٽم کي به درست ۽ صحيح سمت ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندس

ٺٽي ضلعي جا فيڊر استاد ٽريزري عملي خلاف سراپا احتجاج بڻجي ويا

استادن مظاهرو ڪرڻ بعد ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس اڳيان ڌرڻو هڻي ڇڏيو

هٽ وٺي استادن کي روڊن تي نڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي،تنگ ڪيو پيو وڃي:اڳواڻ

ٺٽو (ڊ ز) ٽريزري آفيس عملي پاران مبينا طور رشوت وصولي لاءِ تنگ ڪرڻ ۽ ڪن مهينن کان پگهارن جا بل پاس نه ڪرڻ خلاف ٺٽي ضلعي جا فيڊر استاد سراپا احتجاج بڻجي ويا مڪلي تي اين سي ايڇ ڊي جي فيڊر استادن پبلڪ پارڪ کان احتجاجي ريلي ڪڍي نيشنل پريس ڪلب ٺٽو اڳيان مظاهرو ڪرڻ بعد ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ٺٽو اڳيان ڌرڻو هڻي ڇڏيو احتجاج جي اڳواڻي فيڊر ٽيچرز ايسوسيئيشن جا اڳواڻ غلام مصطفيٰ جاکرو حيدر پنهور نور حسن جاکرو عبدالغفور لاشاري محمد عمر درس عبدالشڪور جوکيو فياض علي ۽ ٻيا ڪري رهيا آهن احتجاج ڪندڙ اڳواڻ موجب ٽريزري آفيس ٺٽو جي عملي جي مبينا رشوت خوري ۽ ضلعي جي 2 سئو 17 فيڊر استادن جي پگهارن جا بل روڪي کين پريشان ڪرڻ خلاف نعريبازي ڪئي پئي وڃي،هٽ وٺي استادن کي روڊن تي نڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي 2023ع ۾ سنڌ حڪومت پاران اسانکي 37 هزار روپيه ماهوار فڪس پگهار تي مقرر ڪري اسڪولن ڏانهن اماڻيو ويو گذريل ڪن مهينن جي پگهارن جا بل ٽريزري آفيس ٺٽو ۾ پيل آهن ۽ هٽ وٺي رشوت وصولي لاءِ تنگ ڪيو پيو وڃي ۽ پگهارون جاري نه پيون ڪيون وڃن

ٺٽو استاد ٽريزري عملي خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

نئون ڳوٺ ۾ ميهڙ جي صحافي جي ڀاءُ مٿان حملي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

نئون ڳوٺ ۾ ميهڙ جي صحافي جي ڀاءُ مٿان حملي خلاف احتجاجي مظاهرو

مختلف پريس ڪلبن سان لاڳاپيل صحافين احتجاجي مظاهرو ڪري ريلي ڪڍي

حافظ شفيق قمبراڻي مٿان حملي ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا آهن:شمن ساهڙ

نئون ڳوٺ(ن ع)نئون ڳوٺ ميهڙ جي سينئر صحافي عبدالرحمان قمبراڻي جي ڀاءُ حافظ شفيق الرحمن قمبراڻي مٿان مبينا قاتلاڻي حملي جا جوابدارن گرفتار نه ٿيڻ ۽ مبينا موٽمار ڌمڪين خلاف نئون ڳوٺ راڌڻ ۽ ٻين پريس ڪلبن سان لاڳاپيل صحافين پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ريلي ڪڍي وئي،احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي صحافي شمن علي ساهڙ ڪئي صحافين پاران ٻاءِ پاس المصطفيٰ پيٽرول پمپ کان علي پيٽرول پمپ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جڏهن ته صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي صحافي شمن سولنگي علي شير جوڻيجو ،شمن علي ساهڙ معشوق علي سولنگي سيد امداد شاهه ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته صحافي عبدالرحمان قمبراڻي جي ڀاءُ حافظ شفيق الرحمن قمبراڻي مٿان حملو ٿيڻ ۽ واقعي ۾ ملوث جوابدار اڃا تائين گرفتار نه ٿي سگهيا آهن ۽ متاثر خاندان کي مبينا طور موٽمار ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن،هنن چيو ته جوابدار آزادي سان گهمڻ ۽ مبينا ڌمڪين واري صورتحال پوليس جي ڪارڪردگي تي سوال اٿاري ٿي هنن مطالبو ڪيو ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي حملي ۾ ملوث جوابدارن کي بنا دير گرفتار ڪري قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي

ور شهر ۾ ٿيل قتل جي ڪيس ۾ پوليس مُک جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

پوليس نامزد مک جوابدارن سائين بخش ۽ پرويز چانڊيو کي گرفتار ڪري ورتو

قتل ڪيس ۾ رهيل جوابدار نواز چانڊيو کي پڻ جلد گرفتار ڪيو ويندو:ڊي ايس پي

ٺٽو (ڊ ز)ٺٽي ضلعي جي پوليس ڇاپا هڻي 4 ڏينهن اڳ ور شهر ۾ گوليون هڻي قتل ڪيل شاهد چانڊيو جي قتل ڪيس ۾ نامزد مُک جوابدار سائين بخش چانڊيو ۽ پرويز چانڊيو کي گرفتار ڪري ورتو ٺٽو ڪراچي ملير سميت مختلف ضلعن ۾ سنگين ڏوهن ۾ ملوث هجڻ جو انڪشاف ڊي ايس پي ٺٽو واحد ٿهيم سي آءِ اي انچارج ٺٽو فاروق راهپوٽو ايس ايڇ او گهوڙاٻاري ماجد ڪورائي، پيرپلو پوليس پوسٽ جو انچارج عمران شيخ ۽ ڊي آءِ سي انچارج فيصل شفيع ميمڻ گڏيل طور پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته چار ڏينهن اڳ ور شهر ۾ موٽر سائيڪل سوار هٿيارٻندن فائرنگ ڪري ڪاٺ جي واپاري شاهد چانڊيو کي قتل ڪري فرار ٿي ويا هئا مذڪوره ڪيس جي جاچ ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ايس ايس پي ٺٽو عديل چانڊيو پاران خصوصي ٽيم تشڪيل ڏني وئي جنهن مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي قتل ڪيس جي مک جوابدار سائين بخش چانڊيو ۽ پرويز چانڊيو کي گرفتار ڪري ورتو پوليس ٽيم موجب گرفتار مک جوابدار سائين بخش چانڊيو ٺٽو ڪراچي ڪورنگي ملير شاهه لطيف ٽائون سميت سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ڦر ڦاڙ پوليس مقابلن جي سنگين ڏوهن ۾ گهربل هو جيڪو ڏوهاري گينگ جو مک ڪردار آهي سندس گرفتاري بعد وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي ۽ قتل ڪيس ۾ رهيل سندن ساٿي جوابدار نواز چانڊيو کي پڻ جلد گرفتار ڪيو ويندو ٻئي طرف ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٺٽو پاران سنگين ڏوهن ۾ ملوث جوابدار سائين بخش چانڊيو جي گرفتاري تي پوليس ٽيم لاءِ روڪ رقم انعام ۽ ڪارڪردگي سرٽيفڪيٽس ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي

لياقت يونيورسٽي ۾ انفيڪشن شعبي پاران ريبيز بابت ورڪشاپ

فوري طور تي زخم کي صاف ڪرڻ ۽ ڊاڪٽر سان رابطو ڪرڻ ضروري آهي:مقرر

طبي عملي کي مريضن جي سنڀال لاءِ ضروري معلومات ۽ تربيت حاصل ڪرڻ گهرجي

ڄامشورو(اپ ر)لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز (لمس) ڄامشورو جي انفيڪشن شعبي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اڪرام الدين اجن جي هدايت تي آءِ ٽي هال لمس ڄامشورو ۾ ريبيز بابت ورڪشاپ منعقد ڪئي،ورڪشاپ جو موضوع "روڪي سگهجندڙ بيماري: جانور جي چڪ کان علاج تائين" هو،ريبيز هڪ خطرناڪ بيماري آهي جيڪا گهڻو ڪري متاثر ڪتي يا ٻئي جانور جي چڪ هڻڻ سان انسان کي لڳي ٿي جانور جي چڪ لڳڻ کان پوءِ فوري طور تي زخم کي صاف ڪرڻ ۽ ڊاڪٽر سان رابطو ڪرڻ ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته بروقت علاج سان هن بيماري کان بچي سگهجي ٿو،ورڪشاپ جو مقصد ريبيز کان بچاءَ بروقت علاج، جانور جي چڪ لڳڻ کان پوءِ ضروري احتياط ۽ ويڪسين جي صحيح استعمال بابت آگاهي ۽ عملي تربيت فراهم ڪرڻ هو،پروفيسر ڊاڪٽر عمران علي شيخ، ڊين فيڪلٽي آف ميڊيسن اينڊ الائيڊ، مهمان خاص طور شرڪت ڪئي جڏهن ته پروفيسر ڊاڪٽر رسول بخش ٻهڻ ڊائريڪٽر لمس هيلٿ سروسز اسپتال، مهمان اعزاز طور شرڪت ڪئي،پنهنجي خطاب ۾ پروفيسر ڊاڪٽر عمران علي شيخ جانور جي چڪ لڳڻ کان پوءِ بروقت قدم کڻڻ جي اهميت تي زور ڏنو هن چيو ته طبي عملي کي اهڙن مريضن جي بهتر سنڀال لاءِ ضروري معلومات ۽ تربيت حاصل ڪرڻ گهرجي پروفيسر ڊاڪٽر رسول بخش ٻهڻ ريبيز کان بچاءَ لاءِ عوام ۾ آگاهي پيدا ڪرڻ جي اهميت تي زور ڏنو اسسٽنٽ پروفيسر شعبي جي سربراهه ۽ ڊاڪٽر سغند ميمڻ بابت تفصيلي ليڪچر ڏنو هن بيماري جي شروعاتي نشانين زخم جي صفائي، ويڪسين ۽ جانور جي چڪ لڳڻ کان پوءِ ضروري علاج بابت ٻڌايو ورڪشاپ ۾ ريبيز جي ويڪسين ۽ علاج جي هڪ اهم حصي RIGجي استعمال بابت عملي تربيت پڻ ڏني وئي اها تربيت ڊاڪٽر سغند ميمڻ ڊاڪٽر امتياز حسين، ڊاڪٽر عبد الرحيم ميمڻ ۽ ڊاڪٽر محمد صالح ميمڻ انچارج ۽ فوڪل پرسن ريبيز پريوينشن يونٽ، لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد، ڏني ڊاڪٽر امتياز حسين سينيئر رجسٽرار انفيڪشن شعبي شرڪت ڪندڙن کي ڀليڪار ڪيو ورڪشاپ ۾ طبي عملي ريبيز کان بچاءَ ۽ علاج بابت معلومات ۽ عملي تربيت حاصل ڪئي منتظمين عوامي آگاهي، جانور جي چڪ لڳڻ کان پوءِ فوري علاج ۽ بروقت طبي سهولتن جي اهميت تي زور ڏنو پروگرام جي پڄاڻي تي پروفيسر ڊاڪٽر رسول بخش ٻهڻ ڊائريڪٽر لمس هيلٿ سروسز اسپتال شرڪت ڪندڙن ۽ فيڪلٽي ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا

ڄامشورو لمس انفيڪشن شعبي پاران منعقد ورڪشاپ ۾ طبي امداد جي حوالي سان ٽريننگ ڏني پئي وڃي

ڪوٽ غلام محمد پوليس اسٽيشن ۾ اي ايس پي جي کليل ڪچهري

شهرين شرڪت ڪري پوليس سان لاڳاپيل مسئلا،شڪايتون ۽ تجويزون پيش ڪيون

امن امان،ڏوهن جي روڪٿام ۽ پوليس سان لاڳاپيل معاملن بابت خدشا پڻ ظاهر ڪيا ويا

شڪايتن جي ازالي ۽ کين بروقت انصاف جي فراهمي لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا:اي ايس پي

ڪوٽ غلام محمد(اڄ ر)ڪوٽ غلام محمد پوليس اسٽيشن ۾ اي ايس پي جي کليل ڪچهري، شهرين جون شڪايتون. ڪوٽ غلام محمد پوليس اسٽيشن ۾ اي ايس پي يو ڪي عبدالرب جي صدارت هيٺ کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پوليس سان لاڳاپيل مختلف مسئلا شڪايتون ۽ تجويزون پيش ڪيون کليل ڪچهري دوران ڪجهه شهرين پوليس جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي پنهنجون تجويزون پڻ ڏنيون جڏهن ته امن امان، ڏوهن جي روڪٿام ۽ پوليس سان لاڳاپيل معاملن بابت پنهنجا خدشا پڻ ظاهر ڪيا.ان موقعي تي ڊي ايس پي خدا بخش ٿيٻو پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقه ڪوٽ غلام محمد جو صدر حاجي محمد رفيق پرڙيو، سٽي صدر سهيل احمد قائمخاني، سٽي وائيس چيئرمين مياں امجد سعيد آرائين، ايس ايڇ او ڪوٽ غلام محمد آفتاب احمد رند سميت سياسي، سماجي شخصيتن ۽ شهرين شرڪت ڪئي.اي ايس پي عبدالرب شهرين جون شڪايتون غور سان ٻڌي لاڳاپيل پوليس آفيسرن کي قانون موجب ضروري قدم کڻڻ جون هدايتون ڪيون.ان موقعي تي اي ايس پي عبدالرب چيو ته شهرين جي جائز شڪايتن جي ازالي ۽ کين بروقت انصاف جي فراهمي لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا، جڏهن ته امن امان برقرار رکڻ ۽ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ پوليس جون ڪوششون جاري رهنديون

ڪوٽ غلام محمد پوليس اسٽيشن ۾ اي ايس پي جي کليل ڪچهري ۾ مسئلا ٻڌايا پيا وڃن

ٽالپرواڙي ۽ ڪنب پوليس جي وڏن اٿالن جي گڏيل ڪارروائي

آئيس جي مشهور ڊيلر شاهنواز عرف شانو بوزدار ميرواهه ڪينال جي پل وٽان گرفتار

بوزدارواڙي(ن ع) ٽالپرواڙي ۽ ڪنب پوليس جي وڏن اٿالن جو ٽالپرواڙي چوڪي انچارج اي ايس آءِ عاشق حسين گاهو ڳوٺ باقر خان بوزدار واسي آئيس جي مشهور ڊيلر شاهنواز عرف شانو بوزدار کي ميرواهه ڪينال جي پل وٽان گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪندي گرفتار آئيس جي ڊيلر شاهنواز عرف شانو بوزدار کي ٿاڻي تي ڪٺي آئي ۽ سرڪار پاران اي ايس آءِ عاشق حسين گاهو جي فرياد تي 9/ Bp تحت ڪيس داخل پوليس گرفتار آئيس ڊيلر شاهنواز عرف شانو بوزدار کي لاڪپ ڪري ڇڏيو جڏهن ته واضح رهي ته ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي خيرپور پاران منشيات فروشن جي جاري ڪيل لسٽ ۾ ٽالپرواڙي جي ٽالپرواڙي پوليس چوڪي انچارج اي ايس آءِ عاشق حسين گاهو جو پوليس ٽيم ساڻ ڪري منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري نصير فقير جلالاڻي ٻاقر بوزدار نور بوزدار شيخن ۽ ٻين ڳوٺن ۾ هلندڙ منشيات جي اڏن تي ڇاپا منشيات فروشن پوليس کي ڏسندي ئي فرار ٿي ويا ۽ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون پوليس جون جاري آهن

مٺي شهر ۾ 21 ورهين جي نوجوان جو پنکي سان ٽنگيل لاش هٿ

پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال مٺي منتقل ڪري ڇڏيو

مٺي (ڊ ز) مٺي شهر ۾ 21 ورهين جي نوجوان مجيد نهڙي ولد رمضان نوهڙي جو لاش مٺي ۾ سندس گهر جي ڪمري مان پنکي سان ٽنگيل حالت ۾ هٿ آيو اطلاع ملڻ تي پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال مٺي منتقل ڪري ڇڏيو پوليس موجب فوتي نوجوان مٺي ۾ گهر ۾ رهندو هو ۽ ڪالهه صبح ٽي ڳوٺ سوڏور کان مٺي پهتو هو. پوليس جو چوڻ آهي

نصيرآباد ۾ ٻن ڌرين ۾ پاڻيءَ تان جهيڙو،3 ڄڻا زخمي ٿي پيا

نصيرآباد(ن ع)نصيرآباد ۾ گريڊ اسٽيشن پرسان ڪوسو برادري جي ٻن ڌرين ۾ پاڻيءَ جي معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا پاڻيءَ جي ڳالهه تان لٺين ۽ ڪهاڙين جو آزادانه استعمال ڪيو ويو،جنهن جي نتيجي ۾ نورل ڪوسو،صدام ڪوسو ۽ ممتاز ڪوسو زخمي ٿي پيا واقعي ڪانپوءِ زخمين کي فوري طور رورل هيلٿ سينٽر نصيرآباد منتقل ڪيو ويو،جتي کين طبي امداد ڏني وئي مقامي پوليس موجب واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

سيتارجا پرسان زمين جي تڪرار واري معاملي جو ايڊيشنل سيشن جج پاران فيصلو جاري

سيتارجا(ن ع)سيتارجا پرسان ڳوٺ محمد سومر سهتو جي رهواسين علي شير سهتو، ممتاز حسين سهتو ۽ ٻين جي 3 ايڪڙ 30 ويسا زمين جي مخالف ڌر سان هلندڙ تڪرار واري معاملي جو ايڊيشنل سيشن جج ميرواهه جي عدالت پاران فيصلو جاري ڪندي زمين سندن ملڪيت قرار ڏيندي انتظاميا کي حڪم جاري ڪيو آهي ته اها زمين تي مخالف ڌر جي ٿيل قبضي کي ختم ڪرائي رپورٽ عدالت ۾ جمع ڪرائي وڃي . جڏهن ته عدالت بنا جواز زمين تي قبضي ۽ دعوي ڪري عدالت جو وقت ضايع ڪرڻ تي مخالف ڌر جي خير محمد ۽ محمد دائود سميت ٻين 12 ڄڻن کي 2 سال ۽ 50.50 هزار روپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي . هن ڏس ۾ علي شير سهتو، ممتاز حسين سهتو ۽ ٻين پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان جي زمين جو ڪاتو 1988 ۾ ٿيل آهي جنهن تي مخالفن زبردستي 2020 ۾ قبضو ڪيو هيو جنهن خلاف اسان عدالت سان رجوع ڪيو هو جنهن جو اڄ ايڊيشنل سيشن جج ٽري ميرواهه زرعي زمين تي ٿيل قبضي جو فيصلو حق ۾ ڏنو آهي جنهن سان حق انصاف ۽ قانون جي بالادستي قائم ٿي آهي هنن وڌيڪ چيو ته هو قانون ۽ عدالتن تي مڪمل اعتماد رکن ٿا ۽ کين يقين آهي ته عدالتي فيصلي سان کين سندن جائز حق ضرور حاصل ٿيندو

صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو سان سليم الله خان ڪلوڙ جي ملاقات،گلدستو پيش

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي صوبائي وزير جام اڪرام الله خان ڌاريجو سان گهوٽڪي جي معروف شخصيت سليم الله خان ڪلوڙ جي ملاقات ملاقات دوران سليم الله خان ڪلوڙ صوبائي وزير جام اڪرام الله خان ڌاريجو کي گلن جو خوبصورت گلدستو پيش ڪري پنهنجي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ٻنهي شخصيتن وچ ۾ گهوٽڪي جي مجموعي صورتحال، علائقائي معاملن ۽ عوامي مسئلن سميت باهمي دلچسپي جي مختلف معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات دوران علائقائي سان لاڳاپيل اهم معاملن تي پڻ غور ويچار ڪيو ويو جڏهن ته گهوٽڪي جي موجوده صورتحال ۽ مختلف مسئلن بابت خيالن جو تفصيلي تبادلو ٿيو ملاقات خوشگوار ماحول ۾ ٿي جنهن دوران علائقي جي ترقي، عوامي معاملن ۽ مقامي سطح تي اهم مسئلن بابت پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي سليم الله خان ڪلوڙ پاران صوبائي وزير جام اڪرام الله خان ڌاريجو سان ملاقات دوران گهوٽڪي سان لاڳاپيل مختلف معاملن کي اجاگر ڪيو ويو

راڻا همير سنگهه ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ 3 شاگردن کي مبارڪون ڏنيون

مٺي (ڊ ز)ايم پي اي راڻا همير سنگهه سوڍو پاران ٿرپارڪر جي ايم ڊي ڪيٽ جي ٽيسٽ مان پوري صوبي سنڌ مان ٻي پوزيشن ۽ ضلع ٿرپارڪر مان پهرين پوزيشن حاصل ڪندڙ 3 شاگردن راڪيش ميگهواڙ جٿيال سنگهه راجپوت، ڪينٽراج سنگهه ٺڪر ۽ انهن جي والدين کي راڻا هائوس مٺي تي گهرائي کين مبارڪون ڏنيون ۽ تحفا شيلڊون ڏيئي سندن همت افزائي ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ايم پي اي راڻا همير سنگهه سوڍو چيو ته ماضي ۾ ٿرپارڪر ۽ عمرڪوٽ ضلعن کي پوئتي پيل سمجهيو ويندو هو ۽ تعليم،صحت، پاڻي،بجلي ۽ ٻيون بنيادي سهولتون نه هيون هن چيو ته 15 سالا پ پ پ جي سنڌ ۾ حڪمراني دوران بنيادي سهولتون حاصل هجڻ جون اهي شاهديون آهن ته اڄ هنن علائقن جا ذهين شاگرد پوزيشن حاصل ڪري پاڪستان سنڌ ۽ ٿرپارڪر جو نالو روشن ڪري رهيا آهن

ور شهر ۾ رات دير سان فائرنگ،نوجوان منير ڪڙولائي زخمي

غلام الله (ن ع)غلام الله ويجهو ور شهر ۾ رات دير سان فائرنگ جي واقعي ۾ نوجوان منير ڪڙولائي زخمي ٿيو ،وارثن موجب ته نوجوان کي سندس چاچي پپو عرف رزاق ڪڙولائي گولي هڻي فرار ٿي ويو،زخمي نوجوان کي فوري طور رورل هيلٿ سينٽر منتقل ڪيو ويو ايمبولينس سروس فعال نه هجڻ سبب کيس خانگي گاڏي ذريعي وڌيڪ علاج لاءِ سول اسپتال مڪلي منتقل ڪيو ويو،وارثن الزام لڳايو آهي ته واقعي کان اڳ ور پوليس پوسٽ کي اطلاع ڏنو ويو هو ته هٿيارٻند ماڻهو موجود آهن. پر پوليس طرفان ڪا به ڪارروائي عمل ۾ نه آندي وئي هوڏانهن واقعي جو ڪارڻ معلوم نه ٿي سگهيو ، پوليس طرفان وڌيڪ جاچ جاري

مورو پرسان مبينا اغوا ٿيل ناري جي بازيابي ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو

ناري خوشبو چنڊ جي والد گل حسن،شاهد حسين،عامر علي،خان ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

هٿيارٻند عاشق چنڊ،عباس،مٺوخان،عرفان لغاري،علي نواز لغاري منهنجي گهر ۾ داخل ٿي نياڻي کي اغوا ڪري ويا:گل حسن چنڊ

جوابدارن خلاف مورو ٿاڻي تي پڻ ڪيس داخل ٿيل آهي،پوليس ٽي مهينا گذرڻ باوجود نامزد جوابدار گرفتار ناهن ڪيا

اسانکي خدشو آهي ته نياڻي کي مذڪوره ماڻهن قتل نه ڪري ڇڏيو هجي،جوابدار گرفتار ڪري نياڻي کي بازياب ڪرايو وڃي

مورو مبينا اغوا ٿيل ناري جي بازيابي ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

مورو(ن ع)مورو پرسان ٽي مهينا اڳ ڳوٺ خالق چنڊ مان مبينا اغوا ٿيل ناري خوشبو چنڊ جي بازيابي لاءِ سندس والد گل حسن چنڊ، شاهد حسين عامرعلي خان چنڊ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾جوابدارن جي گرفتاري لاءِ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو،پيرسن والد گل حسن ٻڌايو ته هٿيارٻند عاشق چنڊ، عباس، مٺوخان، عرفان لغاري، علي نواز لغاري جيڪي منهنجي گهر ۾ داخل ٿي نياڻي کي اغوا ڪري ويا هئا، ٻالنڌن خلاف مورو ٿاڻي تي پڻ ڪيس داخل ٿيل آهي پوليس ٽي مهينا گذرڻ باوجود نامزد جوابدار گرفتار ناهن ڪيا اسانکي خدشو آهي ته نياڻي کي مذڪوره ماڻهن قتل نه ڪري ڇڏيو هجي،هنن سنڌ هاءِ ڪورٽ، سنڌ جي گهرو وزير ضياالحسن لنجار، آءِ جي سنڌ پوليس ڊي آءِ جي شهيدبينظيرآباد، ايس ايس پي نوشهرو فيروز کان مطالبو آهي ته نامزد جوابدار گرفتار ڪري نياڻي کي بازياب ڪرايو وڃي

ڪوٽڙي ڪبير ويجهو موٽر سائيڪل سوارن مٿان ٽرالر چڙهي ويو، هڪ فوت،لاش رکي روڊ بند

18 سالا نوجوان سهيل پٽ راهب چنو چيپاڻجي ٽلڏي تي فوت ٿي ويو،اسحاق چنو شديد زخمي ٿي پيو،زخمي هنگورجا اسپتال منتقل

پنجن ڪلوميٽرن تائين هزارين گاڏيون بيهجي ويون،چئن ڪلاڪن کان پوءِ هنگورجا پوليس ۽ ايمبولينس واقعي واري هنڌ پهتي

پوليس روڊ ڪولرائڻ لاءِ وارثن کي ايلاز منٿون ڪيون پر وارثن ايمبولينس ۾ لاش رکڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو چڱا مڙس روڊ ڪولرائڻ لاءِ پهتا

امير چانگ چڱن مردن کان ايف آءِ آر داخل ڪرڻ لاءِ ٻن ڏينهن جي مهلت گهري،مهلت ملڻ بعد چئن ڪلاڪن کان پوءِ روڊ ڪولرايو

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع)ڪوٽڙي ڪبير ويجهو صبح 6 بجي ڳوٺ سمون چنو واسي موٽر سائيڪل سوارن مٿان ٽرالر چڙهي ويو،نتيجي ۾ 18 سالا نوجوان سهيل پٽ راهب چنو چيپاڻجي ٽلڏي تي فوت ٿي ويو،جڏهن ته بيو چڙهو اسحاق چنو شديد زخمي ٿي پيو. زخمي کي هنگورجا اسپتال پهچايو ويو. ايمبولينس واقعي واري جاءِ تي مهل سان نه پهچڻ تي فوتي جي وارثن احتجاج طور لاش کي کٽي تي رکي روڊ ٻنهي پاسن کان بند ڪري ڇڏيو. هزارين گاڏيون پنجن ڪلوميٽرن تائين بيهجي ويون. گرمي سبب مسافر پريشان.جڏهن ته چئن ڪلاڪن کان پوءِ هنگورجا پوليس ۽ ايمبولينس واقعي واري هنڌ پهتي. وارثن ايمبولينس ۾ لاش رکڻ کان جواب ڏئي ڇڏيو.پوليس روڊ ڪولرائڻ لاءِ وارثن کي ايلاز منٿون ڪيون جنهن کان پوءِ چڱن مڙسن وزيرحسين چنو ۽ ايڊوڪيٽ عليناز سهتو ۽ ٻين سان ايس ايڇ او امير چانگ ملي کين ڪي روڊ کولڻ لاءِ عرض ڪيو. جن جو چوڻ هو ته ڊرائيور مٿان ايف آءِ آر داخل ٿئي،پوءِ روڊ کولينداسين.جنهن تي امير چانگ چڱن مردن کان ايف آءِ آر داخل ڪرڻ لاءِ ٻن ڏينهن جي مهلت گهري.مهلت ملڻ بعد چئن ڪلاڪن کان پوءِ روڊ ڪولرايو ويو ان دوران موٽر ري پوليس غائب رهي.واضح رهي ته فوتي گهوٽ هو.هٿن پيرن تي ميندي لڳل هيس رات سندس جي شادي رکيل هئي،شادي جون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون. اڄڪو لاش گهر ۾ پهتو ته ڪهرام مچي ويو. پوليس ٽرالر کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي ٻئي پاسي مجريل ساڻهن پٽ هئي

راضيديرو پرسان آريجا برادري ۾ جهيڙو،فائرنگ،هڪ فوت،2 ڄڻا زخمي

مبينا ڏيتي ليتي تان جهيڙي ۾ عجيب،حاڪم ۽ عطاءُ الله زخمي ٿي پيا

راضيديرو(ن ع)راضيديرو پرسان ٻهارو شهر جي رهواسين آريجا برادري جي ٻن ڌرين ۾ مبينا ڏيتي ليتي تان جهيڙو فائرنگ پسٽل جون گوليون لڳڻ سبب 3 ڄڻا زخمي هڪ جي حالت ڳڻتي جوڳي جي اسپتال منتقل ٻهارو شهر جي آريجا برادري ۾ جهيڙو ٿي پيو فائرنگ جي نتيجي ۾ پسٽل جون گوليون لڳڻ سبب عجيب آريجو حاڪم آريجو ۽ عطاءُ الله آريجو زخمي ٿي پيا جن کي گمس اسپتال نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي عجيب آريجو فوت ٿي ويو آهي ٻڌايو پيو وڃي ته عجيب آريجو ۽ عطاءُ الله آريجو وچ ۾ ڏيتي ليتي تان جهيڙو ٿي پيو جنهن تان ٻنهي ڌرين هڪ ٻئي کي پسٽل جا سڌا فائر هنيا عجيب آريجو کي سيني ۾ 3 گوليون لڳيون جڏهن ته عطاءُ الله آريجو کي ڪلهي ۾ ۽ حاڪم آريجو کي جنگهه ۾ گولي لڳي جن جو گمس اسپتال ۾ علاج جاري آهي ٻئي طرف ٻهارو پوليس پاران ڪابه ڪارروائي ناهي ڪئي وئي

هنگورجا پرسان ڳوٺ جهانگير ۾ بند پيل اسڪول ۾ استاد مقرر،تدريسي عمل شروع

هنگورجا(ن ع)هنگورجا پرسان گورنمينٽ پرائمري اسڪول جهانگير گذريل ڪافي عرصي کان استاد نه هجڻ سبب بند پيل هو جنهن بابت ميڊيا پاران مسلسل خبرون شايع ڪري تعليم کاتي جي اختيارين جو ڌيان ڇڪايو ويو هو.خبرن جي اشاعت کانپوءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر پير سيد ڪاظم علي شاهه لڪياري معاملي جو نوٽيس وٺندي تعليم کاتي جي عملدارن سان رابطو ڪيو ۽ اسڪول جلد کولڻ لاءِ هدايتون ڏنيون هدايتن تي عمل ڪندي اسڪول ۾ هڪ استاد مقرر ڪيو ويو ۽ جنهن سان اسڪول ٻيهر کلي ويو ۽ شاگردن جي تدريسي سرگرميون شروع ٿي ويون.هوڏانهن ٽي اي او تعليم بختيار چنو پڻ اسڪول جو دورو ڪيو ميڊيا سان ڳالهائيندي هن ٻڌايو ته تعلقي سوڀوديرو جي ڪن بند اسڪولن ۾ استاد مقرر ڪري تدريسي عمل شروع ڪرايو ويو آهي. جن ۾ چنل منگي اسڪول جهانگير اسڪول ۽ وريام سيال اسڪول شامل آهن.اسڪول ٻيهر کلي وڃڻ تي شاگردن والدين ۽ ڳوٺائن خوشي جو اظهار ڪندي اميد ظاهر ڪئي ته اسڪول ۾ استادن سان گڏ شاگردن کي بنيادي تعليمي سهولتون پڻ فراهم ڪيون وينديون

سجاول روڊ تان لوهه ۽ سيمينٽ جي دڪان مان هڪ لک پنجٽر هزار روپيا چوري ٿي ويا

غلام الله(ن ع)ٺٽي جي سجاول روڊ خوشحالي بينڪ ويجهو سيد مدد علي شاهه جي لوهه ۽ سيمنٽ جي دڪان المعراج سيمنٽ اينڊ اسٽيل ٺٽو تان چوري جي انوکي واردات،هڪ لک پنجٽر هزار چوري ٿي ويا،رابطي ڪرڻ تي سيد مدد علي شاهه جي فرزند مقتصد علي شاهه جو چوڻ هو ته گذريل ڏينهن شام ڌاري هڪ نامعلوم ماڻهون آيو جيڪو موٽڪي پهچي آفيس سان اٽاري لوهه سيمنٽ جي ڀهاني ٻاهر وٺي ويو،اسان لوهه ڏسڻ ۾ مشغول هئاسين ته ساٿس پٽ ٻڌيل همراهه آفيس ۾ وڃي خاني ۾ پيل هڪ لک پنجٽر هزار روپيا ڪڍي ٻاهر موٽر سائيڪل تي چڙهي ويهي رهيو،نيسين سامان وٺڻ لاءِ آيل همراهه به سامان نه وٺڻ جو چئي هن سان موٽر سائيڪل تي چڙهي وڃي ڦاٽڪ چوڪي طرف روانو ٿي ويو،اٿون جڏهن پنهنجي آفيس ۾ موٽي آيس ڏٺم ته ٽيبل جي خاني ۾ رکيل هڪ لک پنجٽر هزار روپيه گم ٿي ويا،جنهن بعد چورن جي ڳولها ڪئي پر هو ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا،جنهن بعد ٿاڻي تي وڃي ٿيل چوري جي اين سي ڪرائي،جنهن بعد پوليس اسان کي يقين دهاني ڪرائي،پر افسوس سان اڃان تائين پوليس جاءِ واردات تي به نه پهتي آهي،اهڙي موقعي تي هن ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو کان مطالبو ڪيو آهي ته اسان جا چوري ٿيل پئسا واپس ڪرايا وڃن

ڪيهر جي مختلف ڳوٺن ۾ وڌندڙ چورين ۽ ڦرن خلاف ڳوٺائن پاران احتجاجي ريلي

مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي چوري ۽ ڦر جي وارداتن خلاف نعريبازي ڪئي

ڪيهر(ن ع)ڪيهر پرپاسي مختلف ڳوٺن ۾ وڌندڙ چورين ۽ ڦرن خلاف ڳوٺائن احتجاجي ريلي ڪڍي ڪيهر شهر پهچي احتجاج ڪيو مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي چوري ۽ ڦر جي وارداتن خلاف نعريبازي ڪئي،مظاهرين ۾ مجاهد واڻ ڪُبر ڳوٺ، شفيع محمد علي هالپوٽو ڪاٺي ۽ ٻين مختلف ڳوٺن جا رهواسي شامل هئا، جن ۾ ڪرشن ڀيل عباس هنگورجو الله بخش راڄڙ ڀگوانو ڀيل ۽ ٻيا شامل هئا.احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته ڳوٺن ۾ چورن رڻ ٻاري ڏنو آهي روڊ رستن تي ڦر جون وارداتون روز جو معمول بڻجي ويون آهن جنهن سبب ڳوٺائن ۾ بيچيني پکڙيل آهي،هنن مطالبو ڪيو ته علائقي ۾ وڌندڙ بدامني ۽ چورين جو فوري نوٽيس وٺي ملوث جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي مظاهرين ايم اين اي شازيه مري، ايم پي اي علي حسن هنگورجو ۽ ايس ايس پي سانگهڙ کان مطالبو ڪيو ته علائقي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن

ڪيهر جي مختلف ڳوٺن ۾ وڌندڙ چورين ۽ ڦرن خلاف ڳوٺائن احتجاجي ريلي ڪڍي رهيا آهن

مٺي جي لوهار محلي جي رهواسين پاران اڻين ڏينهن تي به احتجاج

پٽ سورج ڪمار بليڪ ميلنگ کان تنگ اچي خود ڪشي ڪري ڇڏي،پومچي ميگهواڙ

پٽ کي بليڪ ميل ڪرڻ ۾ ونود ڏرماڻي،دسرت پرمان،ڪمليش پابوهر ۽ ٻيا ملوث آهن

مٺي (ڊ ز)مٺي جي لوهار محلي جي رهاڪو پومچي ميگهواڙ ۽ سندس ڏال جهمون پڳٽ ڪيمون ۽ مٺي پريس ڪلب مٺي اڳيان ڪلهه اڻين ڏينهن تي به احتجاج ڪيو. هنن جو چوڻ آهي ته سندس پٽ سورج ڪمار بليڪ ميلنگ ۽ ذهني دٻاءَ کان تنگ اچي ڪراچي ۾ مبينا طور خود ڪشي ڪري ڇڏي. پر پوليس ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هن الزام هنيو ته سندس پٽ کي ونود ڏرماڻي، دسرت پرمان ڪمليش پابوهر ۽ ٻيا ملوث آهن جيڪي موبائيل نمبر تان مسلسل بليڪ ميل ڪري ذهني طور پريشان ڪندا هئا جنهن جي نتيجي ۾ هن 29 جون تي انتهائي قدم کنيو هن وڌيڪ ٻڌايو ته واقعي جي ايف آءِ آر داخل هجڻ باوجود اڃا تائين جوابدار آزاد گهمي رهيا آهن. هنن وزيراعلي سنڌ، آءِ جي سنڌ ۽ ٿر جي چونڊيل نمائندن کان هن معاملي جو نوٽيس وٺڻ ۽ کين فوري انصاف ڏيارڻ جو مطالبو ڪيو آهي

مٺي لوهار محلي جي رهواسين پاران اڻين ڏينهن تي به احتجاج ڪيو پيو وڃي

سياحت کاتي پاران قائداعظم هائوس ميوزيم ۾ تقريب

صوبائي وزير ذوالفقار شاهه،سيڪريٽري ثقافت ۽ ڪمپنين جا مالڪ شريڪ ٿيا

سياحت جي شعبي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ بابت مختلف تجويزون پيش ڪيون ويون

سنڌ تاريخي، ثقافتي ۽ قدرتي سياحتي ماڳن سان مالا مال صوبو آهي:ذوالفقار شاهه.

ڪراچي (بيورو رپورٽ)عالمي سياحت واري ڏينهن جي موقعي تي سنڌ جي سياحت کاتي پاران قائداعظم هائوس ميوزيم ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ صوبائي وزير ثقافت، سياحت ۽ نوادرات سيد ذوالفقار علي شاهه سيڪريٽري ثقافت خير محمد ڪلوڙ سنڌ ٽوئرزم ڊولپمينٽ ڪارپوريشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر فياض علي شاهه ۽ مختلف سفري ڪمپنين جا مالڪ شريڪ ٿيا. تقريب دوران شرڪت ڪندڙن سنڌ ۾ سياحت جي شعبي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ بابت مختلف تجويزون پيش ڪيون. جڏهن ته سنڌ جي سياحت کاتي پاران تازو کنيل قدمن کي پڻ ساراهيو ويو. ان موقعي تي خطاب ڪندي صوبائي وزير ثقافت، سياحت ۽ نوادرات سيد ذوالفقار علي شاهه چيو ته سياحت ڪنهن به ملڪ جي معيشت، ثقافت ۽ مثبت تشخص کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. هن چيو ته سنڌ تاريخي، ثقافتي ۽ قدرتي سياحتي ماڳن سان مالا مال صوبو آهي. جڏهن ته موهن جو دڙو مڪلي ۽ ڪوٽڏيجي سميت سنڌ جا تاريخي ورثا سڄي دنيا جي سياحن لاءِ خاص ڪشش رکن ٿا.

ڪراچي صوبائي وزير ذوالفقار شاهه تقريب ۾ شريڪ آهي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀاڻار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

خميس پهرين آڪٽوبر 2026ع

سنڌ ۾ انساني جان جي بي قدري: ذميوار ڪير آهي؟

سنڌ جي مختلف علائقن مان سامهون آيل چار واقعا رڳو ڏوهن، غربت ۽ انتظامي نااهليءَ جون خبرون نه آهن پر اهي حڪمرانيءَ جي نظام، عوام جي تحفظ، صحت جي سهولتن ۽ قانون جي عملداريءَ بابت ڪيترائي اهم سوال اٿارين ٿا. هڪ غريب پورهيت علاج لاءِ ويندي رستي ۾ دم ڏئي ٿو پر غربت سبب سندس وارث لاش کڻڻ لاءِ ايمبولينس جو بندوبست به نٿا ڪري سگهن. ٻئي واقعي ۾ پراڻي تڪرار جي نتيجي ۾ پيءُ سان گڏ ڇهن سالن جو معصوم ٻار به قتل ٿي وڃي ٿو. ٽئين واقعي ۾ پوليس آپريشن دوران مبينا طور مارٽر گولو ڪرڻ سبب هڪ نوجوان ۽ سندس پيرسن پيءُ مارجي وڃن ٿا ۽ ٻيا ماڻهو زخمي ٿين ٿا. جڏهن ته چوٿين واقعي ۾ چانڊڪا اسپتال جو هڪ نوجوان ملازم ڏينهن ڏٺي جو هٿياربندن هٿان قتل ٿي وڃي ٿو. اهي واقعا سنڌ جي حڪمرانن لاءِ اک کوليندڙ هئڻ گهرجن. شاهبندر جي 65 ورهين جي پورهيت شير محمد ملاح جو واقعو اسان جي سماج جي ان تلخ حقيقت کي واضح ڪري ٿو جنهن ۾ غربت ماڻهوءَ کان علاج جي سهولت ته پري پر مرڻ کان پوءِ پنهنجي پياري جو لاش عزت سان گهر کڻي وڃڻ جو وسيلو به کسي وٺي ٿي. بيماريءَ ۾ ورتل پيرسن ماتلي اسپتال ڏانهن ويندي مسافر وين ۾ فوت ٿي ويو. سندس وارثن وٽ ايمبولينس جا پئسا نه هجڻ سبب لاش ڪافي دير تائين اسٽاپ تي پيل رهيو. آخرڪار مقامي صحافين چندو ڪري ايمبولينس جو بندوبست ڪيو. امير سنڌ جي غريب عوام جي اهڙيءَ حال تي ماتم نه ڪجي ته ٻيو ڇا ڪجي؟ ٻئي پاسي ڏکڻ پرسان پراڻي ڪارنهن تڪرار جي پسمنظر ۾ غلام حسين جعفري ۽ سندس ڇهن سالن جي معصوم پٽ عبدالستار جو قتل سنڌ ۾ قبائلي ۽ خانداني تڪرارن جي خطرناڪ صورتحال کي ظاهر ڪري ٿو. هڪ اهڙو ٻار جنهن کي اڃا زندگيءَ جون خوشيون ڏسڻيون هيون، سو نفرت ۽ دشمنيءَ جي باهه جو شڪار بڻجي ويو. پوليس موجب واقعو پراڻي تڪرار جو نتيجو آهي. جڏهن ته مقتولن جي وارث عورتن پوليس جي نااهليءَ کي ذميوار قرار ڏنو آهي. انهن الزامن جي شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن تڪرار اڳ کان موجود هو ته پوءِ لاڳاپيل ڌرين جي وچ ۾ ناهه ڪرائڻ، ڌمڪين جو نوٽيس وٺڻ ۽ امڪاني جاني نقصان کي روڪڻ لاءِ اڳواٽ قدم ڇو نه کنيا ويا؟ رڳو واقعي کان پوءِ ڇاپا هڻڻ ۽ جوابدارن جي فرار ٿيڻ جون خبرون ڏيڻ سان پوليس جي ذميواري پوري نٿي ٿئي. حڪومت کي گهرجي ته پراڻن تڪرارن جي خاتمي لاءِ مستقل حڪمت عملي جوڙي ۽ معصوم ٻارن سميت بيگناهه ماڻهن جي جانين جي حفاظت يقيني بڻائي. هوڏانهن شڪارپور جي ڪچي واري علائقي ۾ پوليس آپريشن دوران مبينا طور مارٽر گولو ڪرڻ سبب منير احمد ميراڻي ۽ سندس پيرسن پيءُ محمد حسن ميراڻي جي فوت ٿيڻ ۽ ڇهن ڄڻن جي زخمي ٿيڻ وارو واقعو پڻ انتهائي سنجيده آهي. وارثن جو الزام آهي ته پوليس جي ڪارروائيءَ سبب سندن گهر تباهه ٿيو، ماڻهو مارجي ويا ۽ زخمي ٿيا. جڏهن ته لاشن جي پوسٽ مارٽم ۽ واقعي جو ڪيس داخل ٿيڻ بابت به سندن شڪايتون سامهون آيون آهن. انهن واقعن کان علاوه لاڙڪاڻي ۾ چانڊڪا اسپتال جي سينيئر او ٽي ٽيڪنيشن فدا حسين بليديءَ جو ڏينهن ڏٺي جو قتل ٿيڻ به شهرين جي تحفظ بابت ڳڻتيءَ ۾ اضافو ڪري ٿو. هڪ نوجوان صحت جي ملازم کي ڊيوٽيءَ تي ويندي گولين جو نشانو بڻايو وڃي ٿو. جنهن کان پوءِ پيراميڊيڪل عملي کي احتجاج ڪندي ٻاهرين مريضن جا شعبا بند ڪرڻا پون ٿا. پوليس واقعي کي ذاتي دشمنيءَ جو امڪاني نتيجو قرار ڏئي جاچ شروع ڪئي آهي. پر ڪنهن به قتل کي ذاتي رنجش چئي ڇڏڻ ڪافي ناهي؛ اصل حقيقتون ثبوتن جي روشنيءَ ۾ سامهون اچڻ گهرجن.

انهن چئني واقعن ۾ هڪ گڏيل ڳالهه نمايان آهي ته عام ماڻهو غربت، بدامني ۽ ڪمزور انتظامي نظام جي وچ ۾ ڦاٿل آهي. ڪٿي علاج لاءِ سهولتون ناهن، ڪٿي هٿياربند پنهنجي مرضيءَ سان ماڻهن جون جانيون وٺي رهيا آهن ته ڪٿي قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪارروائي بابت سنگين سوال اٿاريا پيا وڃن. اهڙي صورتحال ۾ حڪومت جي ذميواري رڳو بيان جاري ڪرڻ، نوٽيس وٺڻ يا جاچ جا حڪم ڏيڻ تائين محدود نه هجڻ گهرجي پر انهن قدمن جا نتيجا به عوام کي نظر اچڻ گهرجن. سنڌ جي وڏي وزير، گهرو وزير، صحت کاتي ۽ پوليس جي اعليٰ اختيارين کي گهرجي ته انهن واقعن جو سنجيده نوٽيس وٺن. لاڳاپيل ضلعن ۾ امن امان جي صورتحال جو جائزو وٺن ۽ ذميوار ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي کي يقيني بڻائين. وقت جي تقاضا آهي ته سنڌ جي حڪمرانن جو ڌيان بيانن بدران عملي قدمن ڏانهن هجي، جيئن عام ماڻهوءَ کي به احساس ٿئي ته رياست سندس جان، مال ۽ عزت جي حفاظت لاءِ موجود آهي.

سنڌ جا ثانوي شهر: ٽن ڏهاڪن کان پراڻي شهري خواب جي نئين تعبير!

رحمت الله ٻرڙو

ٽن ڏهاڪن کان به وڌيڪ عرصو اڳ سنڌ ۾ شهري منصوبابنديءَ جي حوالي سان هڪ اهڙو تجربو شروع ٿيو، جيڪو پنهنجي سوچ ۽ دائري جي لحاظ کان غيرمعمولي اهميت رکندڙ هو. ان دور ۾ ڪراچي صوبي جي آبادي، روزگار، سيڙپڪاري ۽ معاشي سرگرمين جو وڏو حصو پاڻ ڏانهن ڇڪي رهي هئي. نتيجي ۾ سنڌ جي ٻين شهرن ۽ علائقن جي شهري ترقيءَ ۾ واضح فرق پيدا ٿي رهيو هو. ان صورتحال کي نظر ۾ رکندي سنڌ حڪومت، عالمي فني سهڪار سان، "سنڌ سيڪنڊري سٽيز ڊولپمينٽ پلاننگ اينڊ انسٽيٽيوشنل سپورٽ پروگرام" شروع ڪيو آهي. اهو پروگرام 1990ع کان 1993ع تائين جاري رهيو ۽ ان جو بنيادي مقصد سنڌ جي نون ثانوي شهرن جي شهري زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ، انهن لاءِ ترقياتي منصوبا تيار ڪرڻ، ميونسپل ادارن کي مضبوط ڪرڻ، وسيلن کي متحرڪ ڪرڻ ۽ مستقبل جي سيڙپڪاريءَ لاءِ واضح رُخ مقرر ڪرڻ هو. هن پروگرام جي سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته شهري ترقيءَ کي صرف روڊن، پلين ۽ عمارتن جي تعمير تائين محدود نه ڪيو ويو. زمين جي استعمال، رهائش، پاڻي، نيڪال، گندي پاڻي، ڪچري جي انتظام، ماحوليات، سماجي سهولتن، ميونسپل انتظام ۽ معاشي سرگرمين کي هڪ ئي شهري منصوبابنديءَ جي دائري ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. دستياب دستاويزن مان معلوم ٿئي ٿو ته ان وقت جي منصوبابنديءَ جو عمل هڪ ئي مرحلي ۾ مڪمل نه ٿيو پر مختلف شهرن ۾ مختلف وقتن تي مختلف مرحلن ذريعي اڳتي وڌيو. ورلڊ بينڪ جي هڪ رڪارڊ موجب 1990ع ۾ نوابشاهه، ميرپورخاص، ٽنڊو آدم، ٽنڊو الهيار ۽ سانگهڙ لاءِ ابتدائي ترقياتي منصوبن تي ڪم ٿيو. 1991ع ۾ نوابشاهه، ميرپورخاص، لاڙڪاڻي، شڪارپور ۽ جيڪب آباد بابت وڌيڪ ترقياتي منصوبابندي سامهون آئي. ان سان گڏ لاڙڪاڻي، نوابشاهه ۽ ميرپورخاص ۾ روڊن ۽ ٽرانسپورٽ سان لاڳاپيل منصوبن لاءِ فزيبلٽي اڀياس ۽ پي سي-هڪ تيار ڪرڻ جو سلسلو پڻ هليو. ان مان هڪ اهم ڳالهه واضح ٿئي ٿي. ان پروگرام جو مقصد رڳو منصوبو ناهي فائيل بند ڪرڻ نه هو. ارادو اهو هو ته منصوبابنديءَ کي عملي ترقياتي سيڙپڪاريءَ سان ڳنڍيو وڃي.

نوابشاهه جي ٽرڪ ٽرمينل جي منتقلي، ميرپورخاص جي بس ٽرمينل جي منتقلي، لاڙڪاڻي جي مرڪزي بس اسٽينڊ جي بهتري، روڊن جي ترقي ۽ فلاءِ اوورز بابت مطالعي جون تجويزون ان سوچ جو حصو هيون. ان وقت جا ڪيترائي دستاويز اڄ به محفوظ آهن. اين اي ڊي يونيورسٽيءَ جي آرڪيٽيڪچر اينڊ پلاننگ شعبي ۾ "سنڌ سيڪنڊري سٽيز ڊولپمينٽ پلاننگ اينڊ انسٽيٽيوشنل سپورٽ، نون شهرن لاءِ ايگزيڪيوٽو سمري" ۽ مختلف شهرن جا ترقياتي منصوبا موجود آهن. دادو جو انفراسٽرڪچر پلان پڻ انهن دستاويزن مان هڪ آهي.

ٽن ڏهاڪن کان پوءِ سوال ساڳيو آهي ته ثانوي شهرن کي ترقي ڏيڻ جو بنيادي تصور اڄ به اهم آهي. سوال رڳو اهو آهي ته ڇا سنڌ جي شهري ترقي هڪ ئي شهر جي چوڌاري گهمندي رهندي يا صوبي ۾ ڪيترائي مضبوط شهري مرڪز پيدا ڪيا ويندا؟ ڪراچي سنڌ جي معاشي ۽ شهري زندگيءَ جو اهم مرڪز آهي پر ڪنهن به صوبي جي ڊگهي مدي واري ترقيءَ لاءِ اهو ضروري آهي ته ٻين شهرن ۾ به روزگار، صنعت، واپار، تعليم، صحت ۽ بنيادي سهولتن جا مضبوط مرڪز پيدا ٿين.

سنڌ جي ثانوي شهرن جي وڏي طاقت اها آهي ته انهن جو تعلق پنهنجي وسيع زرعي ۽ ٻهراڙيءَ واري پسمنظر سان آهي. ميرپورخاص، سانگهڙ، نوابشاهه، لاڙڪاڻو، دادو، خيرپور، شڪارپور، جيڪب آباد ۽ ٻين شهرن جي چوڌاري زراعت، مالداري، باغباني ۽ ماهيگيريءَ سان لاڳاپيل وسيع معاشي سرگرميون موجود آهن. جيڪڏهن شهرن کي انهن جي ٻهراڙيءَ واري معيشت سان ڳنڍيو وڃي ته اهي رڳو سرڪاري آفيسن جا مرڪز نه رهندا پر واپار، زرعي صنعت، روزگار ۽ خدمتن جا علائقائي مرڪز بڻجي سگهن ٿا.

ماسٽر پلان کان شهري علائقي جي منصوبابنديءَ تائين: هاڻي وقت اچي ويو آهي ته روايتي ماسٽر پلان جي سوچ کان اڳتي وڌي شهر ۽ ان جي پرپاسي کي هڪ گڏيل معاشي نظام طور ڏٺو وڃي. هڪ زرعي علائقي جي پيداوار شهر جي منڊيءَ تائين پهچي، منڊيءَ کان گودامن ۽ ٿڌن ذخيرن تائين وڃي، اتان کان پروسيسنگ صنعتن تائين پهچي، صنعتن مان تيار ٿيل شيءِ قومي ۽ عالمي مارڪيٽن تائين پهچي ۽ ان سڄي عمل مان مقامي نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ٿين. اهو ئي جديد شهر يا علائقن جي منصوبابنديءَ جو بنيادي تصور هجڻ گهرجي.

نئين دور جي شهري منصوبابندي: اڄ جي دور ۾ ڪنهن به شهر جي صحيح منصوبابندي قابل اعتماد ڊيٽا کان سواءِ ممڪن ناهي. سنڌ جي هر اهم ثانوي شهر لاءِ جديد GISتي ٻڌل شهري معلوماتي نظام قائم ٿيڻ گهرجي، جنهن ۾ شهر جي زمين، آبادي، روڊن، پاڻي، سيوريج، ڊرينيج، صنعتي ۽ واپاري علائقن، سرڪاري ادارن ۽ ماحولياتي حساس علائقن بابت مڪمل معلومات موجود هجي. ان سان اهو به واضح ٿي سگهي ٿو ته شهر ڪهڙي طرف وڌي سگهي ٿو؟ ڪهڙن علائقن ۾ تعمير ڪنهن به صورت ۾ نه ٿيڻ گهرجي؟ خاص طور تي قدرتي نيڪال جا رستا، برساتي پاڻيءَ جا رستا، ٻوڏ وارا علائقا، ويٽ لينڊز، زميني پاڻيءَ جي ريچارج جا هنڌ ۽ گرين بيلٽ اڳواٽ محفوظ ڪرڻ ضروري آهي. سنڌ ۾ پاڻيءَ ڪانسواءِ شهري مستقبل ممڪن ناهي. سنڌ لاءِ شهري منصوبابنديءَ جو سڀ کان بنيادي سوال پاڻي آهي. جيڪو شهر ايندڙ 20 يا 30 سالن ۾ ڪيترو وڌندو، ان جي آبادي ڪيتري ٿيندي ۽ ان کي ڪيترو پاڻي گهربل هوندو، اهي سوال ڪنهن به انفراسٽرڪچر پلان جو بنيادي حصو هجڻ گهرجن.
(هلندڙ)

پهرين آڪٽوبر، چين جو سبق ڏيندڙ ڏينهن..!

ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي

اڄ جي ڪئلينڊر ۾ پهرين آڪٽوبر هڪ وڏي ملڪ جي قومي ڏينهن طور ملهائي ويندي آهي جنهن گذريل 70 سالن دوران پنهنجي معاشي، صنعتي، سائنسي، فوجي ۽ سفارتي طاقت جي ڪري دنيا ۾ پنهنجو وڏو اثر قائم ڪيو آهي. اهو اسان جو پاڙيسري ۽ دوست ملڪ عوامي جمهوريه چين آهي. چين ۾ پهرين آڪٽوبر کان ستين آڪٽوبر تائين قومي موڪلن جو سلسلو هلندو آهي. جنهن کي ’گولڊن ويڪ‘ چيو ويندو آهي ۽ ماڻهو وڏي جوش ۽ جذبي سان قومي ڏينهن جون تقريبون ملهائيندا آهن. انهن ڏينهن دوران چين جي مختلف شهرن ۽ علائقن ۾ قومي جهنڊا، روشنيون، گل ۽ مختلف قسم جون سجاوٽون ڪيون وينديون آهن. جنهن سان هر طرف قومي ڏينهن جو ماحول نظر ايندو آهي. وڏي تعداد ۾ ماڻهو پنهنجن اباڻن علائقن، سير ۽ تفريح وارن هنڌن ۽ ملڪ جي مختلف شهرن ڏانهن ويندا آهن. پرڏيهه ۾ رهندڙ چيني ماڻهو به پنهنجو قومي ڏينهن وڏي جوش سان ملهائيندا آهن. چين جي تاريخ هزارين سال پراڻي آهي پر چين جي جديد تاريخ کي سمجهڻ لاءِ اسان کي لڳ ڀڳ هڪ سئو سال پوئتي وڃڻو پوندو. ويهين صديءَ جي شروعات ۾ چين تي هزارين سالن کان هلندڙ بادشاهت ڪمزور ٿي رهي هئي. چين جي آخري شاهي خاندان جنهن کي ’چنگ خاندان‘ چيو ويندو هو، ان جي خلاف عوام ۾ بغاوت وڌي رهي هئي. آخرڪار بادشاهت ختم ٿي ۽ 1912ع ۾ جمهوري چين قائم ٿيو. جيتوڻيڪ اهو واقعو هزارين سالن کان هلندڙ پراڻي بادشاهي نظام مان نڪري جديد قومي رياست ڏانهن وڃڻ لاءِ هڪ اهم تاريخي قدم هو. پر چيني عوام جي اصل منزل اڃا پري هئي. ان ڪانپوءِ چين کي سياسي بيچيني، اندروني اختلافن، مختلف مسئلن ۽ گهرو ويڙهه کي منهن ڏيڻو پيو. آخرڪار چيئرمين ماؤزي تنگ جي اڳواڻيءَ ۾ چيني عوام انهن مسئلن تي قابو پاتو ۽ پهرين آڪٽوبر 1949ع تي عوامي جمهوريه چين جي قيام جو اعلان ڪيو ويو.

منهنجي نظر ۾ پهرين آڪٽوبر رڳو چين جي روايتي قومي ڏينهن تائين محدود ناهي پر اها چين جي جديد تاريخ ۾ ڪيل هڪ وڏي ۽ ڊگهي جدوجهد جي ياد پڻ آهي. چين جي هن تاريخ ۾ ٽي اهم دور نظر اچن ٿا: هزارين سالن کان هلندڙ قديم چيني بادشاهت، 1912ع ۾ قائم ٿيندڙ جمهوريه چين ۽ پوءِ 1949ع ۾ قائم ٿيندڙ عوامي جمهوريه چين. تاريخ جي هڪ شاگرد جي حيثيت سان مان هتي اها ڳالهه به واضح ڪرڻ چاهيان ٿو ته جڏهن 1949ع ۾ عوامي جمهوريه چين قائم ٿي، تڏهن اسان جي خطي ۾ ’ڀارت ۽ چين جا ماڻهو ڀائر آهن‘ جو نعرو به مشهور هو. شروع وارن سالن ۾ پاڪستان ۽ چين جا لاڳاپا ايترا مضبوط نه هئا ۽ ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڪجهه ٿڌاڻ موجود هئي پر پاڪستان انهن ملڪن مان هڪ هو، جن عوامي جمهوريه چين کي جلد تسليم ڪيو. پاڪستان گڏيل قومن ۾ چين کي مستقل سيٽ ۽ نمائندگي حاصل ڪرڻ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪيو. ان وقت پاڪستان جي پي آءِ اي واحد پرڏيهي ايئرلائن هئي، جيڪا چيني هوائي حدن ۾ جهاز هلائيندي هئي. وقت گذرڻ سان پاڪستان ۽ چين وچ ۾ معاشي، دفاعي، واپاري، سائنسي، تعليمي ۽ سفارتي سهڪار مسلسل وڌندو ويو. اڄ ستن ڏهاڪن ڪانپوءِ ٻئي ملڪ هڪبئي کي ’آئرن برادرز‘ يعني لوهي ڀائر چون ٿا. ٻنهي ملڪن جي دوستي بابت اهو به چيو ويندو آهي ته اها سمنڊ کان اونهي، هماليه جبلن کان اوچي ۽ ماکيءَ کان به وڌيڪ مٺي آهي. دنيا ۾ پاڪستان ۽ چين جي اها دوستي هڪ خاص مثال طور ڏني وڃي ٿي. چين جي جديد تاريخ جو هڪ اهم پاسو اهو به آهي ته پراڻي بادشاهي دور ۾ چين کي ٻاهرين سامراجي طاقتن جي حملي ۽ دٻاءَ کي به منهن ڏيڻو پيو. ان جي نتيجي ۾ چين جا ڪجهه علائقا پرڏيهي طاقتن جي قبضي هيٺ هليا ويا. هانگ ڪانگ برطانيا جي قبضي ۾ هليو ويو. جڏهن ته مڪاؤ تي پرتگال جو قبضو ٿي ويو. پر عوامي جمهوريه چين جي قيادت انهن مسئلن کي طاقت يا جنگ ذريعي حل ڪرڻ بدران ڳالهين ۽ سفارتڪاريءَ جو رستو اختيار ڪيو. ان جي نتيجي ۾ پهرين جولاءِ 1997ع تي چين هانگ ڪانگ تي ٻيهر پنهنجو ڪنٽرول حاصل ڪيو. ان ڪانپوءِ ٻن سالن بعد ڳالهين ذريعي مڪاؤ به پرتگال کان واپس چين حوالي ڪيو ويو. اڄ پهرين آڪٽوبر تي هانگ ڪانگ ۽ مڪاؤ ۾ رهندڙ ماڻهو به چين جي ٻين شهرين سان گڏجي پنهنجو قومي ڏينهن وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائي رهيا آهن.

منهنجي خيال ۾ هڪ هفتي تائين هلندڙ ’گولڊن ويڪ‘ جي موڪلن واري چيني نظام جي هڪ خاص ڳالهه اها آهي ته موڪلن کي اڳواٽ ترتيب سان ايڊجسٽ ڪيو ويندو آهي. قومي ڏينهن جون موڪلون ملهائڻ لاءِ عام هفتي جون موڪلون ڪڏهن ڪڏهن سرڪاري طور ڪم وارن ڏينهن ۾ تبديل ڪيون وينديون آهن. هن سال به پهرين آڪٽوبر کان 7 آڪٽوبر تائين قومي ڏينهن جون موڪلون آهن. حڪومت اهڙي طرح موڪلن جو بندوبست ڪيو ته جيئن ڪم جو نقصان نه ٿئي ۽ ملڪ جي ترقيءَ جو سلسلو به سست نه ٿئي. ان لاءِ20 سيپٽمبر آچر ۽ 10 آڪٽوبر ڇنڇر کي ڪم وارا ڏينهن مقرر ڪيو ويو. جنهن جو مطلب اهو هو ته اهي ڏينهن عام طور تي هفتي جون موڪلون هجن ها. پر انهن ڏينهن سرڪاري ۽ خانگي ادارا کليل رهيا. آسان لفظن ۾، چين ۾ اهڙي ترتيب ڪئي وئي ته ماڻهو قومي جشن به پوري جوش سان ملهائن. پنهنجن دوستن ۽ خاندان سان سٺو وقت به گذارين سير ۽ تفريح لاءِ به وقت ملي، پر ساڳئي وقت سال ۾ ڪم ڪرڻ وارن ڏينهن جو حساب به پورو رهي. بيشڪ، اڄ جو چين دنيا جي وڏي معاشي طاقتن مان هڪ آهي. صنعت، واپار، جديد ٽيڪنالاجي، روڊن ۽ عمارتن جهڙي بنيادي ڍانچي ۽ دفاع جي شعبن ۾ چين وڏي ترقي ڪئي آهي. چين جي ترقي ۽ خوشحالي جي هن ڊگهي سفر ۾ چيني قوم ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين محنت، ڊگهي مدي واري منصوبابندي ۽ قومي اهميت وارن معاملن تي خاص ڌيان ڏنو آهي. اڄ عام طور تي جڏهن چين جي غير معمولي ترقيءَ جو ذڪر ڪيو ويندو آهي ته ماڻهو ان جا سبب وڏين فيڪٽرين، جديد ٽيڪنالاجي، برآمدات يا اربين ڊالرن جي سيڙپڪاري کي سمجهندا آهن. چين کي هڪ وڏي معاشي طاقت بڻائڻ ۾ منظم سماجي نظام ۽ نظم و ضبط جو به وڏو ڪردار آهي. ان نظم و ضبط جي هڪ ننڍڙي مثال اسان کي ’گولڊن ويڪ‘ جي موڪلن دوران نظر اچي ٿي. چين ۾ قومي ڏينهن ۽ ٻيا وڏا جشن سڀ ماڻهو گڏجي جوش سان ملهائين ٿا، پر ان سان گڏ روزاني ۽ قومي ذميوارين کي به نظرانداز نٿو ڪيو وڃي. ڪم وارن ڏينهن جو حساب به باقاعدي رکيو وڃي ٿو جيئن موڪلن سبب ملڪ جو ڪم متاثر نه ٿئي. منهنجي نظر ۾، پهرين آڪٽوبر جو قومي ڏينهن هڪ طرف اسان جي دوست ۽ پاڙيسري چين جي وڏي ڪاميابي جي ياد ڏياري ٿو ته ٻئي طرف اسان لاءِ هڪ سبق به رکي ٿو. اهو سبق اهو آهي ته دنيا ۾ ڪا به قوم صرف ڏينهن رات بغير آرام جي ڪم ڪرڻ سان ترقي يافته نٿي بڻجي سگهي. ساڳيءَ طرح اها قوم به ترقي نٿي ڪري سگهي، جيڪا هر مهيني رڳو سرڪاري موڪلن جو انتظار ڪندي رهي. قومون تڏهن ترقي ڪن ٿيون، جڏهن آهي آرام، موڪلن، قومي جشنن ۽ ڪم وارن ڏينهن کي مناسب طريقي سان ترتيب ڏئي، نظم ۽ ضبط سان هلائن.

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

سنڌ جي وحدت مان ڏيندڙ وارا!

سنڌ جيڪا صدين جو تسلسل آهي سنڌ جيڪا رڳو هڪ صوبو نه پر هڪ پوري تهذيب، تاريخ ۽ ثقافتي سڃاڻپ جو نالو آهي اها سنڌ دنيا جي انهن قديم ۽ شاندار سڀيتائن مان هڪ آهي. جنهن انساني تهذيب جي تاريخ ۾ پنهنجو هڪ الڳ ۽ نمايان مقام پيدا ڪيو آهي مصر جي فرعوني تهذيب، بابلي تهذيب ۽ دنيا جي ٻين قديم سڀيتائن سان گڏ سنڌوءَ جي تهذيب به انساني تمدن جي تاريخ ۾ هڪ روشن باب جي حيثيت رکي ٿي پر سنڌوءَ جي سڀيتا جي خاص ڳالهه اها آهي ته ان جا آثار هزارين سال اڳ به هتي رهندڙ ماڻهن جي منظم، مهذب ۽ ترقي يافته زندگيءَ جي شاهدي ڏين ٿا. سنڌوءَ جي قديم آثارن مان معلوم ٿئي ٿو ته هتان جي ماڻهن کي شهرن جي منصوبابندي، پاڻيءَ جي نيڪال، واپار، زراعت ۽ روزمره جي زندگيءَ کي منظم طريقي سان هلائڻ جو شعور حاصل هو موهن جو دڙو ۽ سنڌو ماٿريءَ جا ٻيا آثار اڄ به ان ڳالهه جا شاهد آهن ته سنڌ ڌرتيءَ تي انساني تهذيب جو هڪ اهڙو روشن سفر موجود هو جنهن جا نشان اڄ به دنيا جي محققن ۽ تاريخدانن لاءِ دلچسپيءَ جو موضوع بڻيل آهن ان ڪري سنڌ کي رڳو هڪ انتظامي يونٽ يا نقشي تي نهيل هڪ صوبو سمجهڻ سنڌ جي تاريخي حقيقتن کي نظرانداز ڪرڻ برابر آهي جيڪڏهن ڪنهن به تبديليءَ جو مقصد عوام لاءِ سهولت پيدا ڪرڻ آهي ته پوءِ ان جي پوري عمل ۾ سنڌ جي ماڻهن کي اعتماد ۾ وٺڻ کليل بحث ڪرائڻ ۽ سيني ترين جي راءِ کي اهميت ڏيڻ لازمي هجڻ گهرجي سنڌ صدين جي تاريخ جو نالو آهي سنڌ هڪ زنده تهذيب آهي سنڌ هڪ ثقافتي سڃاڻپ آهي ۽ سنڌ جي ماڻهن لاءِ پنهنجي ڌرتيءَ سان وابستگي سندن وجود جو حصو آهي سنڌ جي مضبوطي، خوشحالي ۽ امن ئي پاڪستان جي وفاق کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهي ٿو ان ڪري سنڌ جي وحدت کي ڪمزور ڪرڻ بدران سنڌ کي مضبوط ڪرڻ سنڌ جي ماڻهن کي بااختيار بڻائڻ ۽ سنڌ جي وسيلن مان سنڌ جي عوام کي جائز فائدو پهچائڻ ئي وقت جي اهم ضرورت آهي

آفتاب سليمان لغاري

اڄوڪو ڏينهن ---- پهرين آڪٽوبر

شيوڪ ڀوڄراج موٽواڻي



شيوڪ ڀوڄراج موٽواڻي پنهنجي دور جو مشهور ليکڪ ۽ صحافي هو سنڌي ادبي دنيا ۾ هو هڪ بلند پائي جي شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ مضمون نگار طور جاتل سڃاتل هو. پراڻي ادب جي واڌاري لاءِ به سندس ڪوششون ساراهڻ جوڳيون آهن هن جو جنم پهرين آڪٽوبر 1906ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو هن سکر، لاڙڪاڻي ۽ ڪراچيءَ مان تعليم حاصل ڪئي ۽ عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪئي هن ڪشنچند بيوس جي سرپرستيءَ ۾ شاعري شروع ڪئي. شاعريءَ ۾ سندس تخلص "ڪڙ ڪپيتو" هو هن 1924ع ۾ سنڌي اخبار "شيوا" ۽ 1926ع ۾ ٻارڙن جو رسالو "گلستان" جاري ڪيو ان کان پوءِ ڪيترن ئي ٻين اخبارن ۽ رسالن جو ايڊيٽر رهيو آزاديءَ واري تحريڪ ۾ حصو وٺڻ سبب چار ڀيرا جيل جون سعوبتون برداشت ڪيائين هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون، ناول ۽ مضمون لکيا. هن رابندرناٿ ٽئگور جي ڪجهه ڪهاڻين جو سنڌيءَ ۾ ترجمو پڻ ڪيو 1923ع ۾ ٻارڙن جي تنظيم "ٻالڪن جي ٻاريءَ" جو بنياد رکيائين 1934ع ۾ سنڌ ڇڏي ممبئيءَ جا وڃي وسيائين ۽ اتي ئي پهرين مارچ 1988ع تي سندس لاڏاڻو ٿيو.

سيد مظفر حسين شاهه مظفر



هن نامور شاعر ۽ نثر نويس شڪارپور ضلعي جي مديجي شهر ۾ پهرين آڪٽوبر 1916ع تي پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو. کيس "زوار جمن شاهه" جي نالي سان به ياد ڪيو وڃي ٿو سندس والد سيد فضل علي شاهه به ڪافيءَ جو مشهور شاعر هو هن سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد (هاڻوڪي يونيورسٽي) مان بي اي جي سند حاصل ڪئي عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪيائين هن ويهن سالن جي ڄمار ۾ نثر ۽ نظم لکڻ شروع ڪيو سندس لکڻيون ان وقت جي مشهور رسالن ۽ اخبارن جي زينت بڻيون هن پنهنجي اباڻي شهر مديجيءَ ۾ 1950ع ۾ "محمدي لائبريري" قائم ڪئي ۽ اڳتي هلي سنڌي ادبي سنگت مديجي شاخ جو بنياد وڌائين هن "مظفر نيوز سروس" ۽ "مظفر پبليڪيشن" نالي ادارا پڻ قائم ڪيا هن جي شاعريءَ جا ڪتاب "قلبي قوت" ۽ "شان سرور" ڇپيل آهن هن ايران عراق ۽ شام جو سفرنامو پڻ لکيو سيد مظفر حسين شاهه 22 مئي 1997ع ۾ لاڏاڻو ڪيو.

زيب عاقلي



اڄ مشهور شاعر، اديب، صحافيءَ ۽ براڊ ڪاسٽر مرحوم زيب عاقليءَ جي پيدائش جو ڏينهن آهي هن ناليواري ليکڪ جو جنم پهرين آڪٽوبر 1920ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ عاقل ۾ ٿيو هن جو اصل نالو عبدالحق ولد مولوي محمد عاقل هو هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ سنڌي فائنل جو امتحان لاڙڪاڻي مان پاس ڪيو مقامي مدرسي ۾ فارسي ٻوليءَ جا سبق به پڙهيو هن 1962ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي اسٽاف آرٽسٽ طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. 1963ع ۾ ساڳيءَ ريڊيو اسٽيشن تي سالياني ڪانٽريڪٽ تي اسڪرپٽ رائٽر مقرر ٿيو هن ريڊيو لاءِ ڪيترائي ڊراما، گيتن ڀريون ڪهاڻيون فيچر ۽ اسڪرپٽ لکيا. 1973ع ۾ ريڊيو پروڊيوسر ۽ 1974ع ۾ سينيئر پروڊيوسر مقرر ٿيو 1980ع ۾ رٽائر ٿيو رٽائر ٿيڻ کان پوءِ هو ريڊيو تي ڪم ڪندڙ ڪمپيئرن ۽ ميزبانن جا تلفظ درست ڪندو رهيو هن جي شاعري روبينه قريشي، زرينه بلوچ ۽ عابده پروين سميت ڪيترن ئي گلوڪارن جي آواز ۾ ريڊيو تي رڪارڊ ٿيل آهي. هن انمول شاعر جا 12 مئي 1991ع تي حيدرآباد ۾ پساهه پورا ٿيا.

سرڪش سنڌي



اڄ سنڌ جي مشهور شاعر ۽ ڪهاڻيڪار سرڪش سنڌيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هيءُ مزاحمتي شاعر پهرين آڪٽوبر 1940ع تي دادو ضلعي جي ڳوٺ پلي پوٽا ۾ ڄائو سندس والد مولوي عبدالله چانڊيو پنهنجي دور جو هڪ وڏو عالم هو سرڪش سنڌيءَ جو اصل نالو عبدالمجيد چانڊيو هو هن بي اي ۽ بي ايڊ جون سندون حاصل ڪيون ۽ عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ پرائمري استاد طور ڪئي اڳتي هلي هاءِ اسڪول ٽيچر بڻيو ۽ 1987ع ۾ رٽائر ٿيو هن 1954ع ڌاري ادبي ڪيتر ۾ پير پاتو پهريائين "مجبور وارهي" جي تخلص سان شاعري ڪيائين پر بعد ۾ "سرڪش" تخلص اختيار ڪيائين ۽ انهيءَ نالي سان ئي مشهوري ماڻيائين هن شاعريءَ سان گڏ ڪجهه ڪهاڻيون پڻ لکيون هن جي شاعري استاد گلزار علي خان، عاشق نظاماڻي ۽ اسلم تتڻي سميت مختلف راڳيندڙن ڳائي آهي هن ڏهن کان وڌيڪ ڪتاب لکيا، جن ۾ سندس آتم ڪٿا ۽ شاعريءَ جا مجموعا شامل آهن هن 5 مارچ 2012ع تي وفات ڪئي.

سندر اڳناڻي



هندستان جي هن بهترين ڪهاڻيڪار، ڊراما نگار ۽ ڪارٽونسٽ جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1936ع ۾ نوشهري فيروز ضلعي جي مشهور شهر پڏيدن ۾ ٿيو ورهاڱي کان پوءِ هندستان جي شهر جئپور ۾ وڃي رهائش اختيار ڪيائين هن بي اي جي سند حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ ڊرائينگ ۽ پينٽنگ جا امتحان به پاس ڪيا. لکڻ سان دلچسپي ننڍي هوندي کان ئي هئس پاڻ ڏهن سالن کان به وڌيڪ عرصو "اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهتيه سڀا" جو صدر رهيو ان کان علاوه راجستان سنڌي اڪيڊميءَ جو چيئرمين ۽ هندستان جي مرڪزي ساهت اڪيڊميءَ جو صلاحڪار پڻ رهيو هن جا 375 کان به وڌيڪ مضمون، ناٽڪ ۽ رچنائون مختلف ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل آهن سندس ڪتابن ۾ "ٽنگا پٿر" (ڪهاڻيون)، "پاڇا" (ناٽڪ)، "پاڻيءَ جا رشتا" (ڪهاڻيون)، "رهنمون" (ڪارٽون)، "ٻيو پاسو" (ڪارٽون)، "اڳني سنسڪار" (ناٽڪ) ۽ "معاف ڪندا" (ڪارٽون) شامل آهن هن 11 اپريل 2023ع تي جئپور ۾ پرلوڪ پڌاريو.

غلام محمد خاصخيلي

غلام محمد خاصخيلي اسٽيج ريڊيو ۽ ٽيليويزن جو مشهور اداڪار هو سندس جنم پهرين آڪٽوبر 1948ع ۾ مٽياريءَ ۾ ٿيو گورنمينٽ هاءِ اسڪول مٽياريءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري ڊرائينگ ٽيچر مقرر ٿيو هن کي ننڍي هوندي کان ئي فن جي دنيا سان دلچسپي رهي ننڍپڻ ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيندڙ ٻارڙن جي پروگرام ٻارڙن جي دنيا ۾ شرڪت ڪندو هو مٽياريءَ ۾ سيد يار محمد شاهه جڏهن "شاهه ڪلچرل ويلفيئر سوسائٽيءَ" جو بنياد وڌو ته غلام محمد خاصخيلي انهيءَ تنظيم ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو هن ڪيترن ئي اسٽيج ڊرامن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. گڏوگڏ ريڊيو جي ڊرامن ۾ به صداڪاري ڪيائين هن ٽيليويزن جي به ڪجهه پروگرامن ۾ شرڪت ڪئي.

سليم پٽو لطيفي

اڄ سنڌ جي نامور محقق ۽ شاهه جي شاعريءَ جي پارکوءَ سليم پٽو لطيفيءَ جي سالگره جو ڏينهن آهي هن پهرين آڪٽوبر 1961ع تي ڳوٺ ٻيلي پٽ تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ضلعي دادوءَ ۾ پنهنجي جيون جي سفر جي ابتدا ڪئي هن مئٽرڪ جو امتحان ميهڙ مان ۽ انٽرميڊيئيٽ جو امتحان خيرپور ناٿن شاهه مان پاس ڪيو. جڏهن ته ايم اي (انگريزي) جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي هن جونيئر اسڪول ٽيچر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا ڪئي ان بعد سنڌ يونيورسٽيءَ جي انگريزي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو اڳتي

مختيار اڻڙ

هلي سي ايس ايس جو امتحان پاس ڪري مختلف انتظامي عهدن تي ڪم ڪندو رهيو آهي هن کي ننڍي هوندي کان ئي شاهه جي شاعريءَ سان عشق جي حد تائين محبت رهي آهي هو شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچيءَ جي پراجيڪٽ "انسائيڪلوپيڊيا آف شاهه عبداللطيف ڀٽائي" جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ميمبر رهيو هن مختلف سنڌي ٽيليويزن چئنلن تي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي زندگيءَ، شاعريءَ ۽ پيغام تي ڪيترن ئي يادگار پروگرامن جي ميزباني ڪئي آهي. خاص طور تي سندس پروگرام "ڀٽائيءَ جا پنڌ ۽ پيچرا" گهڻو مشهور ٿيو هن 1992ع ۾ ماهوار پورب، 1996ع ۾ ماهوار جاکوڙ ۽ 2004ع ۾ ٻارڙن لاءِ رسالو "ماهوار انبلٽ" جاري ڪيو ۽ ڪيترائي



ڪتاب تحرير ڪيا آهن. جن ۾ "شاهه جي شاعريءَ جو جديد فڪر"، "لطيفي لات جا ذات ڏٺي"، "شاهه جي سرن جو سچ"، "لات جا لطيف جي"، "ههڙا سيڻ سڏير"، "قدر ڪيميا ان جو"، "اسان جو شاهه لطيف"، "ڇپيل شاهه جي رسالن جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس"، "شاهه جي شاعريءَ ۾ سنڌ جا هنر"، "شاهه جي شاعريءَ ۾ ڪردارڪار ڏتڙا، پيشا"، "سائو هلن سامهان" ۽ "ڳالهه ڀريان جي ڳجهه جي" شامل آهن ان کان علاوه ڪجهه ڪتاب انگريزيءَ ۾ پڻ لکيا اٿس سندس مضمون ۽ مقالا سنڌ جي ساک وارن رسالن ۾ ڇپجندا رهيا آهن

ساحر راهو



هن نامور شاعر ۽ ليکڪ پهرين آڪٽوبر 1963ع تي ڳوٺ شهمير راهو، تعلقي نيو سعيدآباد ضلعي مٽياريءَ ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول نيوسعيدآباد مان پاس ڪيو جڏهن ته يارهين ۽ ٻارهين ڪلاس جا امتحان سروري اسلاميه ڪاليج هالا مان پاس ڪيائين هن 1988ع ڌاري هڪ شاعر طور ادبي ڪيتر ۾ پير پاتو سندس شاعري سنڌ جي ساک وارن ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ لاڳيتو شايع ٿيندي رهي آهي سنڌيءَ سان گڏ اردوءَ ۾ به شاعري ڪئي اٿس سندس شايع ٿيل شاعريءَ جي مجموعن ۾ "خواب، خوشبوءِ چند"، "سانوري شام"، "تيڻ سجدي ۾"، "وهي پتجهڙ هي آنکون مين"، "دل جي ڳلي" ۽ "سنگيت جي منترا" شامل آهن

يوسف سنڌي



اڄ سنڌ جي مشهور ليکڪ يوسف سنڌيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن ساجاهه وند ساهتڪار جو جنم پهرين آڪٽوبر 1964ع تي سجاول ضلعي جي شهر دڙي ۾ ٿيو سندس پورو نالو محمد يوسف ولد محمد هاشم ميمڻ آهي. هن مئٽرڪ تائين تعليم پنهنجي اباڻي شهر دڙي مان حاصل ڪئي ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج سجاول مان پاس ڪيو. اڳتي هلي بي اي، بي ايڊ ۽ ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) جون سندون حاصل ڪيائين. هن 1979ع ڌاري ادبي ڪيتر ۾ پير پاتو ۽ هڪ ڪهاڻيڪار، ناول نگار، سوانح نگار، سنڌيڪار ۽ پبلشر طور پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪئي. هن مختلف موضوعن تي 25 کان به وڌيڪ ڪتاب لکيا. سنڌي ادبي سنگت لاءِ ڪيل سندس خدمتون نظرانداز نٿيون ڪري سگهجن هو 2008ع کان 2010ع تائين سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي سيڪريٽري پڻ رهيو سندس جنم ڏينهن تي اسين کيس دل جي گهراين سان مبارڪباد چئون ٿا.

قاضي منظر حيات



قاضي منظر حيات سنڌ جو مشهور چترڪار، ليکڪ ۽ شاعر آهي هن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1967ع ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر رتي ديري ۾ ٿيو سندس والد قاضي عبدالحئي قائل به پنهنجي دور جو وڏو اديب، سماج سڌارڪ ۽ تعليمي ماهر هو قاضي منظر حيات ٻارهين ڪلاس تائين تعليم پنهنجي جنم واري شهر مان حاصل ڪئي اڳتي هلي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان سنڌي ادب ۾ ايم اي جي سند ۽ سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪيائين پاڻ سنڌ جي صحت کاتي ۽ مختلف اسپتالن ۾ مختلف اعليٰ عهدن تي رهي ڪم ڪندو رهيو آهي قاضي صاحب 1978ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪئي ڊرائينگ ۽ چترڪاريءَ جو فن پنهنجي وڏن ڀائرن قاضي خضر حيات ۽ قاضي اختر حيات کان سکيو هن ڪيترن ئي ڪتابن جا خوبصورت ٽائيٽل ڊزائين ڪيا آهن ۽ ڪيترن ئي اهم شخصيتن جا خوبصورت پورٽريٽ ناهي مڃتا ماڻي آهي هو سنڌ جي شاعرن، اديبن ۽ اهم شخصيتن جا پورٽريٽ سندن جنم ڏينهن يا ورسيءَ جي ڏينهن تي پنهنجي فيس بڪ صفحي تي رکندو رهيو آهي، جن کي تمام گهڻو ساراهيو ويو آهي هن ڪيترائي ڪتاب پڻ تحرير ڪيا آهن جن ۾ "ناميارا سائنسدان" (ٽي ڀاڱا)، "وقت ۽ امتحان" ۽ "سائنسي جاچ" شامل آهن هن پنهنجي والد جي شخصيت تي ڪتاب "هڪڙو پيارو ماڻهو" پڻ لکيو آهي اسين قاضي منظرحيات کي سندس سالگرهه جي موقعي تي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا.

محمد خان مصلح لاکو

سنڌ جي هن نامور ديني عالم ۽ اديب هو پورو نالو محمد خان ولد غلام حسين لاکو هو ۽ سندس ولادت 1933ع ڌاري دولتپور تعلقي جي ڳوٺ عمر راهوءَ ۾ ٿي هن فارسي، عربي ۽ ديني تعليم مختلف مدرسن مان حاصل ڪئي ۽ سڄي عمر واعظ، تبليغ ۽ دين جي خدمت ڪندي گذاري هو هڪ بهترين مصنف ۽ مترجم پڻ هو ۽ مختلف موضوعن تي ڪتاب لکيائين افسوس جو سندس فقط هڪ ڪتاب "معراج النبي ﷺ" ڇپجي سگهيو هن بزرگ عالم 1 آڪٽوبر 1995ع تي دم ڏئيءَ حوالي ڪيو.

لطيف منو



ٽيليويزن ۽ فلم جي هن مشهور مزاحيه اداڪار جو اصل نالو عبداللطيف آخوند هو سندس گهر وارا ڪوڏائي طور کيس منو سڏيندا هئا. انهيءَ ڪري لطيف منو جي نالي سان مشهور ٿي ويو هن جو جنم 17 نومبر 1954ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو هن مئٽرڪ جو امتحان اين جي وي هاءِ اسڪول ۽ انٽر جو امتحان ايس ايم ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيو 1974ع ۾ هن مسلم ڪمرشل بينڪ ۾ ملازمت اختيار ڪيائين جتان 2001ع ۾ رٽائرمينٽ ورتائين هن کي پاڪستان ٽيليويزن جي پروگرام ڇهچٽي ۾ ڪيل مزاحيه اداڪاريءَ سڄي سنڌ ۾ مشهور بڻائي ڇڏيو هن پاڪستان ٽيليويزن ۽ خانگي سنڌي ٽيليويزن چئنلن جي ڪيترن ئي ڊرامن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. هن جن سنڌي فلمن ۾ اداڪاري ڪئي، تن ۾ اميد، جلال چانڊيو، قرباني، هو جملو ۽ ميران جملي شامل آهن ماڻهن جي منهن تي مرڪون پکيڙيندڙ هن مهان اداڪار پهرين آڪٽوبر 2020ع تي وفات ڪئي.

ايشيائي ترقياتي بئنڪ، ٽيڪس ۽ معاشي چئلينج

ميان عمران احمد

حڪومت هر سال اهو دعويٰ ڪندي آهي ته پاڪستان جو ٽيڪس نظام جديد، آسان ۽ ڊجيٽل بڻجي رهيو آهي نظام کي بهتر ڪرڻ لاءِ اربين رپيا خرچ ڪرڻ جون ڳالهيون ڪيون وڃن ٿيون پر زميني حقيقت اها آهي ته اڄ به هزارين ٽيڪس ڏيندڙ رڳو معمولي ٽيڪنيڪل خرابين سبب پنهنجا ٽيڪس گوشوارا جمع نٿا ڪرائي سگهن. هڪ عجيب مسئلو سامهون آيو آهي. خيبر پختونخوا جي ضلعي ڪرم جي هيڊڪوارٽر پارا چنار جو تعلق انڪم ٽيڪس ريٽرن جي نظام ۾ موجود ناهي. ان ڪري پارا چنار ۾ ملڪيت رکندڙ ماڻهو پنهنجي ريٽرن ۾ اها ملڪيت ظاهر نٿا ڪري سگهن. بظاهر اها هڪ ننڍڙي ٽيڪنيڪل غلطي لڳي ٿي، پر ان جا نتيجا وڏا ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن ريٽرن دير سان جمع ڪرايو وڃي ته ٽيڪس ڏيندڙ تي 25 هزار رپين تائين ڏنڊ به لڳي سگهي ٿو. پر اصل مسئلو رڳو پارا چنار جو ناهي. سڄي ملڪ ۾ ٽيڪس ريٽرن جمع ڪرائڻ دوران مختلف ٽيڪنيڪل خرابيون سامهون اچي رهيون آهن. هن سال نئين ٽيڪس ريٽرن فارم ۾ سوين مسئلن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. ٽيڪس بارز موجب، نئين ريٽرن فارم ۾ هن وقت تائين لڳ ڀڳ 500 سسٽم جون غلطيون ۽ خرابيون سامهون اچي چڪيون آهن. جن سبب ماڻهن کي پنهنجا ريٽرن فائل ڪرڻ ۾ ڏکيائي پيش آئي. انهن مسئلن ۾ ماڻهن جي ملڪيت ۽ اثاثن جي صحيح معلومات سسٽم ۾ ظاهر نه ٿيڻ، اڳ ۾ ڏنل معلومات غائب ٿيڻ، ملڪيتن ۽ بئنڪ اڪائونٽن جون تفصيلون اپڊيٽ نه ٿيڻ ۽ آن لائن پورٽل جو تمام گهڻو سست هلڻ خاص طور تي شامل آهن. حڪومت جو مقصد اهو آهي ته ملڪ ۾ ٽيڪس وصولي وڌائي وڃي ۽ ٽيڪس مان حاصل ٿيندڙ آمدني جو GDP سان تناسب بهتر ٿئي. مالي سال 2025-26ع ۾ ايف بي آر تقريباً 14 هزار ارب رپين کان وڌيڪ ٽيڪس گڏ ڪيو. جڏهن ته هلندڙ مالي سال لاءِ 17 هزار ارب رپين کان وڌيڪ ٽيڪس گڏ ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. اهڙو وڏو هدف حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته وڌيڪ ماڻهن ۽ ڪاروبارن کي ٽيڪس نظام ۾ شامل ڪيو وڃي پر سوال اهو آهي ته جيڪڏهن جيڪي ماڻهو اڳ ئي ٽيڪس فائل ڪري رهيا آهن، اهي ئي سسٽم جي خرابين سبب پريشان آهن، ته پوءِ نوان ماڻهو هن نظام تي اعتماد ڪيئن ڪندا؟ ورلڊ بئنڪ جي Pakistan Raises Revenueمنصوبي تحت ايف بي آر کي شروعاتي طور تي 400 ملين ڊالر ڏنا ويا هئا. انهن مان 80 ملين ڊالر ايف بي آر جي آءِ ٽي سسٽم، سافٽ ويئر ۽ ڊجيٽل نظام کي بهتر ڪرڻ لاءِ رکيا ويا هئا. پوءِ 2025ع ۾ وڌيڪ 70 ملين ڊالر منظور ڪيا ويا، جنهن سان منصوبي جي ڪل رقم وڌي 470 ملين ڊالر ٿي وئي. هن منصوبي جو مقصد ايف بي آر جي آءِ ٽي نظام، ڊيٽا جي تجزيي ۽ ماڻهن کي ٽيڪس قانونن تي عمل ڪرائڻ واري نظام کي بهتر بڻائڻ هو. هاڻي اصل سوال اهو آهي ته ايترا پئسا آخر ڪٿي خرچ ڪيا ويا؟

پاڪستان جي معيشت لاءِ خليجي ملڪ رڳو واپار جا ساٿي ناهن. پر توانائي، ٻاهرين ملڪن مان ايندڙ رقم ۽ سيڙپڪاري جي حوالي سان به تمام گهڻي اهميت رکن ٿا. پر مسئلو اهو آهي ته خليجي ملڪن سان پاڪستان جو واپاري توازن مسلسل پاڪستان جي حق ۾ نه، پر پاڪستان جي خلاف وڃي رهيو آهي هلندڙ مالي سال جي پهرين ٻن مهينن ۾ خليجي ملڪن سان پاڪستان جو واپاري خسارو 3 ارب 45 ڪروڙ ڊالر رهيو، جيڪو گذريل سال جي ساڳئي عرصي جي 3 ارب 36 ڪروڙ ڊالر جي خساري کان 2.61 سيڪڙو وڌيڪ آهي هن سال جولاءِ ۽ آگسٽ دوران پاڪستان جي مجموعي برآمدات تقريباً 5 ارب 46 ڪروڙ ڊالر رهيون، جڏهن ته درآمدات 12 ارب 58 ڪروڙ ڊالر تائين پهچي ويون ان جي نتيجي ۾ پاڪستان جو مجموعي واپاري خسارو تقريباً 7 ارب 12 ڪروڙ ڊالر ٿي ويو گذريل سال جي ساڳئي ٻن مهينن ۾ اهو واپاري خسارو تقريباً 6 ارب 30 ڪروڙ ڊالر هو يعني رڳو ٻن مهينن دوران واپاري خساري ۾ لڳ ڀڳ 1 ارب 90 ڪروڙ ڊالر جو اضافو ٿيو جولاءِ ۽ آگسٽ دوران وچ اوڀر جي ملڪن ڏانهن پاڪستان جون برآمدات 7.4 سيڪڙو وڌي 550 ملين ڊالر ٿي ويون، جڏهن ته گذريل سال ساڳئي عرصي ۾ اهي تقريباً 512 ملين ڊالر هيون جيڪڏهن پاڪستان پنهنجي برآمد ٿيندڙ شين ۾ وڌيڪ قدر ۽ معيار وڌائي خليجي مارڪيٽ لاءِ خاص شيون تيار ڪري، سامان موڪلڻ لاءِ وڌيڪ ۽ سستا شپنگ رستا پيدا ڪري ۽ پاڪستاني ڪمپنين کي انهن مارڪيٽن تائين سڌي رسائي ڏئي ته واپاري خسارو گهٽ ڪرڻ جي گنجائش پيدا ٿي سگهي ٿي

ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي تازي رپورٽ هڪ ڀيرو ٻيهر اهو سوال اٿاريو آهي ته ڇا پاڪستان جي معيشت ايتري تيزيءَ سان ترقي ڪري رهي آهي جو وڌندڙ آبادي، روزگار، مهانگائي ۽ حڪومت جي وڌندڙ خرچن جهڙن مسئلن کي حل ڪري سگهي؟ ايشيائي ترقياتي بئنڪ پنهنجي سيپٽمبر 2026ع واري ايشيئن ڊولپمينٽ آئوٽ لڪ رپورٽ ۾ اندازو لڳايو آهي ته ملي سال 2026-27ع دوران پاڪستان جي معاشي ترقي جي شرح 3.7 سيڪڙو رهندي، جڏهن ته مهانگائي جي شرح تقريباً 8.3 سيڪڙو رهڻ جو اندازو آهي 3.7 سيڪڙو معاشي ترقي بظاهر خراب شرح نه ٿي لڳي، پر پاڪستان جهڙي ملڪ لاءِ اصل سوال اهو آهي ته ان ترقي سان روزگار جا ڪيترا نوان موقعا پيدا ٿيندا ۽ عام ماڻهوءَ جي آمدني ۾ ڪيتري واڌ ٿيندي؟ حڪومت ملي سال 2026-27ع جي بجيٽ ۾ معاشي ترقي جو هدف 4 سيڪڙو رکيو هو جڏهن ته ايشيائي ترقياتي بئنڪ جو اندازو ان کان 0.3 سيڪڙو گهٽ آهي مهانگائي 8.3 سيڪڙو رهڻ جو اندازو به اهڙي وقت ۾ سامهون آيو آهي جڏهن تازن سرڪاري انگن اکرن مان لڳي رهيو آهي ته شين جي قيمتن تي ٻيهر دٻاءُ وڌي رهيو آهي ان کان علاوه خطي جي ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ پاڪستان جي معاشي ترقي جي رفتار ڪافي گهٽ آهي پاڪستان جي معيشت لاءِ هيءُ ملي سال هڪ ڏکيو امتحان ثابت ٿي سگهي ٿو 3.7 سيڪڙو معاشي ترقي ۽ 8.3 سيڪڙو متوقع مهانگائي ايف بي آر جو 15.264 کرب رپين جو ٽيڪس هدف، وفاقي حڪومت جا 18.771 کرب رپين جا خرچ ۽ 8.207 کرب رپين جون وياج جون ادائيگيون، اهي سڀ انگ الڳ الڳ ڏسڻ بدران هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ڏسڻ گهرجن جيڪڏهن حڪومت مقرر ڪيل ٽيڪس هدف جيترو ٽيڪس گڏ نه ڪري سگهي، مهانگائي اندازي کان وڌيڪ وڌي وڃي ۽ عالمي مارڪيٽ ۾ توانائي خاص طور تي تيل جون قيمتون بلند رهن ته حڪومت وٽ خرچ ڪرڻ ۽ معيشت کي سنڀالڻ لاءِ موجود مالي گنجائش وڌيڪ محدود ٿي سگهي ٿي

CLASSIFIED ADVERTISMENT

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج I ٽنڊو آدم
(روبرو جناب خوشي محمد راجپوت)
سڪسيشن سوٽ نمبر سال 2026

مسمات سورت بيواھ دلاور ذات لاشاري رهاڻڪ ڳوٺ وليج عبدالمجيد ڏيرو تعلقو ٽنڊو آدم ضلعو سانگهڙ .. اپليڪينٽ .بخلاف. (1) ميرزادي (بالغ) (2) عابده (ماٺر) (3) محمد بلاول (ماٺر) (4) آصف علي (ماٺر) سب معرفت ماءُ سورت (5) جنرل پبلڪ ...اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن.

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج I ٽنڊو آدم

عام اطلاع

اگهن عرضدار ناٿي ملو ولد محمد ابراهيم ذات خاصخيلي ويٺل ڳوٺ ٻڌو قمبراڻي يو سي ٻڌو قمبراڻي تعلقو ماتلي ضلعو بدين عرض ٿو ڪريان ته منهنجي ڌيءُ ناٿي نرمين ڌيءِ ملو انٽر ڪلاس پاس ڪيو آهي جڏهن ته پرائمري اسڪول ۾ منهنجو نالو محمد ملڻ لکيو ويو آهي جڏهن ته نادرا رڪارڊ ۾ ۽ سروس رڪارڊ ۾ منهنجو نالو ملو آهي تنهنڪري عرض ٿو ڪريان ته منهنجي ڌيءُ جي رڪارڊ ۾ نرمين ڌي ملو لکي درست ڪيو وڃي ته جيئن اڳيان هلي منهنجي ڌيءُ لاءِ مسئلو نه ٿئي آهي

ملو ولد محمد ابراهيم خاصخيلي شناختي ڪارڊ نمبر 4110318594115 ويٺل ڳوٺ ٻڌو قمبراڻي تعلقو ماتلي ضلعو بدين موبائل نمبر 03473222050

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته منهنجي زرعي زمين سروي نمبر 130، 22-23 ايراضي3.00 ايڪڙ واقع ديهه سنهوار ٽپو اي هوسڙي تعلقو حيدرآباد ٻهراڙي جنهن جي اصل رجسٽري آر بي نمبر 444 تاريخ 17-05-2023 مطابق سب رجسٽرار آفيس سٽي II حيدرآباد ڪان رجسٽرڊ آهي ۽ اها اصل رجسٽري گم ٿي وئي آهي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته 07 ستن ڏينهن اندر سب رجسٽرار آفيس سٽي II حيدرآباد واقع شهباز بلڊنگ حيدرآباد وٽ دستاويزي ثبوتن سان پيش ڪري ٻي صورت ۾ دستاويز رجسٽرڊ ڪئي ويندي

اختر مبين سهتو
شناختي ڪارڊ نمبر 4130666351726

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نثار احمد ولد عبدالرزاق آسان کي درخواست ڏني آهي ته هيٺ ذڪر ڪيل فوتين جي سنڌن حصي موجب زرعي زمين سروي نمبر 248، 243 ديهه سڪيور ٽپو اپڻشل هوسڙي ۽ سروي نمبر 03 ديهه پنهوراڻي تعلقه حيدرآباد ۾ آهي جن جا فوتي ڪاتا سنڌن جائز وارثن ۾ ڪري ڏنا وڃن فوتي عبدالرزاق ولد محمد بخش جيڪو مورخه 10.09.1988 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث نثار احمد (پٽ)، مرتضيٰ علي (پٽ)، ذوالفقار علي (پٽ)، مختيار احمد (پٽ)، استخار احمد (پٽ). فوتي استخار احمد ولد عبدالرزاق جيڪو مورخه 30.12.2017 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث محمد آصف (پٽ)، محمد دانش (پٽ)، محمد عارف (پٽ)، محمد دانيال (پٽ)، محمد عبيد (پٽ)، محمد نازش (ڌي)، مسمات رضيه سلطانه (بيواھ).فوتي ذوالفقار علي ولد عبدالرزاق جيڪو مورخه 01.11.2024 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث صابر علي (پٽ)، ناصر علي (پٽ)، ياسر علي (پٽ)، مسمات ناصره (ڌي)، ساجده ڪوثر (ڌي).فوتي مختيار احمد ولد عبدالرزاق جيڪو مورخه 17.01.2022 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث انتظار علي (پٽ)، اسرار احمد (پٽ)، ابرار علي (پٽ)، محمد بلال (پٽ)، محمد راشد (پٽ)، محمد آصف (پٽ)، مسمات شمائل نعيم (ڌي)، مسمات زيب النساء (بيواھ).جن جي نالن تي فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو جائز وارث هجڻ جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڻڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

طلاق نامون

هي طلاق نامو اڄ 30 سيپٽمبر 2026 ع تي شهدادپور ضلعو سانگهڙ ۾ تحرير ۽ نافذ ڪيو ويو.محمد اسماعيل ولد عبدالمجيد، مسلمان رهواسي گهر نمبر 2471، تعلقو شهدادپور، ضلعو سانگهڙ، طرفان.جيئن ته مٿي ڄاڻايل طلاق نامي جو محرر/جاري ڪندڙ مرير اسماعيل ولد عبدالمجيد نه بلڪ محمد اسماعيل ولد عبدالمجيد آهي جنهن مسمات نازيہ ڌيءِ محمد هاشم رهواسي گلشن ابراهيم، تعلقو شهدادپور ضلعو سانگهڙ سان 19-08-2026 ع تي شادي ڪئي هئي مسمات نازيہ اڳ ۾ طلاق يافته عورت هئي ۽ پنهنجي پهرين مڙس مان سندس چار ٻار آهن جيڪي پنهنجي والد جي سار سنڀال هيٺ آهن شادي واري ڏينهن رخصتي پڻ ٿي هئي نڪاح حق مهر مبلغ 25,000 روپيا جي عيوض ليو جيڪو مان سندس طرفان جڏهن ۽ جنهن وقت مطالبو ڪيو ويندو ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهيان۽ جيئن ته شادي کان پوءِ مڙس ۽ زال گڏجي رهڻ شروع ڪيو ۽ شادي۽ ڪان وٺي هن ازدواجي رشتي مان ڪو به اولاد پيدا نه ٿيو ۽ ڪا به بهتري نه آئي. زال جو رويو ۽ ورتاءُ نامناسب ۽ نافرمان رهيو ۽ هوءَ اڪثر مون ۽ منهنجي خاندان جي ڀاتين سان جهيڙو ڪندي رهي منهنجي طرفان ۽ خاندان جي وڏن طرفان بار بار درخواستن، سمجهاڻي ۽ ڪيس پنهنجو رويو درست ڪرڻ ۽ ازدواجي تعلقات خوشگوار رکڻ جي موقعا ڏيڻ باوجود، هن پنهنجي رويي ۾ ڪا به بهتري نه آندي ۽ پنهنجو اڳوڻو رويو جاري رکيو. جنهن سبب منهنجي لاءِ ازدواجي تعلق جاري رکڻ ناممڪن ٿي ويو منهنجي زال بنا ڪنهن مناسب سبب جي ۽ منهنجي اجازت کان سواءِ پنهنجي مرضيءَ سان منهنجو گهر ڇڏي هلي وئي گهر ڇڏڻ وقت هوءَ حامل به نه هئي مون ۽ منهنجي والدين اختلافن ۽ تڪرارن کي ختم ڪرڻ ۽ معاملو حل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ۽ ڪيترائي ڀيرا کيس واپس گهر اچڻ لاءِ چيو پر هن صاف انڪار ڪيو ۽ اختلاف ختم ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿي اهڙيءَ طرح هن پنهنجي عملن ذريعي پاڻ کي نافرمان ۽ ضدي زال ثابت ڪيو.انهن حالتن سبب مان انتهائي مايوس ۽ دل شڪستو ٿي چڪو آهيان. چاڪاڻ ته اسان جا اختلاف اهڙي مرحلي تي پهچي چڪا آهن جتان واپسيءَ جي ڪا صورت نظر نٿي اچي تنهن ڪري مون وٽ منهنجي زال مسمات نازيہ ڌيءِ محمد هاشم کي هيٺ ڏنل شرطن مطابق طلاق ڏيڻ کانسواءِ ڪو ٻيو رستو باقي نه رهيو آهي يعني؛ مان، محمد اسماعيل ولد عبدالمجيد، هتي پنهنجي زال مسمات نازيہ ڌيءِ محمد هاشم کي طلاق ڏيان ٿو1. مان محمد اسماعيل ولد عبدالمجيد، هتي پنهنجي زال مسمات نازيہ ڌيءِ محمد هاشم کي طلاق ڏيان ٿو2. مان محمد اسماعيل ولد عبدالمجيد، هتي پنهنجي زال مسمات نازيہ ڌيءِ محمد هاشم کي طلاق ڏيان ٿو3. مان محمد اسماعيل ولد عبدالمجيد، هتي پنهنجي زال مسمات نازيہ ڌيءِ محمد هاشم کي طلاق ڏيان ٿو

لاتعلقي جو اظهار

اگهون ناٿي حسين بخش ولد محمد مهنجو پٽ ناٿي معشوق علي ولد حسين بخش جيڪو غلط ماڻهن جي صحبت ۾ رهي نشي جو عادي ٿي ويو آهي جنهن ڪري اگهون ۽ منهنجي فيملي جا ٻيا ماڻهو هن سان لاتعلقي جو اظهار ڪندي ڪنهن به شخص يا ادارن هن سان ڪابه ڏيتي ليتي ڪئي يا ڪو فساد ڪيو اهڻ جو هو پاڻ ذميوار هوندو هن جو مونسان ۽ منهنجي پٽن سان ڪوبه واسطو ناهي هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي

حسين بخش ولد محمد ذات ماڇي ايڊريس وارڊ نمبر 7 ٽنڊو غلام علي تعلقو ماتلي ضلعو بدين شناختي ڪارڊ نمبر 4110359961501

عام اطلاع

اگهون ناٿي گل محمد ولد لڪاڏنو ذات خاصخيلي هن اشتهار جي ذريعي هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڏيان ته منهنجي زال مرحوم نور خاتون زال گل محمد خاصخيلي تاريخ 10-04-2021 تي فوت ٿي وئي آهي جڏهن ته هن اشتهار جي شايع ٿيڻ جي ستن ڏينهن ۾ اگر ڪنهن کي ڪو به اعتراض هجي ته يو سي آفيس عبيدالله پرڳڙي جي آفيس ۾ پنهنجو اعتراض داخل ڪرائي سگهي ٿو مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه هوندو

گل محمد ولد لڪاڏنو ذات خاصخيلي ديهه 209 ڳوٺ عبيدالله خان يو سي عبيدالله خان پرڳڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص

عام اطلاع

جيئن ته منهنجي ڏاڏي ناٿي والي زال مولو تاريخ 01-05-2026 فوت ٿي وئي آهي جنهن جو ڊيٿ سرٽيفڪيٽ گهرجي جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪو به اعتراض هجي ته هن اشتهار جي شايع ٿيڻ جي ستن ڏينهن ۾ اگر ڪنهن کي ڪو به اعتراض هجي ته يو سي آفيس رئيس خير محمد پرڳڙي جي آفيس ۾ پنهنجو اعتراض داخل ڪرائي سگهي ٿو مدو گذرڻ بعد ڪوبه اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه هوندو

ريوا چند ديهه 286 ڳوٺ وحيد فارم يوسي فارم رئيس خير محمد پرڳڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار ناٿي مولچند ولد شنڪر ويٺل حاجي سائوڻ خان حاجاڻو تعلقو مٽياري آسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس ولد ناٿي شنڪر ولد ٻاروڪو جيڪو تاريخ 01-03-2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي ڪاتي تي زرعي زمين ديهه سومرا ٽپو ٿي شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهن جو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) مولچند (پٽ) (2) چيتن (پٽ) (3) نارو (پٽ) (4) ٻدمان (بيواھ) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي غير مسلم هو سندس ولد ۽ ولده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهڻ ناٿي (1) لونو پيل ولد صوبدار (2) لونو مل ولد ٻنجو پيل جن ڳوٺ سائوڻ خان حاجاڻو مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي تنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدو گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه هوندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتي جي مٿين جائز وارثن جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 362 سال 2026

مسمات عائشہ صديقہ .. پلينٽف .بخلاف. غلام مصطفيٰ ولد محمد يوسف ذات پٽي رهاڻڪ محلہ بشير آباد ٽنڊو الهيار سيڪنڊ ايڊريس ماڊل ٽائون هائوسنگ سوسائٽي نزد زيل پاڪ حيدرآباد 03003006926 شناختي ڪارڊ نمبر 4130744628187...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن.

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس رڪوري آف ڊور اماؤنٽ اينڊ ڊوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 337 سال 2026

مسمات بشيران .. پلينٽف .بخلاف. علي اڪبر ملاح ولد هارون ملاح رهاڻڪ نيو نمبر 382 پراڻو نمبر L/22 بلاڪ R ليبر هائوسز ليبر ڪالوني ڪراچي 03432242649 ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن.

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 07-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاھ
سول سوٽ نمبر 111 سال 2026

مسمات زينب ڌيءِ محمد صديق ذات سولنگي رهاڻڪ جانوري محلہ سيتا روڊ تعلقو ڪي اين شاھ .. پلينٽف.بخلاف. امتياز علي ولد الهه رکيو ذات سولنگي ويٺل گهر نمبر A-24/9 مهراڻ سوسائٽي ويجهو سيشن ڪورٽ ڄامشورو ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن.

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري آف پاسٽ اينڊ فيوچر مينٽيننس پلينٽف اينڊ مائنر لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاھ

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاھ
سول سوٽ نمبر 107 سال 2026

مسمات دعا بتول ڌيءِ علي احمد ذات سولنگي ويٺل جانوري محلا سيتا روڊ تعلقو ڪي اين شاھ .. پلينٽف.بخلاف. الطاف علي ولد الهه رکيو ذات سولنگي ويٺل گهر نمبر A-24/9 مهراڻ سوسائٽي ويجهو سيشن ڪورٽ ڄامشورو ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن.

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري آف پاسٽ اينڊ فيوچر مينٽيننس پلينٽف اينڊ مائنر لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاھ

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاھ
گارڊين سوٽ نمبر 26 سال 2026

مسمات جنت خاتون زال محمد اعظم لغاري ويٺل ڳوٺ چنڊڻ تعلقو ڪي اين شاھ اپليڪينٽ.بخلاف.زاهد علي ولد مرحوم محمد اعظم لغاري ويٺل چنڊڻ تعلقو ڪي اين شاھ ضلعو دادو ...اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن.

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 01-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاھ

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 366 سال 2026

مسمات شاهدان ڌيءِ ذوالفقار علي ڪنير رهاڻڪ ڳوٺ ڪبير ڪنير چنيسر تعلقو نوابشاھ .. پلينٽف.بخلاف. شاھ نواز ولد تاج محمد ڪنير رهاڻڪ ڏامره روڊ نزد ريلوي لائن نوابشاھ ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن.

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف Suit for Jactitation of Marriage لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 02-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 231 سال 2026

(1) مسمات شهزادي ڌي محمد اشرف جانديو (2) صابر علي جانديو ولد محمد انور جانديو رهاڻڪ نزد ايگريڪلچر آفيس سانگهڙ روڊ نوابشاھ .. پلينٽف.بخلاف. گلشير جانديو ولد محمد بخش جانديو رهاڻڪ ڳوٺ نواب ولي محمد ضلعو شهيد بينظير آباد ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن.

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف Suit for Jactitation of Marriage لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 01-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج 5th حيدرآباد
(روبرو جناب عبدالغفار آرائين)
ايف سي سوٽ نمبر 1192 سال 2026

مسمات نسرين بيواھ محمد عالم رهاڻڪ گهر نمبر C-14 ميمڻ نزد برڪت نگر قاسم آباد .. پلينٽف.بخلاف. (1) مختيارڪار روينيو قاسم آباد (2) ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر حيدرآباد (3) ايس ايس پي حيدرآباد (4) مسمات فرزانہ بيگم ڌيءِ غلام اڪبر (5) منصور ولد محمد عالم (6)مسمات ثمر ڌيءِ عالم (7) محمد يعقوب ولد محمد عالم (ماٺر) معرفت مسمات فرزانہ (8) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن.

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن آف ليگل هيئرز سرٽفڪيٽ اينڊ پرمننٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 03-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج 5th حيدرآباد

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج حيدرآباد
گارڊين سوٽ نمبر 328 سال 2026

عابد علي ولد سلطان رهاڻڪ ڳوٺ الله بچايو سولنگي ٽنڊو ڄام راهوڪي ضلعو حيدرآباد حال رهاڻڪ گهر نمبر 119 بلاڪ سي يونٽ نمبر 6 لطيف آباد حيدرآباد .. اپليڪينٽ.بخلاف. مسمات عليشا سولنگي عرف امامزادي ڌيءِ جمن ذات سولنگي رهاڻڪ ڳوٺ مصري ماڇي مٽياري ...اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن.

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،10،25 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 10-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج حيدرآباد

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II دڙو
گارڊين سوٽ نمبر 33 سال 2026

مسمات ريشمان بيواھ مشتاق علي رهاڻڪ ڳوٺ عمر ڳاهوٽي 71 نصرت پي آر دڙو تعلقو دڙو .. اپليڪينٽ.بخلاف. صاحب بيواھ الله ڏنو رهاڻڪ ڳوٺ عمر ڳاهوٽي 71 نصرت پي آر دڙو تعلقو دڙو ...اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن.

جيئن ته مٿين اپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 7،10،25،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 02-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II دڙو

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ ناٿي وقار احمد ولد عبداللطيف ابڙو درخواست ڏني آهي ته سندس خود جي ڪاتي حصو 0.50 پيسا ناٿي برڪت علي ابڙو حصو 0.50 پيسا ٻنهي جي بلاڪ نمبر / سروي نمبر 167/1 (00-8) ۽ 196/2 (00-04) ڪل ايراضي (00-12) ايڪڙ مشترڪ ديهه فتح پور ٽپو چاڪري تعلقو شهيد فاضل راهو ۾ ڪاتي تي آهي جنهن جو رڪارڊ 27-12-2007 تي محترم بينظير ڀٽو جي شهادت جي واقعي ۾ مذڪوره ديهه جو رڪارڊ پڻ سڙي ويو آهي جيڪو بيهر بحال ڪري ڏنو وڃي آهي سلسلي ۾ جناب سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو سنڌ حيدرآباد جن جي نوٽيفڪيشن نمبر 08/Misc/2008/Rev-1 2014/12 تاريخ 21-01-2014 موجب حڪم ڪرڻ فرمايو آهي ته ٿوس ثبوتن جي بنياد تي بيهر رڪارڊ جي تصديق ڪئي وڃي حڪم موجب سر زمين تي جلسه عام ڪرڻ ڪانپو مٿيان وارث / حقدار/ ڪاتيدار ظاهر ٿيا آهن هن اشتهار جي ذريعي سيني دلچسپي رکندڙن کي آگاهه ٿو ڪجي ته ڪنهن کي ڪو به اعتراض هجي ته ستن ڏينهن اندر جناب اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جن جي آفيس ۾ پيش ڪن ٻي صورت ۾ ڄاڻايل ڪاتيدارن جي نالي ڪاتو بحال ڪيو ويندو ۽ ڪنهن به ٽر جو ڪو به اعتراض ٻڌو نه ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو شهيد فاضل راهو

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ ناٿي محمد عمران ولد عبدالجبار درخواست ڏني آهي ته سندس ولد صاحب مرحوم ناٿي عبدالجبار محمد رفيق آرائين کي بلاڪ / سروي نمبر 219/2،3 (00-8) ۽ 219/4 مان (00-2) ايڪڙ جملي ايراضي (00-10) ايڪڙ ناٿي مرحوم ناٿي غلام رسول ولد فقير محمد کي بلاڪ / سروي نمبر 219/1 (00-04) ايڪڙ ۽ 219/4 مان (00-02) ايڪڙ جملي ايراضي (00-06) ايڪڙ ڪل ايراضي (00-16) ايڪڙ ديهه ڪيڙيون تعلقو شهيد فاضل راهو ۾ ڪاتي تي آهي جنهن جو رڪارڊ 27-12-2007 تي محترم بينظير ڀٽو جي شهادت جي واقعي ۾ مذڪوره ديهه جو رڪارڊ پڻ سڙي ويو آهي جيڪو بيهر بحال ڪري ڏنو وڃي آهي سلسلي ۾ جناب سينئر ميمبر بورڊ آف روينيو سنڌ حيدرآباد جن جي نوٽيفڪيشن نمبر 08/Misc/2008/Rev-1 2014/12 تاريخ 21-01-2014 موجب حڪم ڪرڻ فرمايو آهي ته ٿوس ثبوتن جي بنياد تي بيهر رڪارڊ جي تصديق ڪئي وڃي حڪم موجب سر زمين تي جلسه عام ڪرڻ ڪانپو مٿيان وارث / حقدار/ ڪاتيدار ظاهر ٿيا آهن هن اشتهار جي ذريعي سيني دلچسپي رکندڙن کي آگاهه ٿو ڪجي ته ڪنهن کي ڪو به اعتراض هجي ته ستن ڏينهن اندر جناب اسسٽنٽ ڪمشنر صاحب جن جي آفيس ۾ پيش ڪن ٻي صورت ۾ ڄاڻايل ڪاتيدارن جي نالي ڪاتو بحال ڪيو ويندو ۽ ڪنهن به ٽر جو ڪو به اعتراض ٻڌو نه ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو شهيد فاضل راهو

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول/ فيملي جج ڪنري
(روبرو جناب جي سورج)
فيملي ايگزيڪيوشن نمبر 09 سال 2026

مسمات Aisha Amin ڌيءِ محمد امين ذات آرائين رهاڻڪ گهر نمبر22 پٽائي ڪالوني ڪنري .. پلينٽف.بخلاف. محمد عمير ولد عبدالڪريم رهاڻڪ وارڊ نمبر 03 محمد شاھ روڊ ڏگهڙي...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن.

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست داخل ڪئي آهي ججمينٽ اينڊ ڊڪري تاريخ 08-08-2026 خلاف تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 03-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول/ فيملي جج ڪنري

[redacted]

چانديو جي ٻٽن ڪوڏر عرف آچر منظور ۽ عبدالشڪور سميت ڪجهه نامعلوم ماڻهن سنڌن غير موجودگيءَ دوران گهر ۾ زبردستي داخل ٿي عورتن ۽ ٻارن کي حراسان ڪيو موٽسار ڌمڪيون ڏنيون ۽ گهر اندر موجود سامان کي نقصان پهچايو آهي هنن ٻڌايو ته واقعي دوران گهر ۾ صرف عورتون ۽ معصوم ٻار موجود هئا جيڪي سخت خوف ۾ مبتلا ٿي ويا. متاثر ڀائرن جو چوڻ آهي ته جوابدارن کي گهٽيءَ ۾ اچ وڃ ۽ مبينا ڌمڪين بابت اڳ به برادري جي معزز ماڻهن ۽ سنڌن عزيزن کي شڪايتون ڪيون ويون، پر ڪو به اثرائتو حل نه نڪتو هنن الزام هنيو ته جوابدار مسلسل ڪين ۽ سنڌن گهر ڀاتين کي حراسان ڪري رهيا آهن ۔ هنن وڌيڪ چيو ته تازو جوابدار ڀائرن جي ٻاڻ رچ ۾ ٿيل جهيڙي کي غلط رنگ ڏئي اسان خلاف هالا ٿاڻي تي ڪوڙي اين سي

[redacted] ڪراچي [redacted]

جڏهن ته ٻٽي ڌر جو عطاءُ الله اريجو ،حاڪم علي اريجو زخمي ٿي پيا اطلاع تي حد جي ٻهارو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ۽ زخمين کي گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو پوليس موجب مقتول عجيب ڌاريجو ۽ عطاءُ ڌاريجو جو پٽسن جي ڏيتي ليتي تان پاڻ ۾ جهيڙو ٿيو آهي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي

[redacted]

سبب موٽر سائيڪل سوار هڪ نوجوان سهيل احمد چنو ٿلڏي تي فوت جڏهن ته ٻيو اسحاق چنو زخمي شديد زخمي ٿي پيو فوت ٿيل ۽ زخمي نوجوان جو تعلق رسول آباد لڳ ڳوٺ سمون چنا سان ٻڌايو پيو وڃي اطلاع تي حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ۽ زخمي کي هنگورجا رورل هيلٿ سينٽر منتقل ڪيو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ۽ زخمي نوجوان هنگورجا کان گمبٽ گمس اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته علائقي واسين جو چوڻ آهي ته روڊس ڪمپني جي ناقص ڪارڪردگي سبب ۽ روڊ جو ڪم سستي سان هلڻ سبب ۽ روڊ جو هڪ طرف جو ڪم انتهائي سست رفتاري سان جاري هجڻ ڪري ٻئي طرف ٽريفڪ هڪ ئي پاسي کان هلڻ سبب حادثن جو خطرو وڌي ويو آهي رسول آباد ۽ پرياسي جي رهواسين جو چوڻ آهي ته روڊ جي تعمير دوران ٽريفڪ جي مناسب انتظام حفاظتي اپائن ۽ واضح نشاندهي تي خاص ڌيان ڏيڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته روزانو مسافرن ۽ موٽرسائيڪل سوارن کي سخت خطرا درپيش آهن هنن چيو ته وڌيڪ انساني جانيون ضايع ٿيڻ کان اڳ ذميوار ادارا ڪڏهن جاڳندا نيشنل هاءِ وي اٿارٽي ۽ لاڳاپيل انتظاميا کان مطالبو آهي ته روڊ جي تعمير جو ڪم تيز سان ڪيو وڃي، ٽريفڪ لاءِ محفوظ متبادل انتظام ڪيا وڃن، رات جي وقت مناسب روشني ۽ سائن بورڊ لڳايا وڃن ۽ حادثن کي روڪڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن روڊ عوام جي سهولت لاءِ ٺهندا آهن پر جيڪڏهن تعمير دوران حفاظتي انتظام نه هجن ته ساڳيا روڊ انساني جانين لاءِ خطرو بڻجي سگهن ٿا

[redacted]

منتقل ڪيو ويو مقتول جي سڃاڻپ 28 سالن جي محمد علي حسنين پٽ علمدار حسين طور ڪئي وئي سڄل ٿاڻي جي ايس ايچ او اعجاز پٺاڻ ميڊيا کي ٻڌايو ته پاڙيسرين موجب نوجوان ست مهينا اڳ ئي ان اپارٽمنٽ ۾ رهڻ لاءِ آيو هو ۽ هو ان اپارٽمنٽ ۾ پنهنجي پوڙهي ۽ معذور پيءُ سان گڏ رهندو هو پيءُ کي واقعي جي ڪا به خبر نه پئي ۽ هن کو به شور يا آواز نه ٻڌو هو ايس ايچ او ٻڌايو ته پوليس کي واقعي جي اطلاع گهر ۾ ڪم ڪندڙ هڪ مقتول جي پيءُ جي سار سنڀال ڪندڙ ملازم ڏنو هو ابتدائي معلومات موجب مقتول آن لائن ڪم ڪندو هو پوليس اپارٽمنٽ مان سندس موبائيل فون ليپ ٽاپ ۽ ٻيو سامان پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي

[redacted]

چاهين ٿا جن گذريل ڏينهن اسان جي ٻن عورتن کي گوليون ۽ ڪهاڙيون هڻي سخت زخمي ڪري ڇڏيو جن مان هڪ عورت اڃان تائين اسپتال ۾ نازڪ حالت ۾ علاج هيٺ آهي هنن چيو ته اسان زرعي زمين خالي ڪرڻ لاءِ چيو جنهن تان بااثرن پهرين به اسان تي حملو ڪيو جنهن بعد اسان بکيراشريف ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي پر پوليس مٿن ڪا به ڪارروائي نه ڪئي ۽ بااثرن مجرمي اسان جي عورتن تي حملو ڪري ڪين زخمي ڪيو هنن وڌيڪ چيو ته اسان غريب ماڻهون آهيون اسان وٽ زمين جا سمورا ڪاغذ موجود آهن ايترو وڏو واقعو ٿيو پر پوليس اڃان تائين جوابدار گرفتار ناهن ڪيا ۽ اسان جي ايف آئي آر به داخل نٿي ڪئي وڃي مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون هنن آئي جي سنڌ . ڊي آئي جي حيدرآباد . ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته اسان جي عورتن تي حملو ڪندڙ جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري جوابدار گرفتار ڪيا وڃن ۽ اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

[redacted]

نوٽيس وٺڻ ضروري آهي هنن چيو ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب آهي صحافي جي ڀاءُ مٿان حملو ڪريل حرڪت آهي جنهن ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪين عبرتناڪ سزا ڏني صحافي ۽ سنڌس خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي صحافي اڳواڻن ايس ايس پي دادو کان گهر ڪئي ته

معاملي جو نوٽيس وٺي جوابدار گرفتار ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ سڄي ملڪ ۾ احتجاج جو سڏ ڏنو ويندو

[redacted]

اٿارٽي خاموش آهي جنهن سبب ڪڪڙ شهر ۾ ڪيميڪل کير جو وڪرو ڪيترن سالن کان هلي رهيو آهي ۾ افسوس فوڊ اٿارٽي جي ڪن تي جوءِ به ڪانه ٿي چري هنن ٻڌايو ته ڪيميڪل کير آس پاس جي مختلف ڳوٺن ۾ تيار ڪيو ويندو آهي جيڪو ڪڪڙ شهر جي هوٽلن ۽ دڪانن تي وڪرو ڪيو وڃي ٿو جنهن سبب ماڻهن کي هوٽلن تي ڪيميڪل کير جي چانهه ۽ دڪانن تان ڪيميڪل کير ملي ٿو احتجاج ڪندڙن وڌيڪ ٻڌايو ته شهر ۾ ملاوٽي ۽ مدي خارج شيون وڪرو ٿي رهيو آهن جنهن ۾ جوس، بوتلون، آئل، گهه مرچ، مصالا، ڏاليون، بسڪيٽ ۽ ٻيو سامان شامل آهي فوڊ اٿارٽي جي نااهلي جي ڪري ماڻهون مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا جنهن ۾ بڪيون، جگر، مادي جي تڪليف ۽ ٻيون بيماريون شامل آهن احتجاج ڪندڙن ڊي سي دادو، فوڊ اٿارٽي دادو اسسٽنٽ ڪمشنر ڪي اين شاھ کان مطالبو ڪيو آهي ته شهر ۾ ڪيميڪل کير ملاوٽي ۽ مدي خارج شيون وڪرو ڪندڙ خلاف سخت قدم کنيو وڃي

[redacted]

بااثر ڪاروڙجي پيا آهن هنن پنهنجي عورتن کي ساڻ ڪري اڄ اسان جي گهرن تي حملو ڪيو اسان کي ڪارگند ڪندي ڌمڪيون ڏنيون ته فوري طور گهر خالي ڪري هتان هليا وڃو ٻي صورت ۾ اوهان کي زنده نه ڇڏينداسين بيوه عورت زليخا ٿيبو ۽ سندس يتيم نياڻي انسر ٿيبو آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ، ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته اسان کي پنهنجي گهر مان بي دخل ڪرڻ کان بچايو وڃي، جاني ۽ مالي نقصان رسائڻ جون ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري مڪمل تحفظ فراهم ڪيو وڃي

[redacted]

آهن ۽ مٿن ڪيترائي ڪيس به داخل آهن ۾ پوليس ڪين گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي، جڏهن ته اسان ته اهڙي دانهن لاڳاپيل ٿاڻي لوڪي ڪوٽ تي ڏني آهي ۾ جوابدار بااثر هجڻ ڪري پوليس سندن خلاف ڪابه ڪارروائي نٿي ڪري، هنن مطالبو ڪيو ته ڄاڻايل جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان جي زرعي زمين قبضي ٿيڻ کان بچائي وڃي ۽ تحفظ ڏيارو وڃي

[redacted]

هندو برادري جي سوين عورتن مردن شرڪت ڪئي،ميلي جي ٻي ڏهاڙي تي سنت جا هزارين عقيدتمند عورتون ٽوڙي مرد ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان پهچڻ سبب ڪالهه سڄو ڏينهن ماڻهن جي پيهه لڳل رهي،جنهن سبب آشرم اندر اچڻ لاءِ عورتن ۽ مردن لاءِ الڳ الڳ رستا ٺاهيا ويا هئا.جڏهن ته شهر جي هندو برادري پاران عورتن کي گهرن کان ميلي ٽوڙي ميلي کان گهرن تائين پهچائڻ لاءِ گاڏين جي فري سروس پڻ شروع ڪئي وئي آهي،ڪالهه ميلي ۾ ٿر جي چونڊيل نمائندن جن ۾ پ پ پ ايم اين اي ڊاڪٽر رميش ڪمار وانڪواڻي،پ پ پ جي اڳواڻ سشيل ملاڻي ايم پي اي راڻا همير سنگهه سميت ٻين آفيسرن ۽ ڪامورن شرڪت ڪئي.جڏهن ته ڪالهه ٻي ڏينهن تي به سنت جي نالي وارن فنڪارن ۽ ڀڳتن جن ۾ مراد فقير،پڻو ناچڻ،رميش راهي ڀڳت راڻو، ڀڳت ارجن ۽ ٻين ڀڳتن ڀڄن ۽ صوفياڻا ڪلام ڳائي سنت نيڻورام کي شردا جا ڦول ارپڻ ڪيا.جڏهن ته ڪالهه ٻي ڏينهن به شهر مڪمل بند رهيو۽ ملاکڙو ۾ جاري رهيو جنهن ۾ سنڌ جي پهرين جوڙ جي ملهه پهلوانن زور آزمائي ڪري خوف ڏاد حاصل ڪيا،ميلو اڄ به جاري رهندو،ميلي ۾ ٻٽي ڏائيم لنگر ڪرايو پيو وڃي

[redacted]

ٿيڻ سبب سنڌس گهرڀاتين ۾ ڪهرام مچي ويو آهي، وارث سخت پريشاني ۾ مبتلا هجڻ ڪري پهرين سوشل ميڊيا تي پيغام وائرل ڪيو ۽ لاڳاپيل ٿاڻي تي به رپورٽ داخل ڪرائي.جڏهن ته ان حوالي سان گم ٿيل اسرار احمد جي ڀائٽي رابطو ڪرڻ تي تصديق ڪئي ۽ ٻڌايو ته ڪجهه عرصو اڳ سندس چاچو ڀر حادثو ٿيو هو جنهن کي مٿي ۾ ڏڪ لڳل آهي هنن حيدرآباد پوليس ۽ عام شهرين کي اپيل ڪئي آهي ته اسرار احمد عمراڻي جي ڳولا ۾ سندن مدد ڪئي وڃي ته جيئن هو پنهنجي پريشان وارثن تائين واپس پهچي سگهي

[redacted]

صفائي نه آهي ، پاڻي نه آهي جو پلا ڪربلا ڪربلا جا نعرا هنيا، پيادل مارچ ۾ شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي برڙو پي ٽي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب ڪوسو ، قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ وڪيل مير ڪوسو ،ايس يو پي تعلقي صدر حبيب حضوري ، سني ايڪشن ڪاميٽي اڳواڻ سائين منظور چانڊيو ، ڪرياڻه مرچنٽ جو صدر محبوب علي ڪوسو ، ميونسپل ڪاميٽي ميهڙ جي چونڊيل ڪائونسلرن محمد اسماعيل بروهي ، خوش محمد جانوري ، ڪائونسلر عبدالفتاح شاھ ، عالمگير ٿهيم ، محمد عرس ڪوسو ، عبدالسميع شيخ ، فيروز ناريجو ، رياض جهيبال ، نظير سهاڳ، بنده علي ڪوهاري ڪامران شاھ ، ديدار دريائي ، محمد حسن پنهور ، زبير سمون ،نبيل پنهور ، محمد هاشم برڙو ، گل ڏيري جاويد منگي ، ريحان بگهيو ۽ سوين شهرين دڪاندارن واپارين وڏي تعداد ۾ مختلف ڪالونين جي رهواسين شرڪت ڪئي مظاهري جي اڳواڻي ڪندڙن ٽڪ جي نمائندن ، ڊي سي دادو ، اي سي ميهڙ ، سي ايم او ميهڙ تي چٽي تنقيد ڪندي چيو ته ميهڙ واسي پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم آهن شهري گندو پاڻي پيئڻ لاءِ مجبور بڻيل آهن واٽرسپلائي ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن واٽرسپلائي جون لائنون هنڌان هنڌان ٽٽل آهن شهر جون ڪالونيون گهٽيون محلا گندگي سان ڀريل آهن روڊ رستا تباه آهن ، شهر ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو آهن تعلقي اسپتال ۾ ماڻهن کي ڪو رليف نه ٿو ملي ، امن امان جي صورتحال به انتهائي خراب بڻجي وئي آهي

[redacted]

عمل ۾ شامل ٿيڻ جو آخري موقعو فراهم ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو آهي

[redacted]

جا خاص مهمان جناب نسيم اختر عباسي، چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر لڪي پيٽروليم هئا، جن رين ڪاٽي فلنگ اسٽيشن جو باضابطہ افتتاح ڪيو .

[redacted]

ٿي پيا آهن حادثي ۾ غلام نبي ڪلهوڙو جي گهرواري موقعي تي دم ڏنو جڏهن ته ڏٽي بخش علي حسن ۽ علي اڪبر ڪلهوڙو جون گهرواريون زخمي ٿي پيون آهن جنهن سبب شادي۽ جون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون آهن هوڏانهن فوتي عورت جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو جيڪي نوشهروفيروز کان ڳوٺ نوح ڪلهوڙو وڃي رهي هئي ته روهڙي ڪئنال وٽ حادثي جو شڪار ٿي آهي

[redacted]

ڪارڪنن ۽ قوم پرست اڳواڻن احتجاجي ڪئمپ ۾ شرڪت ڪئي ۽ نوجوان جي فوري بازيابي جو مطالبو ڪيو احتجاجي ڪئمپ جي اڳواڻي جسقم آريسر ضلعي خيرپور جي صدر واجد خاصخيلي ڪري رهيو آهي، جڏهن ته تنظيم جو نائب صدر نذير ڪوڪي عامر انصاري جي ڀيڻ ارم انصاري ۽ سندس ماسي پڻ پنهنجي پياري جي بازيابي لاءِ ڪئمپ ۾ موجود آهن ان کان علاوه صدن JSQM آريسر سکر آرگنائيزر خامسو سومرو JSQM آريسر جا ضلعي ۽ صوبائي اڳواڻ ۽ سکر ۽ خيرپور جي مختلف سياسي ۽ سماجي حلقن جا ماڻهو پڻ ڪئمپ جو دورو ڪري رهيا آهن ڪئمپ ۾ شرڪت ڪندڙن عامر انصاري جي مبينا گمشدگي تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته جنهن وقت نوجوان کي ڪاٽون شپ سيڪٽر 3 مان ظلم طور تي گم ڪيو ويو هو.

[redacted]

جي ايم اين اي سيد ڊاڪٽر سيد نفيسہ شاھ جيلاني جي خاص هدايتن تي سنڌس ڪيمپ زاهد حسين ملاح پاران تعلقي ڪوٽڏيجي جي مختلف يوسيز جي مختلف ڳوٺن ۾ سوين مڇر داڻيون ورهايون ويون ان موقعي تي منصور پنهور محمود جسڪاڻي سبحان رند ۽ ٻيا پ پ ورڪرڪ هئا ان موقعي تي زاهد حسين ملاح چيو ته برساتن کان پوءِ مڇرن ۽ مليريا جو خطرو وڌي ويو آهي ان ڪري ايم اين اي ڊاڪٽر سيد نفيسہ شاھ جيلاني غريب عوام جي صحت جي حفاظت لاءِ هي قدم کنيو آهي پيپلزپارٽي سدائين عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي ڳوٺاڻن

ڊاڪٽر سيد نفيسہ شاھ جيلاني ۽ سنڌس ٽيم جا ٿورا مڃيندي چيو ته هر ڏکي وقت ۾ اسان جي ليڊر اسان سان گڏ بيٺي آهي .

[redacted]

گهوٽي ڪينال تي پهچي ويا ۽ مختلف هنڌن تي شهزاد جي ڳولا ڪندا رهيا واقعي کي ڪيترائي ڪلاڪ گذرڻ باوجود معصوم شهزاد جو ڪو پتو نه پئجي سگهيو ڪينال ۾ پاڻيءَ جو تيز وهڪرو گهراين ۽ خراب صورتحال سبب مقامي ماڻهن لاءِ سرچ آپريشن ۾ سخت ڏکيائيون پيش آيون واقعي جي اطلاع ملڻ بعد اسسٽنٽ ڪمشنر ڪولاڇي عاطف شفيق پڻ واقعي واري هنڌ پهچي صورتحال جو جائزو ورتو ۽ سرچ آپريشن جي نگراني ڪئي اي سي پاران لاڳاپيل ادارن سان رابطا ڪري ماهر غوط خورن ۽ ريسڪيو ٽيمن کي گهرايو ويو بعد ۾ ريسڪيو 1122 جي ٽيم ۽ غوط خور گهوٽي ڪينال ۾ پهچي سرچ آپريشن شروع ڪيو غوط خورن پاران ڪينال جي پاڻيءَ ۾ مختلف هنڌن تي مسلسل ڳولا ڪئي وئي .

[redacted]

ٻڌايو ته سنڌس پٽ شازيب پيٽي تي ٿيل حملي ۾ ڄاڻايل جوابدارن کان علاوه ڪجهه نامعلوم هٿيارٻند مبينا طور ملوث آهن جن سنڌس پٽ تي حملو ڪري کيس سخت زخمي ڪيو زخمي شازيب پيٽي کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سنڌس علاج جاري رهيو هن چيو ته واقعي جي اطلاع ملڻ ڪانپو بي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس ڪارروائي ڪندي هڪ ڄاڻايل جوابدار کي گرفتار ڪيو آهي جڏهن ته ٻين جوابدارن جي گرفتاري اڃا تائين عمل ۾ نه اچي سگهي آهي هن مطالبو ڪيو ته واقعي جي غيرجانبدار ۽ شفاف جاچ کي يقيني بڻائي هن چيو ته اسان جو مطالبو رڳو انصاف آهي جيڪڏهن سنڌس پٽ تي حملو ڪندڙ جوابدار قانون جي گرفت کان بچي ويا ته مستقبل ۾ اهڙا واقعا ٻيهر پيش اچي سگهن ٿا. هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي ۾ ملوث ٻين جوابدارن کي پڻ جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي

[redacted]

ڪيو.پوليس موجب جوابدارن جي قبضي مان 1850 گرام چرس ۽ 9 بوتلون شراب هٿ ڪيون ويون واقعي جا الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن ڪنب پوليس ڪارروائي ڪندي منشيات سپلاءِ جي الزام هيٺ شاهنواز نالي جوابدار کي گرفتار ڪيو پوليس موجب سنڌس قبضي مان 600 گرام چرس هٿ ڪئي وئي، جنهن تي ڪنب ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو.هوڏانهن صوبيديرو پوليس پڻ گشت دوران ڪارروائي ڪري منشيات سپلاءِ جي الزام هيٺ احمد منگنيجو کي گرفتار ڪيو پوليس موجب سنڌس قبضي مان 600 گرام چرس هٿ ڪئي وئي ڪامياب ڪارروائين تي ايس ايس پي امير سعود مگسيءَ پاران پوليس ٽيمن کي شاباشي ڏني وئي

[redacted]

سيمينار کي خطاب ڪندي رياض احمد چانديو چيو ته سنڌ جي حفاظت ڪرڻ لاءِ رت جي آخري ڦڙي تائين جدوجهد ڪندس هن چيو ته 15 آڪٽمبر تي لاڙڪاڻي ۾ سنڌ وحدت جي نالي سان تاريخي ريلي ڪڍي ويندي هن چيو ته سنڌ ۾ نون صوبن جي ڳالهه ڇيڙڻ سنڌ جي وجود تي وار ڪيو پيو وڃي جنهن جي خلاف اسان جي ڀرپور مزاحمت جاري آهي .پيپلز پارٽي قراردادون پيش ڪري خاموشي جو اختيار ڪئي آهي مطلب سنڌ جي وحدت تي پ پ سمجهوتو ڪرڻ چاهي ٿي ايم ڪيو ايم جيڪا دهشتگرد تنظيم آهي اسان سنڌ جي وحدت تي وار خلاف 15 آڪٽمبر تي لاڙڪاڻي ۾ هزارين ماڻهن ريلي ڪڍنداسين ۽ سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي ۾ تاريخي ماڻهن جو سمنڊ سنڌ تي قبضو ڪندڙ ڌرين کي ڏينهن جا تارا ڏيکاريندو.هن چيو ته سنڌ تي ڪو به وار برداشت نه ڪنداسين طاقتوار ڌرين عوام آڏو هميشہ شڪست کاڌي آهي ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ جي هزارين ماڻهن جي زمينن تي قبضا ڪيا پيا وڃن مقامي ماڻهن جي حقن تي ڌاڙو هڻڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

[redacted]

سان 1020 گرام چرس هٿ ڪئي وئي جوابدار خلاف نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو ايس ايچ او پوليس اسٽيشن روهڙي جي خفيه اطلاع تي حد اندر هڪ ڪامياب ڪارروائي ڪئي وئي جوا جي اڏي تي ڇاپي دوران 04 جوارين کي گرفتار ڪيو ويو گرفتار جوابدارن جي قبضي مان تاش بين قسمن جا جوا راند ۽ ڏهه هزار (10,000) نقد رقم هٿ ڪئي وئي جوابدارن ۾ تسليم شيخ راجا موريجي سڪندر ڪالادي ۽ غلام مصطفيٰ رند شامل آهن ڪيس داخل ڪيو ويو جڏهن ته دبر پوليس ٿاڻي جي حد ۾ هڪ ڪامياب ڪارروائي ڪندي سور خان چاچڙ جوابدار کي منشيات گٽڪا ۽ چليا سميت گرفتار ڪيو ويو گرفتار جوابدار جي قبضي مان 100 ڪن گٽڪن جا پيڪٽ هٿ ڪيا ويا

[redacted]

لاءِ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن ۾ ايف بي آر انتظاميا پاران مختلف قسمن جا ٽئڪس لاڳو ڪري ڊاڪٽرن ۽ اسپتال انتظاميا لاءِ نيون مشڪلاتون پيدا ڪيون پيون وڃن هنن چيو ته صحت جي شعبي تي وڌيڪ ٽئڪس لاڳو ڪرڻ جو سڌو سنئون اثر مريضن تي پوندو ڇاڪاڻ ته اسپتالن جا خرچ وڌڻ سبب علاج ڪيسن ۽ ٻين طبي سهولتن جي فيسن ۾ اضافو ٿيڻ جو خدشو آهي.

[redacted]

زخمين کان هڪ زخمي جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي

[redacted]

ڳوٺاڻن شهباز لاشاري، محمد صيفل لاشاري، گل محمد لاشاري بين ڏانهينڊي چيو ته رات جي انڌيري ۾ برادري سان تعلق رکندڙ ماڻهن ڪيلي جي فصل ۾ داخل ڪهاڙين سان 10 ايڪڙن تي بيٺل ڪيلي جي فصل ۾ لڳل لونگر وڍي ڇڏيا آهن جنهن سبب اسان کي 20 کان 25 لک روپين جو نقصان ٿيو آهي اسان بي سيڪشن ٿاڻي تي انهن ماڻهن خلاف اين سي داخل ڪرائي آهي ۾ پوليس نه ڪين گرفتار ڪري ٿي ۽ نه ئي اسان جو ڪيس داخل ڪري ٿي هنن چيو ته ڪيلو وڍيندڙن کي ڳوٺ جي بااثرن جي سپورٽ حاصل آهي ۽ پوليس به انهن بااثرن جي ڪري اسان جو ڪيس داخل نه ڪري رهي آهي هنن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي سليم شاھ کي اپيل ڪئي ته واقعي جي جاچ ڪري ملوث ماڻهن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

[redacted]

ڪار ۾ خانپورمهر کان ڳوٺ وڃي رهيو هو ته ٽرويا ع چوڪ وٽ هٿيارٻندن روڊ تي رڪاوٽون وجهي سندس ڪار روڪي ڇڏي، چار هٿيارٻندن کيس ڪار مان ئي يرغمال بڻائي ورتو جڏهن ته سندس ڀاءُ ۽ سڱوٽ کي آهو ڇٽي ڇڏيو ته وڃي ڀنگ جي رقم جو بندوبست ڪيو فرياد موجب، ون ٽو فائيو تي اطلاع ملڻ بعد پهتل ٻن موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻندن پڻ ڪار ڪان ڌار ٿي روانا ٿي ويا. صحافي عظيم سيال جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن اغوا ڪندڙ هٿيارٻند ٻيهر سامهون اچن ته هو کين سڃاڻي سگهي ٿو ايف آءِ آر ۾ وڌيڪ چاڙيو ويو آهي ته هٿيارٻندن صحافي عظيم سيال کي پنوعاقل پرسان سڌوجا واري علائقي ۾ ڪار مان لاهي پيادل درياهه تائين پهچايو جتان ڪيس ٻيڙي ذريعي درياهه جي ٻئي پار منتقل ڪري هڪ نامعلوم هنڌ تي يرغمال بڻائي رکيو ويو فرياد موجب، هٿيارٻندن سندس وڏي ڀاءُ ايس پي محمد خان سيال کي فون ڪرائي هڪ ڪروڙ رپيا ڀنگ طلب ڪيو ۽ مبينا طور چيو ته ڪيس ڪنهن جي چوڻ تي اغوا ڪيو ويو آهي صحافي عظيم سيال جو چوڻ آهي ته پوليس جو دٻاءُ وڌڻ ڪانپوءِ هٿيارٻندن ڪيس 28 سيپٽمبر تي آزاد ڪري ڇڏيو جنهن بعد هو پوليس وٽ پهتو واضح رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ هٿيارٻندن خانپورمهر جي سينيئر صحافي عظيم سيال کي اغوا ڪيو هو جڏهن ته سنڌس ڪار پنوعاقل پرسان سڌوجا جي

ڪچي واري علائقي سان لاوارث حالت ۾ هٿ آئي هئي پوليس پاران ڪيل آپريشن بعد صحافي عظيم سيال کي بازياب ڪرايو ويو هو پوليس واقعي بابت وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي جڏهن ته ڪيس ۾ نامعلوم جوابدارن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري لاءِ ڪارروائي جاري آهي

عبرت [redacted]

سياستدانن کي نورا ڪشتي واري روايتي سياست کان پاسو ڪري پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جا هٿ مضبوط ڪرڻ گهرجن ڇاڪاڻ ته ملڪ جو مستقبل نوجوان ئي سنواري سگهن ٿا اهڙن خيالن جو اظهار هن چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي سالگرهه جي حوالي سان منعقد تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو نزهت رزاق وڌيڪ چيو ته دنيا تيزيءَ سان ترقي جي راهه تي گامزن آهي جيڪڏهن پاڪستان کي به ترقي جي هن دوڙ ۾ شامل ٿيڻو آهي ته ملڪ جي قيادت نوجوان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري حوالي ڪرڻ ضروري آهي جيئن پاڪستان به ترقي يافته ملڪن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي اڳتي وڌي سگهي هن چيو ته ملڪ ۾ مهانگائي بک ۽ بدحالي جي صورتحال انتهائي سنگين آهي جڏهن ته غريب ماڻهو ٻن وقتن جي ماني لاءِ به پريشان آهي اهڙي صورتحال مان عوام کي ڇوٽڪارو ڏيارڻ ۽ ملڪ کي بحرانن مان ڪڍڻ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي جو ساٿ ڏيڻ ضروري آهي نزهت رزاق چيو ته نوجوان قيادت ملڪ کي نئين سوچ، نئين توانائي ۽ ترقي جي نئين رستي ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿي، تنهن ڪري سمورن سينيئر سياستدانن کي ذاتي ۽ روايتي سياسي اختلافن کان مٿانهون ٿي ملڪ جي بهتر مستقبل لاءِ نوجوان قيادت جو ساٿ ڏيڻ گهرجي

[redacted]

ٿيل زال جي ڳولا ۾ مدد جو مطالبو ڪيو آهي

[redacted]

جي اعليٰ حڪام نئين مئنيجر اوقاف کي خاص هدايتون جاري ڪيون آهن انهن حڪمن ۾ ميڊيا ڳروپن سان سلهاڙيل صحافي برادري سان بهتر ۽ مثبت تعلقات قائم ڪرڻ تي زور ڏنو ويو آهي ڇاڪاڻ ته صحافي طبقو ئي ڪمين ۽ خامين جي نشاندهي ڪندو آهي جن کي ختم ڪرڻ ڪاتي جي ذميواري آهي

[redacted]

خوشي جي لهر ڇانئجي وئي ان موقعي تي تنظيم جي اڳواڻن سيد ثمر شاھ سيد زاهد شاھ شڪر اعجاز ميمڻ ۽ ٻين چيو ته ضلعي جي مختلف علائقن مان آيل غريب بي ٻهچ ۽ بي سهارا ماڻهن خدمت ڪرڻ لاءِ هي پروگرام جوڙيو ويو آهي اسين پنهنجي تنظيم جي پليٽ فارم تان مختلف وقتن تي غريب جوڙن جون اجتماعي شاديون ڪرائي ثواب حاصل ڪندا آهيون ۽ اها ڪوشش جاري رهندي هنن چيو ته غربت ۽ خاص ڪري مهانگائي هجڻ ڪري غريب نوجوان ۽ ناريون شادي ڪرڻ کان لاچار ٿي وڃن ٿا ڇو ته ڪين وسائل ناهن هوندا جنهن سندس وار به اڇا ٿي وڃن ٿا ان ماحول کي ڏسندي اسين غريب جوڙن جون شاديون ڪرايون ٿا ته جيئن الله پاڪ راضي رهي

[redacted]

فيصلا ڪميٽي جي پوري ٽيم سان گڏ صحافي اشرف ڪماڻ جي گهر پهچي سنڌس زخمي پٽ علي حيدر ڪماڻ جي عيادت ڪندي سنڌس خيريت معلوم ڪندي ساڻس دلي همدردي جو اظهار ڪندي واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي ڪيفر ڪردار تائين پهچائڻ جو واعدو ڪيوان موقعي ميرمسرت جعفري صحافي اشرف ڪماڻ کي مخدوم محبوب الزمان پاران زخمي جي علاج و معالج جي مڪمل خرچ پاڻ ڀرڻ جو ٻڌ چيو جڏهن ته ٻئي طرف پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ مخدوم محسن هالا ۾ سينيئر صحافي اشرف ڪماڻ جي حملي ۾ زخمي ٿيل پٽ جي عيادت ڪرڻ ڪانپو ميڊيا سان ڳالهائيندي مخدوم محسن چيو ته سنڌ حڪومت مونجهاري ۽ خوف جو شڪار آهي جنهن سبب پرامن احتجاج ڪندڙ ماڻهن جي به رستا روڪ

ڪئي پئي وڃي هن چيو ته جيڪڏهن حڪومت خوفزده ناهي ته پوءِ عوام کي آزاديءَ سان پنهنجو احتجاج ڪرڻ ڏنو وڃي هن چيو ته هو انتظاميا سان ڪنهن به قسم جو ٽڪراءُ نٿا چاهين پر آزاد حيثيت ۾ پنهنجن سياسي مخالفن جو مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهن مخدوم محسن دعويٰ ڪئي ته مٽياري ضلعي ۾ پيپلز پارٽي مخالف اتحاد قائم ٿي چڪو آهي جنهن جون گڏجاڻيون جاري آهن هن چيو ته اڳ ۾ ڪين جلسو ڪرڻ جي اجازت نه ڏني وئي ۾ هاڻي باقاعده اجازت وٺي عوامي جلسا ڪرايا ويندا جن ۾ ضلعي جي عوام جي ڀرپور شرڪت متوقع آهي پي ٽي آءِ اڳواڻ وڌيڪ چيو ته مٽياري ضلعي جو عوام پڙهيل لکيل ۽ باشعور آهي جيڪو هاڻي سياسي طور سجاڳ ٿي چڪو آهي سنڌس چوڻ هو ته ڏاڍائين واري سياست ڪندڙ پريشان آهن ۽ ايندڙ عام چونڊن ۾ ڪين عوامي طاقت سان ڀرپور مقابلو ڪيو ويندو

روزاني عبرت 3 [redacted]

قدمن ۽ مختلف معاملن بابت پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي تفصيلي آگاهي ڏني ان موقعي تي سنڌ ۾ صنعتي ۽ واپاري سرگرمين جي فروغ، ڪاروباري طبقي کي درپيش مسئلن ۽ صنعت ۽ واپار ڪاتي پاران ڪيل قدمن بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. بلاول ڀٽو زرداري صوبائي وزير کان ڪاتي جي ڪارڪردگي ۽ مختلف معاملن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ جام اڪرام الله ڌاريجو جي ڪارڪردگي تي اعتماد جو اظهار ڪيو

روزاني عبرت 3 [redacted]

زخمي، اسپتال منتقل سڱاوتي جو مسئلو آهي، فيصلو به ٿيو ۾ مخالف ڌر عمل نٿي ڪري: زخمي

[redacted]

هيڊ ماسٽر سومار خان چاڪراڻي گسٽا چاچر نواز علي جي صدر مير محمد خاصخيلي گسٽا يونٽ جي صدر موهن داس يونٽ جي جنرل سيڪريٽري راڻا رومان ارشد علي راجپوت زيشان شيخ ماجد خان راجپوت صدورو خان خاصخيلي وهاب ميمڻ سميت وڏي انگ ۾ استادن گسٽا ضلعي صدر رستم علي نظاماڻي ذوالفقار علي عمراڻي فضل عمراڻي جو گل اجرڪن سان استقبال ڪيو ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي استادن سان سنڌ حڪومت کي پنهنجو رويو درست ڪرڻ گهرجي استاد پنهنجي صفن ۾ ٻڌي رکن ڪنهن جون جنگهون هرگز نه چڪين گسٽا استادن جي حقن جي حاصلات لاءِ هر قدم اڳيان آهي سنڌ جو استاد پاڻ کي اڪيلو نه سمجهن بهترين پروگرام ڪرڻ تي گسٽا چاچر نواز علي جي صدر ۽يونٽ جي باڊي کي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا گسٽا هن وقت ٽائيم اسڪيل جي ايس ٽي ۽ ايچ ايس ٽي جي پروموشن تي ڪم ڪري رهي آهي ان کان اڳ رٽائر ٿيندڙ ٻنهي استادن کي سوين شاگردن ۽ استادن سلامي ڏئي سنڌس خدمتن کي خراج عقيدت پيش ڪيو

[redacted]

اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور ته ڳوٺ ملنگ منگريو جي اسڪول ۾ استاد مقرر ڪري شاگردن جي تعليم بچائي وڃي

[redacted]

جوابدار عبدالقادر قريشي کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو ۽ سزا پوري ڪرڻ لاءِ سکر سينٽرل جيل منتقل ڪري ڇڏيو عدالت جي فيصلي ڪان پوءِ ڪيس جو قانوني مرحلو مڪمل ٿي ويو جڏهن ته پوليس جوابدار کي جيل اختيارين جي حوالي ڪري ڇڏيو

[redacted]

ڪيو ويو ان موقعي تي ڊاڪٽرن چيو ته ايف بي آر جي پي آر ايس پاليسي جو سڌو اثر مريضن تي پوندو جنهن سان غريب عوام لاءِ علاج وڌيڪ مهانگو ٿيڻ جو خدشو آهي هنن مطالبو ڪيو ته ايف بي آر پي آر ايس پاليسي تان هٿ ڪڻي جيئن مريضن تي علاج جو وڌيڪ مالي بار نه پوي حڪومت ان جي حمايت ڪري

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني

HESCO

قومي مقابلي واري بنياد تي آڇون گهربل آهن (NCB 2.0)

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (حيسڪو) پاران انهن فرمن/ادارن کان اي۔آڇون (E-Bids) ورجن 2.0 گهرايون وڃن ٿيون جيڪي قومي مقابلي واري بنيادن (NCB) جي طريقيڪار تحت انڪم ٽيڪس، سيلز ٽيڪس ڊپارٽمينٽ ۽ فيڊرل بورڊ آف ريونيو (FBR) جي ايڪٽو ٽيڪس پيئرز لسٽ ۾ شامل هجن. ته جيئن هيٺ ڄاڻايل سامان جي فراهمي عمل ۾ آڻي سگهجي. هن خريداريءَ جا خرچ حيسڪو جي مقامي فنڊز مان ادا ڪيا ويندا ۽ سامان جي ترسيل فري ڊليوري ٽو ڪنسائني اسٽورز (FCS) جي بنياد تي هيٺ ڄاڻايل اسٽورز تي ڪئي ويندي: ريجنل اسٽور حيسڪو حيدرآباد/ڄامشورو ۽ نوابشاھ.

Tender No.	Item Description	Unit	Quantity	Date & time	
				Submission	Opening
1999/26	25KVA Distribution Transformer	No.	450	23.10.2026 11.00 am	23.10.2026 11.30 am
2000/26	A.A Conductor Ant (Insulated)	km	50		
2001/26	2/C LT Alumn SID Cable 7/.052 (10mm²)	km	410		
2002/26	HT Steel Structure 58' feet long	No.	950		
2003/26	Double Arming Bolt 510X16 MM DA-20	No.	30,000		
2004/26	Dead-End Clamp for Dog Conductor	No.	20,000		
2005/26	Dead End Clamp Assembly 95mm² (Bracket + Clamps)	No.	13,500		
	Dead End Clamp Assembly 70mm² (Bracket + Clamps)	No.	5,700		
2006/26	Suspension Clamp Assembly (Bracket + Clamps)	No.	20,000		
2007/26	Service Anchoring Clamp	No.	10,000		
	Bracket for Service Anchor	No.	4,200		
2008/26	End Caps for 95mm² (ABC)	No.	15,000		
	End Caps for 70mm² (ABC)	No.	6,500		
	End Caps for 50mm² (ABC)	No.	4,500		
2009/26	50KVA Distribution Transformer	No.	585		
2010/26	Meter Security Boxes A-Type CT ratio 200/5 Amp	No.	1,200		

شرط ۽ ضابطا:

1. قاعدن ۽ ضابطن مطابق اي۔آڇ دستاويزات، جن ۾ تفصيلي شرط ۽ ضابطا، ٽيڪنيڪي خصوصيتون، گهرجون وغيره شامل آهن، EPADS ورجن 2.0 تي رجسٽرڊ سيني اهل ۽ دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن لاءِ دستياب آهن. واڪ ڏيندڙن لاءِ لازم آهي ته هو آڇ جي عمل ۾ حصو وٺڻ لاءِ پاڻ کي EPADS ورجن 2.0 تي رجسٽرڊ ڪرايو.
2. اليڪٽرانڪ آڇون مقرر تاريخ ۽ وقت تي EPADS ذريعي جمع ڪرائڻ لازمي آهي. هٿ سان ڏنل آڇون (Manual Bids) قبول نه ڪيون وينديون.
3. سيني اي۔آڇن سان گڏ بڊ سيڪيورٽي (Bid Security)، جنهن جي رقم واڪ دستاويزن ۾ ڏنل آهي، چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر حيسڪو جي حق ۾ پاڪستان جي ڪنهن به شيڊولڊ بئنڪ مان جاري ٿيل بئنڪ گارنٽي (CDR / Bank Guarantee) يا بئنڪرس چيڪ (Banker Cheques) جي صورت ۾ جمع ڪرائڻ لازمي آهي. جيڪا آڇ جو مدو ختم ٿيڻ کان پوءِ وڌيڪ 28 ڏينهن تائين ڪارآمد (Valid) هجي. واڪ ڏيندڙن کي بڊ سيڪيورٽي (Bid Security) جي اسڪين ٿيل ڪاپي EPADS تي اپلوڊ ڪرڻي پوندي. بڊ سيڪيورٽي (Bid Security) جي اصل دستاويز/ايس۔آڇن جي جمع ڪرائڻ جي ڏنل آخري تاريخ ۽ مقرر وقت تائين مئنيجر (ميٽيريل مئنيجمينٽ)، حيسڪو، ڪمرو نمبر 237، واپڊا ڪمپليڪس آفيس، حسين آباد، حيدرآباد ۾ جمع ڪرائڻ لازمي آهي، ٻي صورت ۾ آڇ رد ڪئي ويندي. اليڪٽرانڪ آڇون ان ئي ڏينهن مقرر تاريخ ۽ وقت تي EPADS ذريعي کوليون وينديون.
4. واڪ ڏيندڙن لاءِ لازم آهي ته هو حتمي ۽ قطعي نرخ (Firm and final prices) پيش ڪن. آڇ جي کولڻ کان پوءِ قيمت ۾ واڌ بابت ڪنهن به درخواست تي غور نه ڪيو ويندو. هي اشتهار PPRA جي ويب سائيٽ www.ppra.org.pk، حيسڪو جي ويب سائيٽ www.hesco.gov.pk ۽ EPROCURE جي ويب سائيٽ www.eprocure.gov.pk تي به دستياب آهي.

نوٽ: PPRA رولز 2004 جي شق 48 تحت جوڙيل GRC (Grievance Redressal Committee) جي قيام سان متعلق نوٽيفڪيشن EPADS (www.eprocure.gov.pk) تي دستياب آهي.

PID (H) 91/2026

مئنيجر (MM)، حيسڪو
ڪمرو نمبر 237، واپڊا ڪمپليڪس آفيس، حسين آباد، حيدرآباد
فون نمبر: 022-9260127 اي ميل: mmmhesco@yahoo.com

گمبٽ جي ڪڇي ۾ اريجا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو، 2 زخمي

بهارو شهر ۾ پئسن جي ڏيتي ليتي معاملي تان ڌرين هڪٻئي مٿان فائرنگ شروع ڪري ڏني

گولين لڳڻ سبب عجيب علي ٿلهي تي دم ڏنو ۽ عطاء الله اريجو، حاڪم علي اريجو زخمي ٿي پيا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ۽ زخمين کي ڪڍائي اسپتال منتقل ڪري لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

گمبٽ (رپورٽ : مريد ڏانوري) گمبٽ جي ڪڇي واري علائقي بهارو شهر ۾ اريجا برادري ۾ مبينا پئسن جي ڏيتي ليتي جي معملي تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي هڪ ٻئي مٿان فائرنگ هڪ ڄڻو قتل ٿي ڄڻا زخمي . گمبٽ جي علائقي بهارو ڳاٺي جي حد ۾ بهارو شهر ۾ اريجا برادري جي ٻن ڌرين پئسن جي ڏيتي ليتي جي معملي تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران هڪ ٻئي مٿان فائر ڪئي وڃي فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڌر جو عجيب علي اريجو قتل ٿي ويو بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو سان وڏو وزير مراد علي شاهه، غوث بخش مهر ۽ جام اڪرام الله ڌاريجو گڏ بيٺل آهن

ٽنڊوڄام: ڪنر آئل فيلڊ ۾ مزدوري جي مطالبي تي احتجاج، 25 ڄڻن خلاف ڪيس داخل

پلانٽ جي تعميراتي ڪم ۾ مقامي نوجوانن کي مزدوري ڏيڻ لاءِ ڌرڻو هڻيو ويو

او جي ڊي سي ايل انتظاميا پاران ايف آءِ آر داخل، سالار ناهيون سميت 25 ڄڻن جا نالا ڪيس ۾ شامل

ٽنڊوڄام (ن ا) ڪنر آئل فيلڊ ۾ تعميراتي ڪم ۾ مقامي ماڻهن کي مزدوري تي رکڻ لاءِ احتجاج ڪندڙ ڳوٺ دريا خان ناهيون جي 25 ڄڻن خلاف ٽنڊوڄام ٿاڻي تي ڪيس داخل مقامي ماڻهن پاران عمل جي ندا. خبر موجب ٻه ڏينهن اڳ ڪنر آئل فيلڊ ۾ نئين تعمير ٿيندڙ پلانٽ جي تعميراتي ڪم ۾ مزدوري تي رکڻ لاءِ احتجاج ڪندڙ

حيدرآباد مان ٽنڊو محمد خان واسي 57 ورهين جو شخص پراسرار نموني گم

سياسي سماجي اڳواڻ اسرار احمد عمراڻي قاسم آباد جي پڪوڙا اسٽاپ وٽان گم ٿيو، وارث

گم ٿيل شخص جي مٿي تي اڳوڻي حادثي سبب زخم هو، پوليس ۽ شهري ڳولا ۾ مدد ڪن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد مان ٽنڊو محمد خان جو رهواسي، خانگي بئنڪ جو ملازم ۽ سياسي سماجي اڳواڻ ۾ اسرار نموني گم ٿي ويو جڏهن ته 57 ورهين جو اسرار احمد ڀٽ صديق عمراڻي شام جو گهر نه پهچڻ تي گهر ڀاتي سخت پريشان ٿي ويا. جڏهن ته پر اسرار نموني گم ٿيل جي وارثن جو چوڻ آهي ته اسرار احمد ڀٽ صديق عمراڻي ڪالهه صبح جو 11 وڳي ڌاري قاسم آباد پڪوڙا اسٽاپ وٽان لاپتا ٿي ويو آهي. جڏهن ته اسرار عمراڻي جي اوچتو گم بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

تنڊوالهيار ۾ بيوه عورت جو يتيم نياڻي سان گڏ احتجاج، بااثرن تي گهر مان ٻي دخل ڪرڻ ۽ ڌمڪين جو الزام

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي ڳوٺ طيب ڦيبو جي رهواسڻ بيوه عورت زليخا ڦيبو پنهنجي يتيم نياڻي انسه ڦيبو سان گڏ احتجاج ڪرڻ بعد ٽنڊوالهيار پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ذريعي صحافين آڏو ڏانهيندي چيو ته منهنجي مڙس محمد صادق ڦيبو جي وفات کان پوءِ بااثر پوليس سب انسپيڪٽر محمد سليمان ڦيبو ۽ سندس پٽ محمد جمن ڦيبو 8 سالن کان اسان جي ڏيڍ ايڪڙ زرعي زمين تي قابض رهيا. اسان جو ڪيس 8 سالن کان عدالت ۾ هلندڙ هو 24 سيپٽمبر تي عدالت قبضو خالي ڪرائي زمين اسان جي حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو پوليس ۽ مختيارڪار جهنڊومري 29 سيپٽمبر تي زمين جو قبضو اسان کي ڏياريو آهي جنهن بعد اسان جي زمين تي مذڪوره قبضو ڪندڙ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ صاف پاڻي ۽ بنيادي مسئلن خلاف شهرين جو 18هين ڏينهن به احتجاج

شهرين پاران دهل شرنايون وڄائي ۽ هٿن ۾ ٺوا کڻي پريس ڪلب تائين پيادل مارچ ڪيو ويو

فلٽر پلانٽ ۽ واٽر سپلاءِ اسڪيمون ناڪارا، گندگي ۽ ٽٽل رستن خلاف سخت نعريبازي

شهري بنيادي مسئلن جي حل سڀاڻا احتجاج آهن ۽ انتظاميه جي ڪن تي جوءِ به نه ٿي چري: اڳواڻ

ميهڙ (رپورٽ نعمت الله مهيسر) ميهڙ واسين کي پيئڻ جو صاف پاڻي نه ملڻ، فلٽر پلانٽ، واٽر سپلائي اسڪيمون ناڪارا هجڻ سميت شهر ۾ وڏنڊڙ گندگي ۽ بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي 18 ڏينهن به شهري، سياسي، سماجي واپاري ۽ ميهڙ واسين پاران دهل، شرنائيون وڄائي، هٿن ۾ ٺوا کڻي بيٺو چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين پيادل مارچ ڪري انوکو احتجاج ڪيو ويو مظاهرين بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي ۾ لڪي پيٽروليم جي نئين ريٽيل آئوٽ ليٽ روهان خان فلنگ اسٽيشن جو افتتاح

سي اي او نسيم اختر عباسي ربن ڪاٽي افتتاح ڪيو، انتظاميا ۽ معزز مهمانن جي شرڪت

لڪي پيٽروليم پاران سنڌ ۾ 20 کان وڌيڪ ريٽيل آئوٽ ليٽس فعال هجڻ جو اعلان

سامعين ۾ بيو مڪمل ڪرڻ بيو ئي تعميراتي ڪم شروع ۽ ملڪ ۾ فيول اسٽيبيوشن نيٽ ورڪ وڌيڪ وڌائڻ جو عزم

ڏگهڙي (ن ع) لڪي پيٽروليم پاران 26 سيپٽمبر 2026 ع تي ڏگهڙي ، سنڌ ۾ پنهنجي نئين ريٽيل آئوٽ ليٽ روهان خان فلنگ اسٽيشن جو باضابطه افتتاح ڪيو ويو هي افتتاح سنڌ صوبي ۾ ڪمپني جي وڌندڙ نيٽ ورڪ ۽ ترقي جي سفر ۾ هڪ بيو اهم سنگ ميل آهي افتتاحي تقريب بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي: لڪي پيٽروليم جو سي اي او نسيم اختر عباسي نئين ريٽيل آئوٽ ليٽ جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

خيرپور ضلعي اندر وڌندڙ منشيات خلاف صحافين جي تنظيم پاران احتجاجي ريلي

سوين شاگردن ۽ شاگردياڻين، عورتن، سماجي اڳواڻن ۽ شهرين ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو

منشيات جي ڪاروبار ۾ ملوث عنصرن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

خيرپور واسڻ جو پٽ کي زخمي ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد يتيم شاهه ڪالوني جي رهواسڻ مسمات شمير پٽي پنهنجي زخمي پٽ شازيب پٽي ۽ ٻين وارثن سان گڏ خيرپور پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪئي الزام هنيو آهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ هٿيارٻند سنڌس نوجوان پٽ شازيب پٽي تي مبينا طور قاتلاڻو حملو ڪري ڪيس سخت زخمي ڪري ڇڏيو جنهن ڪانس وارثن ۾ سخت خوف ۽ ڳڻتي پکڙيل آهي. مسمات شمير پٽي پريس ڪانفرنس دوران بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: ڳوٺ ملنگ مگريو جا ٻار اسڪول ۾ ماستر نه هجڻ خلاف احتجاج ڪندي

ميهڙ ۾ پراڻي تڪرار تان فائرنگ، ٻه نوجوان گوليون لڳڻ سبب زخمي

پٽي محلي ۾ موبائل سينٽر اندر راجا ڪوسو کي فائرنگ ڪري زخمي ڪيو ويو

گهنٽا گهر چوڪ پرسان پنڌ ويندڙ ذوالفقار ڪوسو تي موٽرسائيڪل سوارن جي فائرنگ

ٻنهي زخمين کي تعلقا اسپتال ميهڙ مان لاڙڪاڻي ريفر ڪيو ويو، واقعي جي جاچ شروع

ميهڙ (ن ع) ميهڙ جي پٽي محلي وڏيو سينٽر اڳيان ڳوٺ رحم علي ڪوسو جي ڪوسا برادري جي پراڻي تڪرار تان گهنٽا گهر چوڪ موبائل سينٽر ۾ راجا پٽ لونگ ڪوسو کي گوليون هڻڻ بعد پنڌ ويندڙ نوجوان ذوالفقار پٽ علي حسن ڪوسو کي موٽرسائيڪل سوار نوجوان گوليون هڻي فرار ٿي ويو ٻنهي زخمين کي تعلقا اسپتال گمس ميهڙ کان لاڙڪاڻي ريفر ڪيو ويو بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار پرسان ڪيلي جي فصل مان لونگر ڪٽڻ خلاف آبادگارن جو احتجاج

ڦهي اسٽاپ پرسان ڳوٺ صيفل لاشاري جي رهواسين مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

واقعي سبب 20 کان 25 لک روپين جو نقصان ٿيو، اين سي داخل ڪرائڻ باوجود ڪارروائي ناهي ٿي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو نامعلوم ماڻهن 10 ايڪڙن تي بيٺل ڪيلي جي فصل مان لونگر وڍي چڙيا معاشن جو احتجاج خبر موجب ٽنڊوالهيار ويجهو ڦهي اسٽاپ پرسان ڳوٺ صيفل لاشاري جي رهواسين پاران بااثرن جي ظلمن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو آهي موقعي تي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

گمبٽ لڳ هٿيارٻند پوليس اهلڪار کان سرڪاري هٿيار ۽ موٽرسائيڪل ڦري ويا

جانوري ٽيبل وٽ هٿيارٻندن اهلڪار عزيز سولنگي کي يرغمال بڻايو، نه مزاحمت ڪئي

هٿيارٻندن ڪيس زخمي ڪري سرڪار هٿيار ۽ موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ لڳ ڪڇي جي ٿاڻي پريالو جي حد لنڪ روڊ تي جانوري ٽيبل وٽ گشت ڪندڙ پوليس اهلڪار عزيز سولنگي کان نامعلوم هٿيارٻند هٿيارن جي زور تي سرڪار هٿيار ۽ موٽر سائيڪل ڦر ڪري شديد زخمي ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته زخمي پوليس اهلڪار کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ۽ پوليس پاران علائقي ۾ ڌوهارين خلاف سرچ آپريشن شروع ڪيو ويو آهي

پنوعاقل ۾ پرائيويٽ ڪلينڪس ايسوسيئيشن پاران ٽيڪس خلاف احتجاج

مظاهرين ڊاڪٽر روشن، ڊاڪٽر اسماعيل عباسي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ايف بي آر جي پي او ايس پاليسي جو سڌو اثر مريضن تي پوندو، ختم ڪيو وڃي: مظاهرين

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل ۾ پرائيويٽ ڪلينڪس ايسوسيئيشن جو احتجاج. پنوعاقل ۾ پرائيويٽ ڪلينڪس ايسوسيئيشن پاران ايف بي آر جي پي او ايس ٽيڪس پاليسي خلاف او پي ڊي جو بائيڪاٽ ڪري احتجاج ڪيو ويو ڊاڪٽر روشن ڊاڪٽر اسماعيل عباسي ۽ ڊاڪٽر فهيم شيخ جي اڳواڻي ۾ پرائيويٽ ڪلينڪس جي مالڪن احتجاجي مظاهرو بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: آٽوبان روڊ جي هڪ سيڪشن جي تعمير جو ڪم هلي رهيو آهي

حيدرآباد: حيدرچوڪ لڳ روڊ تي گٽرن جو پاڻي بيٺل آهي

هالا ۾ مرحوم صحافي حيات بلوچ جي گهر تي حملو، جوابدارن خلاف احتجاج

جوابدار گهر ۾ داخل ٿي عورتن ۽ ٻارن کي حراسان ۽ موتمار ڌمڪيون ڏنيون آهن: منصور بلوچ

ڪوڏر عرف آڇن منظور ۽ ٻين عورتن ۽ ٻارن کي حراسان ڪيون سامان کي نقصان پهچايو آهي

سنڌ حڪومت، آءِ جي سنڌ ۽ ايس ايس پي مٽياري فوري نوٽيس وٺي قانوني ڪارروائي ڪن

هالا (ت ر) هالا ۾ ناميارو صحافي ۽ ليڪڪ مرحوم حيات بلوچ جي گهر تي حملو . حملي ۾ گهر ڀاتين کي حراسان ڪرڻ ۽ موتمار ڌمڪيون ڏيڻ خلاف معاثر خاندان پاران اعليٰ اختيارين کان تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي تفصيل موجب، هالا پرسان ڳوٺ شڪل چانديو جي رهواسي سينئر صحافي مرحوم حيات بلوچ جي پٽن جاويد حيات ۽ منصور حيات صحافين آڏو ڏانهيندي الزام هنيو آهي ته چانديا برادري جي گل حسن بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڪڪڙ ۾ ڪيميڪل ڪير ۽ مدي خارج شين جو وڪرو جاري

هوٽلن ۽ دڪانن تي مبينا ڪيميڪل ڪير جو وڪرو ڪيو وڃي ٿو: شهري

فوڊ اٿارٽي ۽ اي سي ڪي اين شاهه ملاوٽ ۽ مدي خارج شين خلاف ڪارروائي ڪن

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ۾ ڪيميڪل ڪير مدي خارج ۽ ملاوٽي شين جو وڪرو جاري شهرين فوڊ اٿارٽي ۽ اعليٰ اختيارين کان نوٽس وٺڻ جو مطالبو ان دوران برڪت علي جويو احسان علي مري، فقير عبدالنبي ساريو نديم احمد ملاح، محمد رمضان ٻبر عبدالرزاق ، ممتاز علي، اياز حسين ۽ ٻين چيو آهي ته ڪڪڙ ۾ ڪيميڪل ڪير ملاوٽي ۽ مدي خارج شين وڪرو ڪندڙ ماڻهن خلاف ڪارروائي نه پئي ڪئي وڃي جڏهن ته بار بار احتجاج ڪرڻ ڪانپوءِ به فوڊ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

مٺي: راڻا همير سنگهه سوڍو جي ڊي سي ٿرپارڪر سان گڏجاڻي

ٿرپارڪر ۾ ڏڪار واري صورتحال آهي فوري طور ڏڪار ڊڪليئر ڪئي وڃي: راڻا همير سنگهه

ٿرپارڪر جي ماڻهن جو واحد ذريعو مال تي آهي، رپورٽ اعليٰ اختيارين ڏانهن موڪلي وڃي

مٺي (ڊ-ر) پ پ پ ايم پي اي سنڌ راڻا هميرسنگهه سوڍو ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي سان اهم گڏجاڻي ڪري ڏڪار واري پيدا ٿيل صورتحال خاص طور تي سموري ٿرپارڪر ۾ مال جو گاهه بلڪل نه هجڻ ۽ جڏهن ته ٿرپارڪر جي ماڻهن جو واحد ذريعو مال تي آهي ان لاءِ فورن ڏڪار ڊڪليئر ڪري رپورٽ اعليٰ اختيارين ڏانهن موڪلڻ جو چيو ته جيئن مارو ماڻهن جي سرڪاري سطح تي رليف ڏيارجي.

ميهڙ: بنيادي مسئلن جي حل لاءِ شهري ٺوا کڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

سنڌ يونيورسٽي ۾ آن لائن داخلا فارم جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۾ 2 آڪٽوبر تائين واڌ

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو پاران تعليمي سال 2027 ع تحت بيچلر بي ايس (ٽيون سال) ۽ ماسٽر ڊگري پروگرامن لاءِ آن لائن داخلا فارم جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۾ 2 آڪٽوبر تائين واڌ ڪئي وئي آهي ان سلسلي ۾ سنڌ يونيورسٽي جي ڊائريڪٽر ايڊميشنز پاران جاري ڪيل هڪ پڌرائيءَ موجب اميدوار هاڻي آن لائين فارم ۽ 3000 رپيا پروسيسنگ فيس 2 آڪٽوبر 2026 ع تائين ادا ڪري سگهن ٿا. جاري ڪيل پڌرائي موجب جيڪي اميدوار 30 سيپٽمبر کان 2 آڪٽوبر تائين آن لائين فارم ۽ 3000 رپيا پروسيسنگ فيس ادا ڪندا انهن کي 11 آڪٽوبر 2026 ع تي رکيل انٽري ٽيسٽ جي ٻئي مرحلي ۾ شامل ڪيو ويندو واضح رهي ته هي فيصلو رجسٽريشن کان رهجي ويل اميدوارن کي پنهنجا فارم مڪمل ڪرڻ ۽ داخلا واري بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ ليڪڪ عامر انصاري جي بازيابي لاءِ 53 هين ڏينهن به احتجاج جاري

وارثن سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن ۽ قوم پرست اڳواڻن احتجاجي ڪيمپ جاري رکي

امير انصاري ۽ ٻين گم ٿيل ٻارن ۽ قومي ڪارڪنن کي فوري طور تي بازياب ڪرايو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) ڪهڙا شهر جي رهواسي نوجوان ليڪڪ عامر انصاري جي گمشدگي کي 63 ڏينهن گذري ويا آهن پر اجا تائين سندس ڪو به پتو نه پيو آهي جسقم آريسر ضلعي خيرپور پاران سکر پريس ڪلب جي سامهون سندس بازيابي لاءِ قائم ڪيل احتجاجي ڪئمپ ڏينهن رات جاري آهي جيڪو 53 هين ڏينهن به جاري رهيو عامر انصاري جي خاندان سياسي ۽ سماجي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي گهوڻي ڪينال ۾ ٻڏي ويل 7 ورهين جي شهزاد جي لاش نه ملي

ريسڪيو 1122، ماهر غوطه خورن ۽ نيوي ٽيم پاران مختلف هنڌن تي سرچ آپريشن

تيز پاڻيءَ جو وهڪرو ۽ ڪينال جي گهراڻ سبب سرچ آپريشن ۾ سخت ڏکيائيون

گولاڙچي (ت ر) گولاڙچي لڳ ڳوٺ احمد خان ڪوسو جو رهواسي 7 ورهين جو معصوم شهزاد ولد بشير ڪوسو گهوڻي ڪينال ۾ ٻڏي ويو جنهن ڪانپوءِ سندس وارثن ۽ علائقي واسين پاران پنهنجي مدد پاڻ تحت ڳولا شروع ڪئي وئي واقعي جي اطلاع ملندي ئي وڏي انگ ۾ مقامي ماڻهو بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي: ٻوڙو ٻڏي ويل ٻيڙيگر جي لاش جي ڳولا ڪري رهيا آهن

سنڌ جي حفاظت ڪرڻ لاءِ رت جي آخري ڦڙي تائين جدوجهد ڪنداسين: رياض چانڊيو

نون صوبن جي ڳالهه ڇيڙي سنڌ جي وجود تي وار خلاف پرامن مزاحمت جاري آهي

سنڌ جي وحدت تي وار خلاف 15 آڪٽوبر تي لاڙڪاڻي ۾ هزارين ماڻهن جي ريلي ڪيدانسين

خيرپور (ڊ ر) سنڌ جي اڪائي ورهاڱي جي تحفظ ، سنڌو درياءَ مٿان نوان ڪئنال ڪڍڻ ۽ سنڌ جي هزارين ايڪڙ زمين گرين پاڪستان انيشيٽو ڪارپوريشن جي نالي تي غيرقانوني قبضن خلاف جئي سنڌ تحريڪ جساف پاران خيرپور ۾ سيمينار ڪرائيو ويو سيمينار ۾ جئي سنڌ محاذ جي چيئرمين رياض احمد چانڊيو ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي . ان موقعي تي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ خانگي اسپتالن ۽ ميڊيڪل سينٽرن تي ٽيڪس لاڳو ٿيڻ خلاف احتجاج

ڊاڪٽرن اسپتالون ۽ سينٽر بند ڪري پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو

صحت جي شعبي تي وڌيڪ ٽئڪس لاڳو ڪرڻ جو سڌو سنئون اثر مريضن تي پوندو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ۾ ايف بي آر انتظاميه پاران خانگي اسپتالن ۽ ميڊيڪل سينٽرن تي ٽئڪس لاڳو ڪرڻ واري عمل خلاف سول اسپتال خيرپور جي ڊاڪٽرن پاران خانگي اسپتالون ۽ سينٽر بند ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي ڊاڪٽر ظفر جتوئي، ڊاڪٽر جاويد سمون ۽ ٻين ڊاڪٽرن ڪئي ان موقعي تي ڊاڪٽر اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته خانگي اسپتالن ۽ ميڊيڪل سينٽرن ۾ ڊاڪٽر عوام کي صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ٿاڻي تي صحافي عظيم سيال جي اغوا جو ڪيس 6 ڄڻن خلاف داخل

صحافي جي فرياد تي دهشتگردي ايڪٽ تحت 6 نامعلومن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

پوليس پاران ڪيس داخل ٿيڻ بعد جوابدارن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري لاءِ ڪارروايون شروع

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر جي ڪي ٽي اين نيوز ۽ روزاني ڪوشش جي رپورٽر ۽ سينيئر صحافي عظيم سيال جي اغوا جو ڪيس خانپورمهر ٿاڻي تي دهشتگردي ايڪٽ تحت 6 نامعلوم هٿيارٻندن خلاف داخل ڪيو ويو آهي ڪيس صحافي عظيم سيال جي فرياد تي پينگ لاءِ اغوا جي قلمن تحت داخل ڪيو ويو ايف آءِ آر ۾ صحافي عظيم سيال موقف اختيار ڪيو آهي ته 27 سيپٽمبر 2026 ع تي هو پنهنجي پٽ نور محمد سيال ۽ سئوٽ آفتاب سيال سان گڏ بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ملتان: ٻه لاڏاڻو ٻيڙيگريون رڌپچاءُ ڪري رهيون آهن

ٽنڊوآدم ۽ پرياسي مختلف واقعن ۾ هڪ عورت سميت 12 ڄڻا زخمي

مختلف روڊ حادثي ۾ حسن، وقار، باسط، سليم، انس ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

رولو ڪتن ڏاڙهڻ سبب پارتي ۽ محمد عمر کي وارثن اسپتال منتقل ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۽ پرياسي موٽرسائيڪلن ۽ چنگچي رڪشائن جي ٽڪر ۾ محمد حسن . وقار احمد . باسط . محمد سليم . محمد انس . راوڙو . محمد طارق . اعجاز . حضور بخش ۽ غلام حيدر زخمي ٿي پيا جڏهن ته عورت پارتي ۽ محمد عمر کي ڏار ڏار رولو ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو سمورن زخمين کي علاج لاءِ تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو.

گمبٽ ويجهو ڳوٺاڻن جو اسڪول ۾ استاد مقرر نه ٿيڻ خلاف احتجاج

ڳوٺ ملنگ منگريو واسين قمرالدين، امتياز، امام ڏنو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

9 مهينن کان پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر نه ٿيڻ سبب ٻارن جي تعليم متاثر ٿي رهي آهي

گمبٽ (ت.ر) بير جو ڳوٺ پرسان ڳوٺ ملنگ منگريو جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ گذريل 9 مهينن کان استاد مقرر نه ٿيڻ سبب 400 کان وڌيڪ شاگردن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي ان حوالي سان ڳوٺاڻن قمرالدين امتياز امام ڏنو حاڪم علي عامر علي منگريو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته اسڪول ۾ استاد نه هجڻ ڪري اسان جي ٻارن جو مستقبل تباهه ٿي رهيو آهي ۽ 9 مهينن کان تعليم کاتي کي درخواستون ڏنيون آهن پر ڪو به تدارڪ نه ٿيو آهي هنن تعليم کاتي جي اعلاه بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس پاران سماجي برائين ۾ ملوث 6 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سکر (بيورورپورٽ) ايس ايس پي سکر جي ترجمان موجب سکر پوليس سماجي برائين ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري رکي رهي آهي ڪالهه پوليس مختلف ڪارروائيون دوران 06 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ۽ وڏي مقدار ۾ منشيات ۽ جوا جو سامان ۽ نقد رقم جي برآمدگي جا ڪيس داخل ڪيا. ڪارروائيون هن ريت ڪيون ويون: ايس ايڇ او ٿاڻو آباد جي اسنيپ چيڪنگ دوران هڪ منشيات فروش کي چرس سميت گرفتار ڪيو ويو گرفتار جوابدار پسند خان گولو جي قبضي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: چوري جي الزام ۾ جهليل نوجوان کي ٻڌو پيو وڃي

سکر جي ڊي ايڇ او آفيس جي سامهون نئين چاول ٻار جو لاش هٿ، ايڌي سينٽر سکر حوالي

سکر (بيورورپورٽ) ڊي ايڇ او آفيس جي سامهون گرين بيلٽ مان هڪ نئين چاول ٻار جو لاش هٿ آيو لاش ايڌي سينٽر سکر حوالي ڪيو ويو ايڌي انفارميشن ڊيسڪ سکر پاران جاري ڪيل بيان موجب ڊي ايڇ او آفيس جي پوئين پاسي ڊي ايڇ او آفيس جي سامهون گرين بيلٽ مان هڪ نئين چاول ٻار جو لاش هٿ آيو نئين چاول ٻار جو لاش ايڌي ايمبولينس ذريعي ايڌي سينٽر سکر منتقل ڪيو ويو ۽ پوءِ نئون ڳوٺ قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو

سکر جي عدالت پاران منشيات جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي سخت قيد ۽ ڏنڊ جي سزا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي اسپيشل نارڪوٽڪس ڪنٽرول ڪورٽ ۽ فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج پرديپ ڪمار جي عدالت منشيات ڪيس ۾ فيصلو ٻڌائيندي جوابدار عبدالقادر قريشي کي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 20 سال سخت قيد ۽ 8 لک رپيا جرمانو جي سزا ٻڌائي عدالتي ذريعن موجب جوابدار عبدالقادر ولد نور الرحمان قريشي خلاف 2024 ۾ پنني پوليس اسٽيشن ۾ نارڪوٽڪس ايڪٽ جي سيڪشن 9(1)3 تحت ڪيس داخل ڪيو ويو هو ڪيس جي ٻڌڻي دوران عدالت ۾ پيش ڪيل ثبوتن ۽ ٻين قانوني ڪارروائين کان پوءِ جوابدار کي ڏوهه ثابت ٿيو عدالت جوابدار عبدالقادر قريشي کي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي 8 لک رپيا جرمانو ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو عدالت جي فيصلي موجب جيڪڏهن جرمانو ادا نه ڪيو ويو ته جوابدار کي هڪ سال وڌيڪ سخت قيد ۾ گذارڻو پوندو عدالت جي فيصلي ڪان پوءِ پوليس بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

هنگورجا ويجهو ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر لڳڻ سبب هڪ ڄڻو ٿلهي تي فوت، هڪ زخمي

نيشنل هاءِ وي رسول آباد اسٽاف وٽ حادثي ۾ نوجوان سهيل احمد چنو ٿلهي تي فوت ٿي ويو

حادثي ۾ زخمي اسحاق چنو ۽ لاش ڪڍائي پوليس اسپتال منتقل ڪري لاش وارثن حوالي ڪيو

رهواسين پاران انتظاميا کان روڊ جي تعمير دوران ٽريفڪ جي مناسب انتظام، حفاظتي اپائن وٺڻ جو مطالبو

هنگورجا (رپورٽ : آفتاب پنهور) روڊس ڪمپني جي مبينا نااهلي ۽ روڊ جي خراب صورتحال سبب هنگورجا ٿاڻي جي حد رسول آباد اسٽاف تي خوفناڪ روڊ حادثو ٽرالر جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار هڪ ڄڻو ٿلهي تي فوت هڪ زخمي. هنگورجا ٿاڻي جي حد رسول آباد اسٽاپ وٽ تيز رفتار ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر لڳڻ بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪوئيٽا: ڪابلي انجڻ ج مارڪيٽ ۾ گاڏين جا اسپيئر پارٽ وڪري لاءِ رکيل آهن

ٽنڊوالهيار ۾ عورتن تي حملو ڪري زخمي ڪندڙ جوابدارن خلاف احتجاج

جوابدارن ٻن عورتن کي گولين ۽ ڪهاڙين هٿي زخمي ڪيو آهي: مظاهرين

هڪ زخمي عورت اسپتال ۾ نازڪ حالت ۾ علاج هيٺ، اين سي باوجود ڪارروائي ناهي ٿي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو پير ڪاني لڳ ڳوٺ مصري شاهه جي رهواسين پاران زرعي زمين جي ساميري تي گولين ۽ ڪهاڙين هٿي عورتن کي زخمي ڪندڙ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ڳوٺاڻن ولي محمد ڪلوئي . زندو ڪلوئي . غلام فريد ڪلوئي ۽ ٻين ڏانهيندي چيو ته اسان ڏهه ڳهنٽا زرعي زمين جو ڪورو سوڙل . نجب دين . ارشاد علي ڪلوئي کي مقاطعي تي ڏنو جيڪي هاڻ اسان جي زمين تي قبضو ڪرڻ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ گهر اندران تشدد ڪري قتل ڪيل نوجوان لاش هٿ آيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سچل ٿاڻي جي حد ابوالحسن اصفهاني روڊ تي عباس ٽائون ويجهو واقع اقرا سٽي اپارٽمنٽس فيز 1 جي گرائونڊ فلور واري اپارٽمنٽ مان هڪ نوجوان جو لاش مليس مبينا طور تي ڪيس تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد قتل ڪيو ويو هو واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهتي ۽ ثبوت گڏ ڪرڻ لاءِ "ڪرائيم سين يونٽ" کي طلب ڪيو ان کان پوءِ قانوني ضابطي جي ڪارروائي لاءِ مقتول جو لاش عباسي شهيد اسپتال بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

لوٽي ڪوٽ پرسان زرعي زمين تي قبضي جي مبينا ڪوشش خلاف احتجاج

غلام مصطفيٰ ۽ گل حسن سميت 10 ڄڻن هٿيارن جي زور تي رستا بند ڪيا: مظاهرين

لوٽي ڪوٽ ٿاڻي تي دانهن باوجود ڪارروائي ناهي ٿي، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ٽنڊو لڳ اونڪر ٿئي پاران جي ڳوٺ حمزو شورو جي رهواسي نور احمد شورو محمد حسن شورو پنهنجي گهر ڀاتين سان گڏ پريس ڪلب حيدرآباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو ته سلنن زرعي زمين ديهه سرهاڙو مڪان 71 لڳ لوٽي ڪوٽ ۾ واقع آهي جنهن تي غلام مصطفيٰ، گل حسن سميت ٻين 10 ماڻهن هٿيارن جي زور تي اسان جي اچ وڃ جا رستا بند ڪري ڇوڙي زرعي زمين تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا. جڏهن ته جاڻايل جوابدارن تي قتل اغوا ڦرن هني جي زمينن تي قبضا ڪرڻ چورين ۽ ڦرن جي ڪيسن ۾ ملوث بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ دادو جي صحافي جي پاءُ تي حملي خلاف قلم ڏنين جو احتجاج، جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور دادو جي صحافي عبدالرحمان قمبراڻي جي پاءُ جي هٿيارٻندن پاران حملو ڪري زخمي ڪرڻ واري عمل خلاف ريجنل يونين آف جرنلسٽ جي اڳواڻن سيد شفقت حسين گيلاني عابد حسين مغل غلام عباس پنهور شاهه رخ قريشي خان محمد خان عبدالمجيد پنهور پنهنجي گڏيل بيان ۾ چيو آهي ته صحافي عبدالرحمان قمبراڻي جي پاءُ تي هٿيارٻند ماڻهن جو حملو انتهائي ڳڻتي جوڳو واقعو آهي جنهن جو فوري طور بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ سنت پڳٽ نيٽورام جو ميلو جاري، هزارين عقيدتمندن جي شرڪت

ميلي ۾ رميش ڪمار وانڪواڻي، سشيل ملاڻي، راڻا همير سنگهه ۽ ٻين شرڪت ڪئي

عورتن لاءِ شهر جي هندو برادري پاران مفت ٽرانسپورٽ سروس فراهم، ماڻهو فقير ۽ ٻين ڌنڪارن جا ڀڄڻ ۽ صوفياڻا ڪلام

اسلام ڪوٽ (رپورٽ: سڪندر علي ٻجير) اسلام ڪوٽ جي سماج سڌارڪ هندن جي مهان سنت پڳٽ نيٽورام جو ميلو پوري پارٿي آشرم ۾ ڪالهه بي ڏينهن به جاري رهيو ڪالهه صبح جو هون يگيه ڪري ڏجا صاحب کي اسٽاپن ڪئي ويئي جنهن ۾ ايم اين اي ڊاڪٽر رميش واڪواڻي سميت بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ويجهو ڄڄ سان ويندڙ چنگچي رڪشا ڪٽڻي، هڪ عورت فوت، 4 ڄڻا سخت زخمي

روهڙي ڪئنال وٽ پيش ايندڙ حادثي ۾ غلام نبي ڪلهوڙو جي گهرواري ٿلهي تي دم ڏئي ڇڏيو

علائقي واسين حادثي ۾ ٻن ٻارڙن سميت زخمي ٽن عورتن ۽ لاش کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو، شاديءَ جون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون

نوشهروفيروز (رپورٽ: شاهد علي چنه) نوشهروفيروز ويجهو ڄڄ سان ويندڙ چنگچي رڪشا جو ٽائر نڪري وڃڻ ڪري ڪٽڻي ٿيڻ جي نتيجي ۾ هڪ عورت موقعي تي فوت جڏهن ته ٻي عورتون ۽ ٻه ٻارڙا سخت زخمي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪرنڊيجي جي مختلف يو سيز ۾ ايم اين اي نفيسه شاهه جي هدايتن تي غريبن ۾ مجرداڻيون تقسيم ڪيون ويون

گمبٽ (ت ر) پ پ ايم اين اي خيرپور ڊاڪٽر سيد نفيسه شاهه جيلاني جي خاص هدايت تي تعلقي ڪرنڊيجي جي مختلف يو سيز جي مختلف ڳوٺ ۾ غريب مسڪينن ۾ مجرداڻيون تقسيم ڪيون ويون پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪز اڳواڻ قومي اسيمبلي جي ميمبر خيرپور بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ڪسٽم ڪلڪٽر ڊاڪٽر ناصر خان ضبط ٿيل گاڏين جي نيلامي بابت ٻڌائيندي

خيرپور پوليس پاران 6 جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

مختلف هنڌن تي ڇاپا هڻي جمال الدين بگٽي، روشن موريجو، فائق لاشاري ۽ ٻين کي گرفتار ڪيو: پوليس

جوابدارن جي قبضي مان 1850 گرام چرس ۽ 9 ٻوتلون شراب هٿ ڪري الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا

خيرپور (رپورٽ: عبدالمجيدپنهور) خيرپور ضلعي پوليس پاران منشيات جي وڪري ۽ سپلاءِ ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري رکندي مختلف ڪارروائين دوران وڌيڪ 6 ڄڻن کي گرفتار ڪري ستن قبضي مان 3050 گرام چرس ۽ 9 ٻوتلون شراب هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي شاهه لطيف ٿاڻي جي پوليس گشت دوران مختلف هنڌن تي ڪارروائيون ڪندي 4 ڄڻن جمال الدين بگٽي، روشن موريجو فائق لاشاري ۽ ثاقب مغل کي گرفتار بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پريس ڪلب ۾ ٿيل پروگرام ۾ سياسي سماجي ڌريون شريڪ آهن

ٽنڊوآدم ۾ شادي شده عورت پاران آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش، اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ 21 سالا شادي شده عورت عالم زال محمد عمر گهرو مسئلن سبب زهريلي جيت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم ۾ داخل ڪيو ويو آهي .

ملڪ ۾ جاري بحرانن جو حل صرف ۽ صرف پيپلز پارٽي وٽ آهي: نزهت رزاق

سياستدانن کي روايتي سياست کان پاسو ڪري بلاول ڀٽو جا هٿ مضبوط ڪرڻ گهرجن

دنيا تيزيءَ سان ترقي جي راهه تي گامزن آهي، پاڪستان کي هن دوڙ ۾ شامل ٿيڻو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ): پاڪستان پيپلز پارٽي جي عورتاڻي ونگ جي اڳواڻ نزهت رزاق چيو آهي ته ملڪ ۾ جاري هر قسم جي بحرانن جو حل صرف ۽ صرف پاڪستان پيپلز پارٽي وٽ آهي سينيئر بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: پ پ اڳواڻ نزهت رزاق ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

سکر واسي پاران 17 ڏينهن اڳ پراسرار طور گم ٿيل زال جي ڳولا ۾ مدد جي اپيل

سکر (بيوروورپورٽ) سکر جي علائقي بچل شاهه مياڻي جي رهواسي ديدار شيخ پنهنجي گم ٿيل زال گلشاد عورت جي ڳولا جي سلسلي ۾ سکر پريس ڪلب کي اپيل ڪندي چيو ته 17 ڏينهن اڳ منهنجي زال گهر ڇڏي وئي ۾ هوءِ اڃا تائين وطن واپس نه ٿي سگهي آهي، سندس ذهني توازن صحيح ناهي هوءِ هر هنڌ هن کي ڳولي نه رهي آهي پر ان بابت ڪجهه به نه مليو آهي پوليس کي به اطلاع ڏنو ويو پر پوليس به ڪيس ڳولي نه سگهي آهي مقتول اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي گم بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ صوبائي وزير جي پي آءِ جي صحافي اشرف ڪماڻ جي زخمي پٽ جي عيادت

ميرمسرت جعفري صحافي اشرف ڪماڻ جي گهر پهچي علي حيدر ڪماڻ جي عيادت ڪئي

مير مسرت جعفري پاران زخمي نوجوان جي مڪمل علاج جو خرچ مخدوم محبوب الزمان طرفان پرڻ جو اعلان

پي ٽي آءِ اڳواڻ مخدوم محسن پڻ زخمي نوجوان جي عيادت ڪئي، سياسي سرگرمين ۽ جلسن بابت بيان

هالا (ت ر) هالا جي سينيئر صحافي محمد اشرف ڪماڻ جي پٽ تي منشيات وڪرو ڪندڙن پاران قاتلاڻو حملو ڪندي ملس گولين هڻائي نوجوان علي حيدر ڪماڻ کي شديد زخمي سرڱينگ ڪرڻ جي واقعي بعد صوبائي وزير خوراڪ مخدوم محبوب الزمان جي پي اي ميرمسرت جعفري پنهنجي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ سماجي تنظيم پاران 33 غريب جوڙن جي شادي ڪرائي وئي

تقريب دوران جوڙن ۾ پوڻا 2 لک روپين جي گهرو سامان جو ڏاج پڻ ڏنو ويو

نوشهروفيروز (رپورٽ: شاهد علي چنه) نوشهروفيروز جي خانگي شادي هال ۾ ملس ميريج تنظيم جي طرفان 33 غريب جوڙن جي شادي ڪرائي وئي تقريب ۾ معززن جي شرڪت اصغر ۽ ضلعي نوشهروفيروز جي تعاون سان پوڻا 2 لک روپين جي گهرو سامان جو ڏاج ڏنو ويو غريب جوڙن ۾ بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

درگاهه حضرت لعل شهباز قلندر سيوهڻ ۾ انتظامي غفلت ڪندڙ اوقاف آفيسر کي هٽايو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) درگاهه حضرت لعل شهباز قلندر سيوهڻ ۾ انتظامي غفلت ڪندڙ آفيسر ۽ صحافين خلاف غلط فهمي تي ٻڌل پريس بيان جاري ڪرڻ جو سبب بڻجندڙ مئنيجر اوقاف سيوهڻ سرڪل غلام رسول سومرو کي عهدي تان هٽايو ويو آهي انتظامي معاملن جي بهتري لاءِ سيد محمد علي شاهه کي نئون مئنيجر اوقاف مقرر ڪيو ويو آهي، جنهن چارج سنڀاليندي ئي پنهنجون ذميواريون نڀائڻ شروع ڪري ڏنيون آهن اوقاف کاتي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

بلاول ڀٽو زرداري سان صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو جي ملاقات

صوبائي وزير کاتي جي ڪارڪردگي ۽ مختلف معاملن بابت تفصيلي آگاهي ڏني

گهوٽڪي (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان سنڌ جي صنعت ۽ واپار کاتي واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو بلاول هائوس ڪراچي ۾ اهم ملاقات ڪئي ملاقات دوران صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو پنهنجي کاتي جي ڪارڪردگي، جاري بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ويجهو ٽانوري برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، 15 ڄڻا زخمي

ڳوٺ الهيار ٽانوري واسين ڌرين ۾ سڱاوتي معاملي تان جهيڙو ٿي پيو

زخمي شريف، محراب، عبدالله، سهراب، ابراهيم، نذير ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

پنوعاقل (ن ع) پني عاقل لڳ سڱاوتي تان ٽانورين ۾ جهيڙو، 15 ڄڻا زخمي ڪينٽ ٿاڻي جي حد ڳوٺ الهيار ٽانوري ۾ جهيڙو محمد شريف، محراب، عبدالله، سهراب، محمد ابراهيم، نذير احمد زخمي ٿي ڌر جا پيراڻي محمد علي، مائي گل بانو، مائي خديجه، مائي بيگم، مائي رحيمان ۽ ٻيا بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

پيراڻي بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول جي ٻن استادن کي رٽائر ٿيڻ تي الوداعي تقريب ڏني وئي

جام نواز علي (ن ع) گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول پيراڻي ۾ ٻن معزز استادن محمد ايوب شيخ ۽ منظار ڪلوئي جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي سندن مان ۾ هڪ الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي آهي جنهن ۾ ضلعي صدر گسٽا رستم علي نظاماڻي سنڌ جي نائب صدر فضل الله عمراڻي جنرل سيڪريٽري ذوالفقار علي عمراڻي هيڊ ماسٽر حسن علي نقوي اڳواڻي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: حد دخليون ڇاڻائي اڏاوتون ڊاهيون پيون وڃن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.